ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾

جولس فوچڪ

ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾

جولس فوچڪ

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
1984ع

23.2.1984

اسين پنهنجي ديس سان پيار ٿا ڪريون، ان ڪري
ان کي آزاد ڏسڻ ٿا گهرون. اسين پنهنجي وطن سان
پيار ٿا ڪريون، ان ڪري، وطن جي گهٽائيءَ وارن
محڪوم ماڻهن جي، آزاديءَ لاءِ، وڙهي رهيا آهيون.*

جولس فوچڪ

ٽائيٽل ڊزائين: عبدالرسول
سنڌيڪار : نورخان

ڇپيندڙ : لاهوت آرٽ پرنٽرز، هوم اسٽيڊ هال، چاڙهي
حيدرآباد (سنڌ).

ڇپائيندڙ : علي نواز گهانگهرو

سال : اڻويهه سؤ چوراسيءَ جو فيبروري مهينو

ڇپائيتو : هڪ هزار

قيمت : ويهه رو

پنهنجي پاران

نازيت: جنهن جي نالي سان، ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي کان، ظلم، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، چاتو سڃاتو ٿو وڃي، ان نازين جي مشينريءَ جا پرزا، نازي آفيسر، جيڪي انساني وجودن کي ڏنڀ ڏئي، پاڻ وندرائيندا هيا، جن لاءِ انساني جسمن کي عذاب ڏيڻ چڻ ڪا وندر هوندي هئي ۽ سي- آئي- ڊي وارن جو ڪم، رڳو سڃاڻپ نگاهن وارن، عوام دوست ماڻهن جا پيرا نوسڻ هوندو هو- ان دؤر ۾ جڏهن نازي حاڪم ڏولن جي لانڙين جي، عوام دوست ماڻهن جي وک وک تي ڪرڙي نظر هوندي هئي؛ انهن ئي نازيت جي اوج وارن ڏينهن ۾، هڪ چيڪ قوم جي سورهه ۽ سچيءَ دنيا جي مظلومن جي جگري دوست جولس فوچڪ، جنهن جي عمل کان نازيت جو ڊپ، اصل ۾ عوام جي اٿندڙ لهر کان ڊپ هيو. جيڪو فوچڪ ۽ هن جهڙن ٻين عوام دوست انقلابي اڳواڻن جي عمل جو نتيجو هيو. تن مڙني، عوام دوست انقلابين کي، نازي، ڳولي لهڻ ۾، ۽ گرفتار ڪرڻ ۾ ته، ڪامياب ٿي ويا، پر انهن مٿان نازيت پاران جيڪي، ظلم ڪيا ويا. هن ڪتاب ۾ اهي ظلم جون لنگ ڪانڊاريندڙ وارداتون پڙهي، جن ۾ نازيت بي درديءَ ۽ ظلم جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا

هياه پر ان سان گڏ، انهن اجگر جيڏي ارادي ڏٺين، عوام دوست اڳواڻن جن مٿان، نازيت اهي ظلم ڪياه تن جي مقصد سان سچائي ۽ سهپ ۽ موت جي منهن ۾ هوندي به مقصد لاءِ سندن پراميد، تاثر پڙهي ڪين لاءِ ذهن ۾ رحم جو جذبو جاڳڻ بجاءِ، هر ڪاهل ۽ ڏيڄو ماڻهوءَ جو ضمير جاڳي ٿو پوي.

جسم جي هر نس ۾، رت جي بجاءِ، عوام دوست ۽ انقلابي جذبا، ڊوڙڻ ٿا لڳن.

انهن عوام دوست اڳواڻن مان جيڪي نازي ڌارجر سيان ۾ سوڙي پري رهيا هئا ۽ نازي جيلن ۾ پنهنجي پنهنجي موت جو بنا ڪنهن ڪنڪي جي انتظار ڪري رهيا هيا، تن مان وري فوچڪ جي حيثيت، مڙني کان مٿاهين هئي. هن (ٿوري پين سيني ترقي پسندن) هڪ ترقي پسند، عملي انقلابي هئڻ جي ناتي، ظلم جي اڳيان جهڪڻ يا ظلم جي هوندي، چپ رهڻ بجاءِ، ذهني طور پنهنجي وجود کان ڪنجي، پنهنجي مقصد سان سچائي پئي ڏيکاري، هن آخري گهڙيءَ تائين پاڻ ۾ ڪا لچڪ نہ آندي، تان جو ڪيس جي مقصد سان سچائيءَ اڳيان، نازيت هٿيار ڦٽا ڪياه.

هن سورهيہ جي مقصد سان سچائي کي اڻ سڌيءَ سلاسيءَ طور، ڪيس ڦاسيءَ چاڙهي، نازيت نہ رڳو فوچڪ جي مقصد سان سچائيءَ ۽ هن جي انقلابي جذبي هٿان شڪست کاڌي، پر ان کان ڪجهہ پوءِ فوچڪ جي

مقصد هٿان پڻ، نازيت ذلت واري شڪست کاڌي. فوچڪ جي ڏينهن، توڙي نازيت جي جم گهر ۾ پڻ، عوام دوست طبقن جي مستقل سوڀ تي ۽ نازيت مري کپي وئي- فوچڪ جو اهو مقصد لڳاتار سوڀون ماڻيندو رهيو. اڄ فوچڪ نالي پر فوچڪ جا اربين ساٿي سوڀون ماڻي چڪا آهن ۽ باقي رهيا کهيا به پنڌ ۾ آهن.

۽ فوچڪ جيڪو: پنهنجي مقصد کي جيئري رکڻ لاءِ ڦاسي چڙهي ويو. سو توهان اسان سڀني جي دلين ۾ جيئرو جاڳندو ويٺو آهي. پنهنجي مقصد جي جيئري هجڻ واري صورت ۾، ۽ هيءَ انسورهه سورميءَ جي، جيل جي ڦاسيءَ گهاٽ ۾ گهاريل انهن گهڙين جو عڪس آهي جيڪي هن جسماني طور تي چڙي چڙي گهاريون، پر ذهني طور تي ڦڙت ۽ نئون بڻو رهيو ۽ زندگي ڏانهن سندس رويو آخري گهڙي تائين هڪ ترقي پسند وارو رهيو.

ـــادارو

مهاڳ

هڪ انگريز ليکڪ آئرس مورلي پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، ”ڪنهن انسان کي قتل ڪرڻ منهنجي آڏو سڀ کان وڌيڪ خراب ڳالهه نٿي ٿي سگهي.“

نازي ته انسانن کي قتل ڪرڻ کان به وڌيڪ خراب عقوبتون ڪرڻ ۾ ماهر هئا. جهڙوڪ: جسماني عذاب ڏيڻ، غير انساني حرڪتون ڪرڻ ۽ هڪ انسان جي دماغي قوت گهٽائڻ.... نازين لکين انسانن کي جسماني ۽ دماغي طرح ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر تنهن هوندي به ڪيترا اهڙا انسان هئا جن جو جسم وڍڻ ۽ دل ڪنبائيندڙ اذيتون ڏيڻ سان به، نازي کين جهڪائي نه سگهيا.

جولس فوچڪ کي جسماني عذاب ڏيڻ ۽ ذهني طور ختم ڪرڻ ۾ دهشت جو هر اهو طريقو ڪتب آندو ويو جنهن کان نازي واقف هئا. پر جڏهين جولس فوچڪ جو جسم وڃي رڳو چم ۽ هڏ بچيو هو ۽ فقط منجهس ساهه جي تند هئي تڏهين به هن ڪتاب جو سورمو هنن ظالمن کان ذهني توڙي جسماني طور بلند هو. نازين هن کي ماري ڇڏيو، پر کيس ختم نه ڪري سگهيا. جولس جي زنده لفظن ۾ سندس وفات نامو توهان جي

اڳيان آهي. سندس پنهنجي وطن جي ماڻهن سان پيار ۽ منجهن عقيدي جي اظهار جو هر لفظ موت جي پاڇي ۾ لکيو ويو.

اوهين هي ڪتاب پڙهو. ڪتاب پورو ڪري پنهنجي دل جي سچائيءَ سان حقيقي رستي تي هلڻ لاءِ پاڻ کان سوال ڪريو ته زندگي جو اهو ڪهڙو فلسفو هو جنهن هن ماڻهو جو پاڻ ۾ ۽ ٻين انسانن ۾ ڀروسو قائم رکيو.

هن ڪتاب جي دل ڏارينڊڙ واقعن کان اصل نه ڊڄجو، چاڪاڻ ته ڪتاب پوري ڪرڻ کانپوءِ توهان دهشتي واقعن بابت نه پر انهن جي هيرو بابت سوچيندو.

جيمس آلڊرج

ڳستا فوچيڪ وا طرفان پيو اکر

روينسبروڪ واري نظربندي ڪئمپ ۾ مونکي هڪ قيديءَ ٻڌايو ته، ”٢٥ آگسٽ ١٩٤٣ تي برلن ۾ هڪ نازي ڪورٽ سنهنجي مڙس جولس فوچڪ کي موت جي سزا ڏني آهي جيڪو، ”رودي پراوو“ ۽ ”تووربا“ اخبارن جو ايڊيٽر هو. پنهنجي جيون ساٿي جي آئنده بابت سوال سنهنجي ذهن ۾ اُئين اچڻ لڳا جئين پڙاڏا ڪئمپ جي بلند ڀتين سان ٽڪر کائي موٽندا هجن.

مئي ١٩٤٥ ۾ هٽلر جي هار کانپوءِ نازين جي جيلن ۽ نظربندي ڪئمپن مان قيدين کي آزاد ڪيو ويو. هي اهي قيدي هئا جيڪي فسطائين جي عذابن سبب موت يا انهن جي هٿان قتل ٿيڻ کان بچي ويا هئا.

آئون پنهنجي آزاد وطن موٽي آيس ۽ پنهنجي ور جي ڳولا شروع ڪيم. آئون انهن لکين انسانن وانگر هيس جيڪي پنهنجا ور، زالون، ٻچڙا، ابا ۽ ساٿرون ڳولي رهيا هئا ۽ ڳولي رهيا آهن، جن کي ظالم جرمن عذاب ڏيڻ لاءِ، پنهنجي عذاب ڏيڻ جي بي شمار مرڪزن ڏانهن وٺي ويا هئا.

مون کي خبر پيئي ته جولس فوچڪ کي موت جي

سزا ماڻ کان ۱۴ ڏينهن پوءِ ۸ سيپٽمبر ۱۹۴۳ تي برلن ۾ ڦاسي ڏني ويئي.

مون کي اهو به معلوم ٿيو ته پانڪريڪ جيل ۾ فوچڪ ڪجهه لکيو هو. اهو ڪم جيل جي نگهبان ايڊولف ڪولنسڪي جي مدد سان ئي ممڪن ٿيو. هن منهنجي مڙس کي سندس جيل جي ڪوٺڙي ۾ ڪاغذ ۽ پينسل آڻي ڏنا ۽ لکيل ڪاغذ هڪ، هڪ ڪري جيل کان ٻاهر نيندو رهيو.

مون جيل جي نگهبان سان ماڻ جو انتظام ڪيو ۽ آهستي آهستي جولس فوچڪ طرفان پانڪريڪ جيل ۾ لکيل مواد گڏ ڪيو. انهن نمبر لڳل صفحن کي ترتيب ڏنم جيڪي جدا جدا ماڻهن وٽ جدا جدا هنڌن تي لڪايا ويا هئا ۽ هاڻي پيش ڪري رهي آهيان.

هي فوچڪ جي آخري تصنيف آهي.

گستا فوچيڪووا

پراگ، سپٽمبر ۱۹۴۵

پانڪريڪ جي گيسٽاپو جيل ۾
١٩٤٣ جي ٻهار ۾ لکيو ويو

اٿينشن جي حالت ۾ ويهڻ، جڏهن جسم ڪاٺي وانگيان سڌو ۽ هٿ گوڏي تي پيڙيل هجن ۽ اکيون پيتسچڪ محل ۾ ”گهروجيل“ جي ڦڪن پٿين تي گهورينديون هجن- اها حالت سوچ لاءِ يقينا سازگار نہ آهي.

اٿينشن جي حالت ۾ ويهڻ لاءِ خيال کي ڪير آماده ڪري ٿو سگهي؟

ڪنهن شخص هڪ ڀيرو چيو هو تہ ”پيتسچڪ محل ۾ ”گهرو جيل“ سينيما آهي“. ڪير هو ڪٿي اها ڳالهہ ڪيائين، تنهن بابت اسان کي شايد ڪڏهن بہ خبر نہ پئجي سگهي. پر اها سياڻپ جي هڪ جهلڪ هئي. هڪ وڏو ڪمرو جنهن ۾ ڇهہ ڊگها بينچ هڪ ٻئي جي پٺيان پيا آهن جن تي پچا ڳاچا لاءِ سخت بدن وارا قيدي ويٺل آهن ۽ سندن اڳيان هڪ سينيما جي پڙدي وانگيان خالي ڀت آهي. سڄي دنيا جي فلم ٺاهيندڙن ايتريون فلمون نہ تيار ڪيون آهن جيتريون آڏي پچا جي انتظار ۾ عذاب ۽ موت لاءِ ويٺل قيدين جي اکين انهي ڀت تي وڏيون آهن. اهي فلمون سڄين

زندگين يا هڪ زندگي جي تفصيلي نظارن بابت آهن. مائرن، زالن، ٻارن، هڪ تباهه گهر يا ڪٽنب لاءِ ڳڀي ڪمائيندڙ جي موت بابت فلمون، هڪ سورهيه ساٿي، ڪنهن جي غداري يا ان ماڻهو بابت فلمون، جنهن کي مون اهو ڇپيل پنو ڏنو هو، هڪ دفعو وري رت وهڻ بابت يا مون سان مضبوط نموني هٿ ملائي مون کان وعدي وٺڻ بابت فلمون، خوف ۽ پختي ارادي، نفرت ۽ محبت، انتظار ۽ اميد سان پر فلمون زندگي ۾ هرڪو ماڻهو ڏهاڙي پنهنجي اکين اڳيان مري ٿو، پر انهن مان هرڪو وري ٿئو جمي.

هت مون پنهنجي فلم ۾ سوين پيرا ڏني آهي ۽ هزارين دفعا ان جا تفصيل جاچيا اٿم. پر هاڻي آئون هڪ پيرو ان جي آڪائي ۾ڏائڻ جي ڪوشش ڪندس. جيڪڏهين ان کي پوري ڪرڻ کان اڳ منهنجي ڳچي ۾ پيل ڦاسي جو نوڙ ڇڪيو ويو، تڏهين بہ آئون لکين انسان پنهنجي پويان ڇڏي ٿو وڃان جيڪي انجي "خوشيءَ واري ڀڄاڙي" لکندا.

باب پهريون

چوويهہ ڪلاڪ

پنجن منٽن کانپوءِ گهڙيال ڏهہ وڄائيندو. ٢٤ اپريل ١٩٤٢ بهار جي سهڻي ۽ دل ڏاريندڙ شام.

آئون منڊي پوڙهي جي ويس ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو جيلينڪ جي گهر ڏانهن وڃي رهيو آهيان، تہ جيئن گهر جي دروازي بند ٿيڻ کان اڳ اتي پهچي وڃان. منهنجو "نائب" مائريڪ اتي منهنجي انتظار ۾ آهي. خبر اٿم تہ ڪيس هن وقت مون کي ڪا بہ ضروري ڳالهہ ٻڌائڻي ڪانہ آهي ۽ نہ وري مون کي ڪجهہ چوڻو آهي. پر ميٽنگ مقرر ڪرڻ کان پوءِ نہ اچڻ جي ڪري پريشاني ٿئي ٿي. آئون خاص ڪري انهن ٻن نيڪ انسانن، يعني اسان جي مهمانن کي اجائي پريشاني ڏيڻ نٿو گهران.

هو چانهہ جي ڪوپ سان منهنجي آجيان ڪن ٿا. مائريڪ تہ اڳئي اتي انتظار ۾ آهي ۽ فرائيڊس بہ اتي آهي. انهي جو شايد اوهان خيال بہ نہ ڪريو. ساٿيو، آئون اوهان سان ملڻ پسند ڪندو آهيان، پر هن نموني سيني کي هڪ هنڌ تي گڏ نہ. اهو رستو پڪ سان اسانکي جيل ۽ موت ڏانهن وٺي ويندو. يا تہ توهان سازش جي اصولن مطابق هلو يا ڪم ڪرڻ بند ڪريو.

چاڪاڻ تہ ھن طرح سان توھان پاڻ کي ۽ ٻين کي خطري ۾ وجھي رھيا آھيو. سمجھيو؟

”ھا، سمجھيوسون.“

”سون لاءِ ڪجھہ آھي ڇا؟“

”اخبار رودي پراوو جو يوم مئي وارو پرچو.“

”سٺو. مائريڪ تون حال ڏئي.“

”ڪا خاص ڳالھہ نہ آھي جو ٻڌايان. ڪم ٺيڪ پيو ڏو ھلي.“

”چڱو. وري يوم مئي ڪانپوءِ ملنداسون. آئون اوھان کي اطلاع ڏياريندس. آئون ٻلا ھلان ٿو“.

”ھلي، ھڪڙو پيو ڪوپ چانھہ جو؟“

”مادام جيلنيڪووا، مھرباني. اسين ھت تمام گھڻا ويٺا آھيون.“

”مھرباني ڪري فقط ھڪ ڪوپ چانھہ جو پيو....“

تازي نھيل چانھہ سان ٻاڦ نڪري رھي آھي.

ٻاھر ڪو ماٺھو گھنٽي وڄائي ٿو. رات جي ھن ويل ڪير ٿي سگھي ٿو؟ ملاقاتي بي صبرا ٿا ڏسجن. دروازي تي ڏڪن جا ڌڪا ٿين ٿا.

”دروازو کوليو!“

پوليس،!

جلدي درين ڏانھن ڀڄو! سون وٽ پستول آھي. آئون ھت ئي رھندس ۽ منھن ڏيندس تہ توھان کي ڀڄڻ جو موقعو ملي.

وقت هليو ويو! گيسٽاپو جا ماڻهو درين هيٺان بيٺا
آهن ۽ سندن پستولن جا منهن ڪمري ڏانهن آهن.
سادن ڪپڙن ۾ پوليس وارا در ڪان گهڙن ٿا ۽ بورچيخاني
مان تيندا ڪمري ۾ اچن ٿا. هڪ، ٻه، ٽي نو ماڻهو.
هو مون کي نتا ڏسي سگهن، ڇاڪاڻ ته آئون ڪايل
در جي تاڪن جي آڙ ۾ هنن جي پٺيان بيٺو آهيان.
آئون بنا ڪنهن رنڊڪ جي گولي هلائي سگهان ٿو.
پر ۹ پستولن جا منهن ٻن بي هٿيار عورتن ۽ ٽن مردن
ڏانهن آهن. جيڪڏهن رڳو آئون پاڻ کي گولي هڻان
ته به پوليس وارا گولين جو وسڪارو ڪري ڇڏيندا.
اهي ٻه عورتون ٽي مرد بي گناهه مري ويندا. جيڪڏهن
مون گولي نه هلائي ته شايد هو سال اڌ جيئرا رهن
۽ انقلاب هنن کي زنده جيل مان ڇڏائي. فقط مائريڪ
۽ آئون نٿا بچي سگهون. هو اسانکي عذاب ڏيندا، جو
مونکان ته ڪجهه به معلوم ڪري نه سگهندا. مائريڪ
هنن کي ٻڌائيندو؟ هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو اسپين جي
جنگ جي وچ ۾ غيرقانوني نموني فرانس مان پراگ آيو
هجي ـــ نه هو به ڪين ڪجهه نه ٻڌائيندو. مون وٽ
فيصلي ڪرڻ لاءِ فقط ٻه يا ٽي سيڪنڊ آ ن. جيڪڏهن
مون پاڻ کي گولي هڻي ته آئون ڪجهه ٻن نه بچائي
سگهندس. فقط پاڻ کي عذاب کان ڇڏائي سگهندس. پر
چار ساٿي اڳايو مرندا ائين آهي نه؟
ها!

نيڪ!
آئون لڪ مان نڪري ٿو اچان.
هاها... هڪ وڏيڪ!"
پهريون ڏونشو مونکي سنهن ۾ شايد ڪيرائڻ لاءِ هنيو ويو هو.
"هٽ متي ڪر!"
ٻيو ڏونشو، ٽيون ڏونشو.
ائين ئي مون تصور ڪيو.
ڪجهه وقت اڳ هڪ سهڻي نموني ۾ سينگاريل گهر، هاٿي هيٺ لٽڙيل پکڙيل سامان ۽ پگهل ٽٽل شيشن جو ڍير هو.
وڏيڪ ڏونشا ۽ لتون.
"هل!"
مونکي هڪ موڙ ۾ وڌو ويو هٿن جي پستولن جا منهن مون ڏانهن آهن. وات تي موڙ ۾ئي پڇا شروع ٿي ويئي.
"تون ڪير آهين!"
"پروفيسر هوراڪ."
"ڪوڙا!"
مون پنهنجن ڪلهن کي لوڏيو.
"سڌو ٿي ويهه نه تہ توکي گولي هڻندا سون".
"هڻينس گولي!"
گولي هڻڻ بدران هو فقط ڏونشا ئي هڻن ٿا. اسان

هڪ ٽرام وٺان لنگهون ٿا. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته انهي ٽرام کي اچي پوشاڪ پارائي اٿن. رات جي اهڙي مهل سينگاريل ٽرام؟ سون کي شايد تپ پيو اچي.

پيسٽچڪ محل. سون کي ڪڏهين خيال به نه آيو هو ته ڪو زنده ان ۾ داخل ٿيندس. هاڻي آئون وڏي وڪ سان چوڻين ماڙي تي پيو وڃان. ها ها، هي آهي نمبر پيو "الف – هڪ" مشهور ڪميونسٽ دشمن برانچ. ڏسان پيو ته حيرت پيئي ٿيم، چا ٿيڻ وارو آهي. ان ڪاٺي جي چڙهائي ڪندڙ ڍ ڳي جي ڍ گهي ۾ سنهين آفيسر، پستول پنهنجي کيسي ۾ وڌو ۽ سون کي پنهنجي آفيس ڏانهن وٺي ويو. هن هڪ سگريٽ دکائي سون کي ڏنو.

"ڪير آهين؟"

"پروفيسر هوراڪ."

"ڪوڙا!"

سندس ٻانهن تي ٻڌل واچ ۾ ١١ لڳا آهن.

"جهاڙو وٺوس!"

جهاڙو شروع ٿيو. سون کي اگهاڙو ڪن ٿا.

"هن وٽ سچاٽپ جو ڪارڊ آهي."

"ڪهڙي ڦالي ۾؟"

پروفيسر هوراڪ"

"جاچ ڪريو!"

ٽيليفون تي گفتگو ٿئي ٿي.

"هاڻو رجسٽر ٿيل نه آهي. ڪارڊ جڙتو آهي."

”ڪنهن ڏنئي؟“
”پوليس هيڊ ڪوارٽر تان مليو.“
ڏاڍي جو ڌڪ پهريون پيو. ٽيون. مون کي ڌڪ گهٽ لڳو. ڌڪ ڪُٽي ڇا ڪندي؟
”نالو؟ گوالهاءِ! ايڊريس؟ ڪيچ! تنهنجي لاڳاپي وارا ڪهڙا آهن؟ گوالهاءِ! ڪهڙا گهر استعمال ڪندو رهيو آهين؟ گوالهاءِ! گوالهاءِ! گوالهاءِ! يا اسين توکي ماري پورو ڪري ڇڏينداسون!“
ڌڪ تندرست ماڻهو ڪيترا ڌڪ جهلي سگهي ٿو؟
ريڊيا اڌ رات جو سگنل ڏيئي رهيا آهن. هوٽلون بند ٿيون ٿين آخري ماڻهو پنهنجن گهرن ڏي موٽي پيا ۽ سجيتي جوڙا گهرن جي درن اڳيان بيٺا آهن ۽ ڌڪ ٿي کي ڇڏڻ به نٿا گهرن ساڳيو ڏکيو ڏيرو آفيسر خوشي مان ٻشڪندو اندر اچي ٿو.
”منهنجا ايڊيٽر دوست سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي نه؟“
هنن کي ڪنهن ٻڌايو هوندو؟ جيلينڪس وارن؟ فرائيڊس وارن؟ هنن کي ته منهنجي ٻالي جي به خبر نه آهي؟
”اسان کي سڀ خبر پئجي ويئي آهي. گوالهاءِ! عقل کان ڪم وٺ.“
عجيب لفظ آهن! عقل کان ڪم وٺان يعني غداري ڪريان. آئون به سمجهو آهيان.
”چوءِ ڪنهو ٻڌي ڏاڍي مار ڏيوس!“

رات جو ھڪ ٿيو آھي. آخري ٽرامون پنھنجي ڀيڻ جي جاءِ ڏانھن وڃي رھيو آھن، گھڻيون خالي آھن ۽ ريڊيا پنھنجي ھڏندڙن کي خدا حافظ چئي رھيا آھن.

”مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ٻيو ميمبر ڪير آھي؟

ڳالھاءِ! ڳالھاءِ!

ڏاڍي آئون ڏک سولائيءَ سان ڳڻي سگھان ٿو. مون کي ڏاڍي فقط چپن ۾ سور محسوس ٿئي ٿو، جن کي چڪ ھڻي مون ڪچو ڪري ڇڏيو.

”ڏوٽ لاھيوس!“

اھو بالڪل صحيح آھي ته منھنجي پيرن جي آڱرين ۾ اچان ست آھي. مون کي به محسوس ٿئي ٿو. پنج، ڇھ، ست ۽ ڏاڍي پيرن تي ڏنڊن جا ڏک دماغ تائين چڙھيو وڃن ٿا.

رات جا ٻه لڳا آھن. پراگ جو شھر ننڊ ۾ آھي. شايد ڪٿي ڪو ٻار ننڊ ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن جون ڳالھيون ڪندو ھجي يا ڪو مرد پنھنجي زال سان لاڏ ڪوڏ ڪندو ھجي.

”ڳالھاءِ! ڳالھاءِ!

آئون زبان وات ۾ ڦيرائي اھو ڳڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان ته ڪيترا ڏند پيچي پيا آھن. آئون سڀ ڳڻي نٿو سگھان. ٻارنھن، پندرھن يا سترنھن؟ نه نه ايترا ته آفيسر ھٿ مون کان ”پڇا“ ڪرڻ لاءِ آھن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪي ٽڪجي پيا آھن.

رات جا ٻي لڳا آهن. شهر جي چيڙي ڪان پره ڦٽي رهي آهي. ڀاڄيون وڪڻندڙ مارڪيٽن ڏانهن وڃي رهيا آهن ۽ پنگي رستن تي اچي رهيا آهن. شايد آئون هڪ وڏيڪ صبح ڏسڻ لاءِ اجا زنده رهان.

هو منهنجي زال ڪي اندر وٺي اچن ٿا.

”تون هن کي سڃاڻين؟“

مون گيت ڏيئي وات جو رت نڙيءَ مان هيٺ لاٿو ته جيئن هو رت نه ڏسي.... جيتوڻيڪ آئون مڃان ٿو ته اهو بيڪار آهي، منهنجي منهن جي هر حصي مان ۽ پڻ آڱرين جي چيڙي وٽان به رت پيو وهي.

”تون هن کي سڃاڻين؟“

”نه!“

هن اهو جواب ڏنو پر هن ڪنهن به طرح پنهنجي وحشت ظاهر ٿيڻ نه ڏني. منهنجي پياري! هو پنهنجي قول تي پڪي رهي ته اهو ڪڏهين نه مڃيندي ته ڪو هوءَ مون کي سڃاڻي. جيتوڻيڪ هاڻي اها ڳالهه ڪا معنيٰ نٿي رکي. هنن کي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو هوندو؟

هو هن کي وٺيو پيا وڃن. مون هن کي پنهنجي وس آهر نهايت خوشي وارين نظرن سان رخصت ڪيو. شايد منهنجي منهن تي مرڪ نه به هجي مون کي خبر نه آهي.

چار لڳا آهن. ٻاهر روشني آهي يا اجا اونداهي؟

ڪارو رنگ ڏنل دريون ڪو جواب نٿيون ڏين. موت اچا به نٿو اچي. ڇا منهنجي توسان ملاقات ٿيندي؟ ڪيئن؟

آئون ڏاڍڙجي ڪنهن ماڻهوءَ کي اچي لڳو آهيان ۽ پٺ تي ڪري پيو آهيان. هو مون کي لتون ۽ ٺڏا پيا هڻن. هانءُ اهو نئين طريقو آهي. هاڻي پڇاڙي ويجهي آهي. سانورو آفيسر مون کي ڏاڙهي کان جهلي مٿي ڪري ٿو. هڪ سان کلندي منهنجي ڏاڙهي جي پنئيل وارن جي هڪ پرِيل ڏيکاري ٿو. هيءَ واقعي ڪل جهڙي ڳالهه آهي. مون کي هاڻ ڪو سور محسوس نٿو ٿئي.

پنج لڳا آهن، ڇهه، ست، ڏهه، منجهند، ڪي مزدور ڪم تي وڃن پيا ته ڪي واپس موٽي رهيا آهن. ڪي ٻار اسڪول وڃن پيا ته ڪي وري ٻار اسڪولن مان موٽن پيا. دڪانن تي وڪرو پيو هلي ته گهرن ۾ رڌ پچاءَ پئي ٿئي. شايد هن وقت امڙ به منهنجي باري ۾ سوچي پيئي. شايد ساٿين کي خبر پئجي ويئي آهي ته آئون گرفتار ٿي ويو آهيان ۽ هو سلامتي لاءِ قدم کڻي رهيا آهن.... جيڪڏهين ڳالهايم ته پوءِ.... نه، خيال نه ڪريو، يقين ڪريو ته آئون ڪونه ڳالهائيندس. ڪنهن به حالت ۾. پڇاڙي هاڻي گهڻي پري ناهي. هاڻي اهو فقط ڏک خواب آهي. هڪ بد سوڻو ۽ ڀيانڪ خواب. ڏکن جو ڦهڪو آهي ۽ پوءِ وري مون تي پاڻي وڌو ٿو وڃي ۽ وري ڏک ”ڳالهاءِ! ڳالهاءِ! ڳالهاءِ!“ آئون اڃا به نٿو مران. ڇيجل ماڻهو، بابا، توهان مون کي اهڙو

مضبوط ڇو بنايو.

ٻيپهريءَ شام جا پنج لڳا آهن. هاڻي هو سڀ ٿڪجي پيا آهن. هو رکي رکي ڏونشا هڻن ٿا. اوچتو پري کان سنهو آواز اچي ٿو جنهن جو لهجو دلداري ڏيندڙ آواز وانگيان ٿي لڳو:

”گهٽي مار پئي اٿس!“

پوءِ آئون ڪرسي تي ويٺو آهيان. منهنجي سامهون پيل ٽيبل ڪري ٿي ۽ وري ظاهر ٿئي ٿي. ڪو مون کي پيڻ لاءِ ڪجهه ڏئي ٿو ڪو ٻيو مونکي سگريٽ آڇي رهيو آهي جيڪو آئون جهلي نٿو سگهان. ڪو مونکي بوٽ پارائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ چوي ٿو پيرن ۾ پون ئي نٿا. پوءِ هو مونکي ڏاڪڻ تان هيٺ آڻين ٿا ۽ اسين هڪ موٽر ۾ روانا ٿيون ٿا. هڪ ماڻهو وري پستول جو سنهن مون ڏانهن ڪري ٿو مون کي اِن تي فقط ڪل ئي اچي ٿي. اسين اچن گهان سان سينگاريل ٽرام وٽان لنگهون ٿا. شايد هي سڀ ڪجهه خواب آهي. شايد تپ يا مرڻ جي مهل واري حالت يا نيٺ پڄاڻي آهي. انهيءَ هوندي به مرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر هيءَ ڪا ڏکي ڳالهه نه آهي. هي ته ڪجهه به نه آهي. هي فقط ٻارن جي راند آهي، هڪ ڀيرو وڏيڪ سلهه ڏٺڻ سان سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو. سڀ ختم؟ اچا نه، اچا به نه. هت هڪ ڀيرو آئون وري اڪيلو ويٺو آهيان، هائو، سچ پچ، آئون ويٺو

آڏيان، اڪيلو، ڪنهن جي به مدد کانسواءِ منهنجي بلڪل سامهون گنديءَ ڦڪي رت آهي، جيڪا ڪنهن شيءِ سان رنگيل پيئي آهي — ڇا آهي؟ ڏسڻ ۾ رت ٿو لڳي. هائو، رت آهي آئون پنهنجي آڱر سان رت جو ذرو اُگهان ٿو.... رت آڱر کي لڳي ٿو. تازو رت آهي— اهو منهنجو رت آهي.

ڪو ساڌو مونکي مٿي تي هڪ هٿي ٿو ته آئون اُٿان ٿو ۽ ڪجهه ڊرل ڪريان. آئون ٿيون پيرو اٿڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان پر ڪري ٿو پوان.

هڪ ڊگهو جرمن سي- آءِ- ڊي پوليس وارو منهنجي مٿان بيٺو آهي ۽ لتون پيو هڻي ته جيئن آئون اُٿان. ڪيڏي نه بيڪار ڪوشش آهي. هڪ دفعو وري ڪير منهنجو بدن ڏوئي رهيو آهي. هيڪر وري آئون ويٺو آڏيان ۽ هڪ عورت مونکي دوا ڏيندي پڇي ٿي ته سور ڪٿي اٿئي؟ هاڻي مونکي ائين ٿو لڳي ته سمورو سور منهنجي دل ۾ آهي.

”تو وٽ ته دل آهي ئي ڪانه“ جرمن سي آءِ ڊي وارو چوي ٿو.

”هائو مونکي دل آهي“. هڪدم مونکي نفرت ٿئي ٿي ته مون ۾ ايتري قوت آهي جو پنهنجي دل لاءِ ڳالهاءِ سگهان ٿو.

پوءِ وري هر ڪا شي غائب ٿي وڃي ٿي — رت، دوا واري عورت ۽ جرمن سي آءِ ڊي وارو....

منهنجي اڳيان جيل جي ننڍڙي ڪوٺڙي جو در آهي. جرمن سي آء ڊي جو هڪ ٿلهو ماڻهو سونکي اندر گهلي رهيو آهي. منهنجي ليڙون ٿيل قميص بت تان پيو لاهي. هو سونکي ٽنڊي تي وجهي ٿو ۽ منهنجو بت سڄيل ڏسي گرم سيڪ جو حڪم ڏئي ٿو.

پنهنجو ڪنڌ لوڏيندي هو ٻئي کي چوي ٿو "ڏس ته سهي ڇا نٿا سهي سگهن."

پوء وري پري کان، تمام پري کان آئون نرم آواز ٻڌان ٿو: "هو صبح تائين ڪونه بچندو."

پنجن منٽن کانپوء گهڙيال رات جا ۱۰ وڄائي ٿو. هيءَ ۲۵ اپريل ۱۹۴۲ جي وڻندڙ شام آهي.

باب ٻيو

مرڻ بابت

”جڏهين اسين تارن تي اکيون ٻوٽي ٿا ڇڏيون ۽ سج جو شعاع به ڪونه ٿا ڏسون....“

ٻه ماڻهو هڪ ٻي جي پٺيان اچي گرجا ۾ آهستي آهستي هلي رهيا آهن. سندن هٿ پيٽ کان هيٺ تي ٻڌل آهن ۽ هو بي ترتيب آواز ۾ چرچ جو هڪ غمگين گيت ڳائي رهيا آهن.

”....کهڙو نه چڱو جي اسان جا روح به آسمان ڏانهن هليا وڃن.

اسانجو سفر ٻورو ٿئي اسانجو سفر پورو ٿئي....“

ڪو مئو آهي. ڪير؟ پنهنجي ڪنڌ ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. شايد جنازو ڏسي سگهان جنهن ۾ لاش پيل آهي ۽ پيتي جي سيراندي وٽ ٻه سيڻ بتيون آسمان ڏي اشارو ڪري رهيون آهن.

”....جت رات جي اونداهي نه آهي
جت دائمي جوت جرڪي ٿي....“

آئون اکيون کولڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان، پر ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. هت ته ڪير به نه آهي. فقط هو ٻه ۽ آئون. هو ڪنهن موت تي ڳائي رهيا آهن؟

تارا هميشهہ روشن رهن ٿا.

عيسيٰ مسيح خود: خدا جو اڪيلو فرزند.“

جنازو کنيو پيا وڃن. دادو ۽ ڪ جنازو کڻيو پيا وڃن. ڪنهن کي پيو دفنايو وڃي؟ ڏٺي ڪير آهي؟ فقط هو ۽ آئون. آئون پاڻ! شايد منهنجو جنازو هجي؟ پر ٻڌو دوستو نہ اها غلط فهمي آهي! آئون سئو نہ آهيان. بلڪل جيئرو آهيان. ڏسي سگهو ٿا تہ آئون توهان ڏانهن گهوري رهيو آهيان ۽ اوهان سان ڳالهائي رهيو آهيان. اهو بند ڪريو! سون کي نہ دفنايو.

”جڏهين دل گهري پياري

وڃڻ واري طرفان

غمگين ۽ آخري سوڪلاڻي ڏئي ٿي.“

هو سون کي ڇا ٻڌن پوڙا آهن ڇا؟ آئون ڪافي ڏاڍيان نٿو ڳالهايان؟ يا شايد آئون واقعي مري ويو آهيان، ۽ هو جسم ڪانسواءِ ڪو آواز نٿا ٻڌي سگهن؟ منهنجو ڏڙ پيٽ پر پيو آهي ۽ آئون پاڻ پنهنجي جنازي کي ڏسي رهيو آهيان! عجيب!

”پوءِ پرندڙ نظرون آسمان ڏانهن ڏين ٿيون. هن جو سفر پورو ٿيو، هن جو سفر پورو ٿيو....“

ياد آيم. ڪنهن سونکي مشڪل سان مٿي کنيو ۽ ڪپڙا پارايائين هنن سونکي اسٽريچر تي کنيو. دالان ۾ لوهي بوٽن جو آواز ۽ پوءِ قصو پورو ٿيو. وڌيڪ خبر نہ آهي. وڌيڪ ڳالهہ ياد نٿي اچي.

”....جت دائمي جوت جرڪي ٿي....“

پر هي سڀ سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. آئون جيئرو آهيان. ڪن هنڌن تي سور پيو ٿيم ۽ اجايل آهيان. مثل ماڻهن کي اچ نه لڳندي آهي. آئون هٿ کي هلائڻ لاءِ سڄي طاقت گڏ ڪيان ٿو ۽ منهنجي اندر مان هڪ عجيب غيرقدرتي آواز نڪري ٿو:

”پاڻي ڏيوم!“

آخر ٻنهي ماڻهن گولائي ۾ ڦرڻ بند ڪيو. ٻئي ماڻهو منهنجي مٿان نوڙيا بيٺا آهن. هڪ ماڻهو منهنجو ڪنڌ مٿي ٿو ڪري ۽ پاڻي جو گلاس منهنجي وات تائين ٿو آڻي.

”ڏس ته ڪي ڪجهه ڪائنٽو به پوندو. پن ڏينهن کان ته رڳو پاڻي پي رهيو آهين....“

ڇا ٿيو ڇوي؟ پوريان ٻه ڏينهن؟ اچ ڪهڙو ڏينهن آهي؟

”سومر“.

سومر. سوڪي جمع جي ڏينهن گرفتار ڪيو ويو هو. مٿو ڏاڍو ڳرو ٿي پيو اٿم. پاڻي ڏاريو ڇڏي. نند!

سمهڻ ڏيوم! پاڻي جي هڪ ڦڙي کوهه جي شيشي جهڙي تري ۾ لهرون پيدا ڪيون آهن. ساون گاهن جي ميدانن، جبان ۽ روڪلان هيٺ پيلي واري جي گهر ۾ بهار آئي آهي. ديال جي وٽن وارن پيلن ۾ مينهن پيا وسن .... ننڊ ۾ ڪيڏو نه مزو آهي ....

....آئون وري اڱاري جي شام جو ننڍ سان اتان ٿو ۽ منهنجي مٿان ڍڪ ڪتو بيٺو آهي. هڪ السانيني ڪتو. هو پنهنجي سهڻين ۽ گنڀير اکين سان ڏسندي پڇي ٿو:

”ڪٿي جو رهاڪو آهين؟“

نه اهو ڪتو ڪونهي. ڪنهن ٻي جو آواز آهي. هائو، ڪو پيو بيٺل آهي. سندس وڏا بوٽ ڏسان پيو، وڏن بوٽن جو پيو جوڙو ۽ فوجي پتلون، پر ان کان مٿي ڪنڌ کڻي نٿو سگهان. ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته مٿو ٿو ڦريم. پر ان ۾ منهنجو ڇا وڃي. سمهڻ ڏيوم.... اربع.

۾ ماڻهو جيڪي ان ڏينهن مذهبي گيت ڳائي رهيا هئا، سي ٽيبل تي نڪر جي ٽانون ۾ ماني کائي رهيا آهن. هاڻي آئون کين چڱي پر ڏسي سگهان ٿو. هڪ نوجوان، پيو وڏي عمر جو آهي. پادرين وانگي نٿا لڳن. ننڍڙو گرجا هاڻي گرجا نه پر جيل جي ڍڪ ڪال ڪوٺڙي آهي. جهڙيون پيون آهن. منهنجي نظرن اڳيان ڪال ڪوٺڙي جو فرش ٻوڙندو وڃي ٿو؟ آخر ۾ ڳرو ڪارو در آهي.

ڪلف ۾ ڪنجي ڦرڻ جي آواز تي ٻئي ڇٽا ٽپ ڏيئي اٽينشن جي حالت ۾ بيهن ٿا، ٻه پيا جرمن جاسوسي پوليس جي وردي ۾ اندر اچن ٿا ۽ هنن کي حڪم ٿا ڪن ته، مونکي ڪپڙا پارائين — مونکي خبر نه هئي ته

پتلون جي هر ٽنگ يا قميص جي ٻانهن ۾ ڪيترو سور لڪل هو ـ اسٽريچر تي وجهي هيٺ ڪٽي آيا. واٽ تي ڏکي ورانڊي ۾ ڏاڪڻ جا لوهي ڏاڪا وڃڻ لڳا....
هن ئي نموني سونڪي هفتو اڳ آندو ويو هو، جڏهين پوءِ بي هوش ڪري ويو هوس. هي سڀ ڪيڏانهن پڄائيندو. نيٺ ڇا حشر ٿيندو.

پانڪريڪ پولزيئي ـ گيفانگس جي اداس ۽ بي مروت مرحبا آفيس. سونکي پٽ تي وجهن ٿا ۽ بناوٽي نرم دلي واري ڇيڪ آواز ۾ ترجمان ڪاوڙيل جرمن آواز ۾ ٽڪ وانگي اڇلايل سوال جو ترجمو ڪيو.

”هن کي سڃاڻين؟“

ڇاڙي کي هٿ جي ٽيڪ ڏنم. ويڪري منهن واري نوجوان ڇوڪري اسٽريچر جي اڳيان بيٺي آهي. هو فخر سان ڪنڌ مٿي ڪيو سڌي بيٺي آهي. انهي ۾ دشمن ڏانهن حقارت ڪٿي نه ٻه هئي پر شانائتو انداز هئس. فقط سندس اکيون ٿورو نميل هيون جو فقط مون کي ڏسي سگهي ۽ انهن اکين سان منهنجي آجيان ڪري.

”نه“

ياد اٿم ته پيٽسچڪ محل ۾ ان ڏائڻ رات پل ڪن لاءِ مون کيس ڏٺو هو. ۽ هينئر ٻيو دفعو. اف ٽيو موقعو نه مليو جو آئون، ان همت ڀرئي نموني ٻيهڻ لاءِ سانس هٿ ملائي سگهان. هوءِ ارنوست لورينز جي

زال هئي. ١٩٤٢ ۾ مارشل لا جي اعلان ڪانپوءِ وارن پهرين ڏينهن ۾ ڪيس موت جي سزا ڏني ويئي.

”پر تون ته پڪ سان سچائينس.“

انيسڪا جيرسڪووا خدا تنهنجو نالو ڪونه ڪنيو اٿم. مون سان ڪوبه واسطو نه رهيو آهي. توکي نه سڃاڻان. سمجهين ٿي، توکي ڪونه سڃاڻان.

”نه ڪونه سڃاڻانس.“

”عقل ڪان ڪم وٺ!“

”ڪيس ڪونه سڃاڻان.“

”جولس بيڪار ڳالهه آهي،“ انيسڪا چيو ۽ فقط آنگرين جي اٺ لکي چرپر مان سندس جذبات جو اظهار ٿي ٿيو، جن ۾ هو روسال جهليو بيٺي هئي. ”بيڪار آهي. ڪنهن هنن کي مون بابت ٻڌايو آهي“.

”ڪنهن؟“

”وات بند ڪر!“— ماڻهو ڪيس اڌ ۾ روڪي ٿو ۽ مون سان هٿ ملائڻ لاءِ نوڙڻ تي ڪيس زور سان ڌڪو ڏئي ٿو.

انيسڪا!

مون کي وڏيڪ سوال ٻڌڻ ۾ نٿا اچن. پري کان بنا سور جي مونکي محسوس ٿئي ٿو ته، ٻه جرمن جاسوس پوليس وارا مونکي واپس جيل جي ڪال ڪوٺڙي ڏانهن ڪنيو پيا وڃن. اسٽريچر تي مونکي بي رحمي سان لوڏا ڏيئي رهيا آهن ۽ ڪلندي پڇن ٿا ته ڇا ڊن کان آئون

ڳچيءَ ۾ ڦاهو وجهي لٽڪڻ پسند ڪندس.

خميس.

هاڻي مونکي هتي جون ڳالهيون سمجهه ۾ پيون اچن. مون سان گڏ نوجوان قيدي جو نالو ڪارليڪ آهي. ٻيو جيڪو وڏي عمر وارو قيدي آهي تنهن کي ”بابا“ سڏين ٿا. هو پنهنجي بابت ٻڌائين ٿا، پر منهنجي دماغ ۾ اهي ڳالهيون گڏبيون ٿيون وڃن. هو ڪاٺ ۽ بينچ تي وينل ٻارن بابت ڪجهه چوڻ ٿا گهرن. گهڻي جو آواز: ضرور ڪٿي بادام لڳي هوندي. روز هڪ ڊاڪٽر ۽ جرمن جاسوسي پوليس جو ڪمپائونڊر مونکي ڏسڻ اچن ٿا. ظاهر آهي ته اهڙي خراب حالت ۾ نه آهيان ۽ هڪ ڏينهن وري چڱو ڀلو ٿي ويندس. ”بابا“ روز اها ڳالهه ڪندو آهي. هو ان ڳالهه تي وڏو زور ڏيندو آهي ۽ ڪارلڪ جنهن اتساهي سان ان جي پٺڀرائي ڪندو آهي، جو هن حالت ۾ بہ آئون محسوس ٿو ڪريان ته، اهو بلڪل ڪوڙ آهي. ڪهڙا نه چڱا ماڻهو آهن! ڏکيو اٿم جو هنن تي اعتبار نٿو ڪري سگهان.

ٽيهري.

جيل جي ڪوٺڙي جو دروازو کلي ٿو ۽ هڪ ڪتو آهستي خاموشي سان اندر ڊوڙي اچي ٿو. منهنجي ميراندي کان بيهي هيڪر وري مون ڏي پڇ جي انداز ۾ نهاري ٿو. هيڪر وري ٻڌن جا دڪا — هاڻي خبر اٿم:

هڪ، ڪتي جو مالڪ ۽ پانڪريڪ جيل جو سپرنٽنڊنٽ ۽ ٻيو گيسٽاپو جي ڪميونسٽ - دشمن برانچ جو مک جنهن اڄ رات منهنجي پڇا جي صدارت ڪئي ۽ پوءِ شهري پٽلون جو جوڙو. منهنجون اکيون مٿيرو ڏسن ٿيون آئون ڪيس سڃاڻان. اهو ڏگهو ۽ ڏٻرو عملدار آهي جيڪو چڙهائي ڪندڙ ڪاتي جو انچارج آهي. ڪرسي تي ويهي هو آڏي پڇا شروع ڪري ٿو.

”سڀ خبر پئجي ويئي آهي. پنهنجي حياتي بچاءِ. ڳالهاءِ!“

داڻ مونکان سگريٽ جهلڻ مشڪل آهي.

”ٻئڪس جي گهر ڪيترا ڏينهن رهئين؟“

ٻئڪس جي گهر. اها به خبر پئجي وين!

ڪنهن ٻڌايو هوندن؟

”ڏس اسانکي سڀ خبر پئجي ويئي آهي. ڳالهاءِ!“

جيڪڏهن اوهان کي سڀ خبر آهي ته پوءِ منهنجي ڳالهائڻ جو ضرور؟ مون عمر اجائي نه وڃائي آهي — ۽ آئون زندگي جي پڇاڙي خراب نه ڪندس.

پڇا ڪلاڪ سوا هلي ٿي. هو دڙڪا يا گاريون نٿو ڏئي پر سانتيڪي نموني ور ور ڪري پنهنجا سوال پڇي ٿو ۽ جڏهين جواب نٿو مليس، تڏهين پيهر ٻيهر ۽ ٽيون دفعا سوال پڇي ٿو.

”تون اڃا به محسوس نٿو ڪرين؟ سمجهيئي، پڇاڙي اچي ويئي اٿئي، تون سڀ ڪجهه وڃائي چڪو آهين.“

”آئون ڪو اڪيلو ماڻهو آهيان جنهن وڃايو آهي.“
”ڪميونسٽن جي فتح ۾ اجا عقيدو اٿئي؟“
”بلاشڪ“

”اجا پروسو اٿس؟“ جيل جو مک جرمن زبان ۾ پڇي ٿو ۽ آفيسر ترجمو ڪندي چوي ٿو: ”هي اجا به عقيدو ٿو رکي ته روس سوڀارو ٿيندو؟“
”بلاشڪ، جنگ ہي ڪنهن به نموني ختم نه ٿيندي.“

هاڻي ٿڪجي پيو آهيان. پنهنجي سڄي طاقت گڏ ڪئي هئم، ته جيئن خبردار رهان. پر هاڻي سنهنجو هوش ائين پڇندو پيو وڃي، جيئن وڏي ڦٽ مان رت. آئون اجا محسوس ٿو ڪريان ته هو ڪيئن مونکي پنهنجا هٿ ڏيئي رهيا آهن. شايد هو منهنجي پيشاني تي موت جا اهڃاڻ ڏسي رهيا آهن. ڪن ماڪن ۾ ته واقعي اها رسم هوندي هئي آهي ته، ۽ ڦاسي ڏيندڙ، حڪم تي عمل ڪرڻ کان اڳ، ڦاسي ايندڙ ماڻهو کي چمي ڏيندو هو.

شام.

هي ماڻهو هٿ ٻڌي هڪ ٻئي جي ٻٺيان گول ڦرن پيا ۽ ڏکي ۽ بي ترتيب آواز ۾ هڪ ڏک ڀريو مذهبي گيت ڳائي رهيا آهن:

”جڏهين اسين تنهن تي اکيون ٻوٽي ٿا ڇڏيون ۽ ڪجهه به نٿا ڏسون....“

هيلي دوستو بس ڪريو! اهو پڇن ڪٿي سڻو به هجي

پر اڄ، اڄ ته يوم مئي جي رات آهي. انسان جو سڀ کان سهڻو ۽ خوشين سان ڀرپور جشن. آئون کو دل ليائيندڙ نغمو ڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، پر اهو شايد ڀڄن کان به وڌيڪ غم ڀريو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪارليڪ پڻي ڏئي چڏي آهي ۽ "بابا" ڳوڙها اگهي رهيو آهي. پر آئون هار نٿو مڃان. آئون ڳائيندو رهان ٿو ۽ آهستي آهستي هو به مون سان شامل ٿا ٿين. مون کي خوشي ۽ ڄم ننڍ اچي وڃي ٿي.

يوم مئي. صبح جو سوير.

جيل جي گهڙيال تي ٽي وڳا آهن. هاڻي ڀهريون پيرو صاف ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. گرفتاري کانپوءِ هيئنر آئون ڀهريون دفعو پوري هوش ۾ آهيان. ڪاليل دري مان تازي هوا محسوس ٿئي ٿي. تڏي جا ذرا منهنجي ڇاتي ۽ پيٽ کي لڳن ٿا ۽ منهنجي جسم جي هر انچ ۾ هزارين سور آهن. ساهه کڻڻ ۾ تڪليف اٿم. اچتو ائين لڳو ڄڻ تو دري کولي. آئون چئو ڏسان ٿو: هي ٻچاڙي آهي. آئون مران پيو. موت تو اچڻ ۾ ڪيتري نه دير ڪئي. مون کي اڃا به اسيد هئم وري هڪ آزاد انسان وانگيان رهندس، گهڻو ڪم ڪندس، جهجهو پيار ڪندس، گهڻو ڳائيندس ۽ دنيا جو سفر ڪندس. حقيقت ۾ هاڻي ته جوان ٿيو آهيان. مون ۾ اڃا گهڻي طاقت آهي. پر هاڻي نه آهي. ٻچاڙي اچي رهي آهي.

مون زندگي سان پيار ڪيو آهي ۽ ان جي حسن خاطر جنگ ۾ شامل ٿيس. عام انسانو، مون اوهان سان پيار ڪيو ۽ خوشي ٿيم جڏهن توهان پيار جي عيوض پيار ڪيو ۽ جڏهن توهان مونکي نه سمجهندا هو، تڏهن مونکي ڏک ٿيندو هو. جيڪڏهن مون ڪنهن کي ڏکوئيو آهي ته معاف ڪجو. ڪنهن کي خوش ڪيو اٿم ته وساري ڇڏيو. شل ڪابه ڏک جهڙي ڳالهه منهنجي نالي سان لاڳو نه هجي. بابا، جيجل ماءُ، منهنجون ڀينرو، منهنجي زال گستينا ۽ اوهان ساٿيو، مون توهان سڀني کي پيار ڪيو آهي ۽ اها منهنجي آخري وصيت آهي. جيڪڏهن سمجهو ٿا ته ڳوڙها غم جي ڌوڙ کي ڌوئي ڇڏيندا، ته پوءِ پل رئو پر ان تي افسوس نه ڪريو آئون خوشين لاءِ زنده رهيس ۽ خوشين لاءِ مران ٿو. جيڪڏهن توهان منهنجي قبر تي ڏک جو نشان وڌو ته توهان مون سان بي انصافي ڪندو.

يوم مئي!

هي اها ساعت آهي جڏهن اسين شهر جي چيڙي تي گڏ ٿي پنهنجا جهنڊا تيار ڪندا هئاسين ۽ پٿرن تي نعرا لکندا هئاسين. هي وقت آهي جو ماسڪو ۾ يوم مئي جي پريڊ لاءِ گهٽين ۾ پهريون قطارون ٺهنديون هيون. ۽ هاڻي هن مهل لکين ماڻهو انسان جي آزادي لاءِ آخري جنگ وڙهي رهيا آهن. ان جدوجهد ۾ هزارين سر قربان ٿي رهيا آهن. آئون انهن مان هڪ آهيان

انهن ماڻهن مان هڪ هجڻ، جيڪي هن آخري لڙائي ۾ وڙهي رهيا آهن، ڪيڏي نه عظيم ڳالهه آهي. پر موت ڪا سٺي ڳالهه نه آهي. گهٽ تي ٿئيم. ساه کڻي نٿو سگهان. نڙي ۾ ڪرڙو ٻڏان پيو، پنهنجن ساٿي قيدين کي به اٿاري سگهان ٿو. جيڪڏهن نڙي کي ٿوري پاڻي سان آلو ڪري سگهان ته.... پر لوڻي ۾ پاڻي ڪونهي. مون کان فقط ڇهه قدم پري ڪال ڪوٺڙي جي ڪنڊ واري ڪاڪوس ۾ ڪافي پاڻي آهي، پر مون ۾ ايتري سگهه نه آهي جو اتي پهچي سگهان. آئون پيٽ ڀر پاٺ گهليان ٿو، آهستي بالڪل آهستي، جهڙوڪ موت جو سڄو شان ان ۾ آهي ته ڪنهن کي به نه جاڳائجي. آئون پاٺ کي گهلي آيس ۽ ڪاڪوس جي ٿري مان پاڻي پيڻ لڳس.

خبر نه آهي ته ڪيتري دير پاڻي پيئندو رهيس. ياد نه اٿم ته ريڙهون پائي واپس موٽڻ ۾ ڪيترو وقت لڳم. جڏهن وري هوش وڃي پيو. پنهنجي ٻانهن تي نبض ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. سگهه ڪانه اٿم. دل نڙي ۾ اچي وئي آهي ۽ هاڻي تيزيءَ سان گڏ هيٺ پئي وڃي. آئون به ان سان گڏ هيٺ پيم وڃان، تمام گهڻو هيٺ. هيٺ ويندي آئون اچا به ڪارليڪ جو آواز ٻڌان ٿو: ”بابا، بابا، ٻڌين ٿو؟ هن غريب جي پڇاڙي آهي.“

صبح جو ڊاڪٽر آيو.

اهو سڀ ڪجهه مون کي پوءِ معلوم ٿيو.
ڊاڪٽر تپاس ڪري پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي تپاس واري ڪمري ۾ ويو ۽ ڪالهه منهنجي نالي ۾ جيڪو موت جو سرٽيفڪيٽ تيار ڪيو هئائين، سو ڦاڙي ڊڪ ماهر جي حيثيت ۾ فيصلو ڏنائين:
”گهوڙي جو ٻت اٿس.“

باب ٽيون

ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ع

ڪال ڪوٺڙي ۾ در ڪان دري تائين ست وکون ۽ در ست وکون آهي.

انهي جي مون کي خبر آهي.

پانڪريڪ جي هن ڪال ڪوٺڙي جي ڪاٺ جي فرش تي مون ڪيترائي پيرا اچ وڃ ڪئي آهي! شايد هن ئي ساڳي ڪال ڪوٺڙي ۾ مون کي هڪ دفعو اڳ به ويهڻو پيو هو، انهي ڪري جو مون چيڪ سرمايه دارن جي خطرناڪ پاليسي جي ڪري چيڪ قوم لاءِ نڪرڻ وارا نتيجا صاف پئي ڏٺا. هن وقت هو منهنجي قوم کي قربان گاه تي چاڙهي رهيا آهن، ڪال ڪوٺڙي جي در اڳيان جرمن پهريدار - پهرو پيا ڏيـن ۽ ٻاهر ڪنهن هنڌ انڌيون سياسي قوتون غداري جو ڄار اڻي رهيون آهن. انسان کي سجاڳ ٿيڻ ۾ ڪيتريون صديون لڳنديون؟ ڪيترن هزارين ڪال ڪوٺڙين سان انسان ذات کي اڳتي وڌڻ لاءِ لنگهڻو پيو آهي؟ ۽ اڃا وڌيڪ ڪيتريون ڪال ڪوٺڙيون اينديون؟ او، نروداجايسوع مسيح ٻار، انسان جو روشني ڏانهن سفر اڃا پڇاڙي ڪان

گھٽوئي پري آھي. پر: وڌيڪ نه نه ڪر، وڌيڪ نه نه ڪر!

ست قدم هوسٽائين ۽ ست قدم واپس. هڪ ٻيت وٽ ڪٿ آ. جنهن کي ويڙهي به ٿو سگهي ۽ ٻي ٻيٽ وٽ اڻ وڻندڙ ٻوري رنگ جو ڪپٽ جنهن ۾ نڪر جا ڏاڻ ۽ پيل آھن. هائو، ان جي خبر اٿم. هاڻي رڳو ان کي تورڙو مشيني بنايو ويو آھي، ڪال ڪوٺڙي کي گرم ڪرڻ جو انتظام آھي، پاڻيءَ جي بالٽي جي جاءِ تي پاڻيءَ جي ننڍڙي ڏانڪي آھي - ۽ سڀ کان وڌيڪ ته ماڻهن کي به مشيني بنايو ويو آھي. خودڪار اوزار وانگيان ٻنڻ تي زور ڏئي يعني ڪال ڪوٺڙي جي در ۾ ڪنجي ڦيرائي يا جاسوسي گڙکو کول ته قيدي ڏٻ ڏئي اٿندا پوءِ ڪٿي هو ڇا به ڪندا هجن ۽ هڪ ٻئي جي ٻنيان اٽينشن جي حالت ۾ ٿي بيهندا. ڪال ڪوٺڙي جو در کوليو ته ڪال ڪوٺڙي جو مک يڪي ساهه رڙ ڪندو:

”اٽينشن!- ڪال ڪوٺڙي ۾ ٽو سنهڻ - جنهن جا ڏئي ماڻهو آرڊر ۾ هجن.“

ته پوءِ: ٢٦٧. اها آھي اسان جي ڪال ڪوٺڙي. پر هت خودڪار طريقو ڪم نٿو ڪري. فقط به ماڻهو ڏٻ ڏئي اٿن ٿا آئون دري هيٺ تڏي تي پيٽ ڀر ليٽيو رهان ٿو هفتو، پندرهن ڏينهن، مهنو، ڇهه هفتا - آئون پيهر ڇمان تو.

آئون هاڻي پنهجو ڪنڌ ڦيرائي سگهان ٿو، هٿن جي چرپر ڪرڻ جي سگهه اٿم ۽ پنهنجين ٽنگن تي پاڻ کي مٿي ڪري سگهان ٿو، ٻون سٽن سمهڻ جي ٻه ڪوشش ڪئي آهي.... اهڙي نموني رهڻ ڪان ان بابت لکڻ يقينا سولو آهي.

ڪال ڪوٺڙي ۾ پڻ ڦير ڦار ٿئي پئي. ڪال ڪوٺڙي جي در تي ٽن جي بدران ٻه ماڻهو رکيا اٿن، هتي اسين ٻه هاڻي ٻه وچي بچيا آهيون. ڪارليڪ اوجهل ٿي ويو آهي. هو ان جوڙي سان آهي جنهن منهنجي بيهوشي وقت غمگين گيت ڳايا هئا. سندس پويان فقط هڪ ياد وڃي بچي آهي. آئون هن کي فقط اڌ غشي ۾ ڏسان ٿو ۽ سو به اسان سان گڏ سندس آخري ٻن ڏينهن بابت. هو صبر ۽ تحمل سان پنهنجو داستان وري وري پيو ٻڌائي ۽ سونکي وري ڳالهه جي اڌ ۾ ڇڏيو ٿو اچي.

سندس نالو ڪاريل ماليڪ آهي، هو انجڻ هلائيندڙ آهي ۽ هلائيس ويجهو ڪجهي لوه جي ڪاڻ ۾ ڪم ڪندو هو. اتان هو گهرو محاذ لاءِ بارود لڪ چوري موڪليندو هو اٽڪل ٻه سال اڳ کيس گرفتار ڪيو ويو ۽ هاڻي ڪيس هلائڻ لاءِ وٺيو پيا وڃنس، شايد ٽرلن ڏانهن؛ پيا ٻه ڪيترائي قاتل آهن، خبر نه آهي نتيجو ڇا نڪري. ڪيس هڪ زال ۽ ٻه ٻارڙا آهن، جيڪي ڪيس تمام پيارا آهن — پر توکي

خبر آهي تہ آخر اهو منهنجو فرض هو، پر ڇا ٿي ڪري سگهيس.

هو گهڻي دير تائين مون سان گڏ ويٺو ۽ مجبور ڪيائين تہ ڪجهہ کان، نٿو کائي سگهان.

چنچر.

مون کي هٿ آئي اٺ ڏينهن ٿيا آهن؟ هو هڪ وڏي ڪوشش ڪري ٿو: جيل جي جرمن ڪمپائونڊر کي ٻڌائي تہ جڏهن کان آئون هت آيو آهيان ڪجهہ بہ نہ کاڌو اٿم. پانڪريڪ جيل جو جرمن ڪمپائونڊر پاڻ خود شوروي جو پيالو کڻي اچي ٿو، ۽ ٻي ختم ڪرڻ مٿان ٻيڻو آهي. هن جرمن ڪمپائونڊر جي علم کان سواءِ چيڪ ڊاڪٽر کي ايسپرين ڏيڻ جي بہ اجازت نہ آهي. ڪارليڪ پنهنجي ڪاميابي تي مطمئن آهي ۽ ٻي ڏينهن تي هو پاڻ آچر ڏينهن وار شوروي جو پيالو مون کي پياري ٿو.

پر معاملو اڳتي نٿو وڌي. سڀ ڏانون پڇي پيون اٿم. آچر جي ڏينهن واري ٻوڙ جا پٽاٽا بہ چٻاڙي نٿو سگهان ۽ منهنجي سميل نڙي گره اندر ٿيڻ تي فرياد ٿي ڪري.

”هي تہ گوشت ۽ پاچين جو ٻوڙ بہ نٿو کائي سگهي!“ ڪارليڪ ڏک ۾ منهنجي مٿان ڪنڌ لوڏي ٿو.

پوءِ هو ”بابا“ سان گڏ منهنجو حصو کائي ٿو.

توهان جيڪڏهن ۱۹۴۲ ۾ پانڪريڪ جيل ۾ نہ رهيا آهيو تہ پوءِ توهان کي ڪوڙي خبر تہ پاڇي

گوشت جو ٽڪر ڪيڏي وڏي نعمت آهي! بدترين حالتن ۾ جڏهن اوهان جي پيٽ ۾ بک ڪان ڏهل پيا وڄن، جڏهن پيو نه، ته به اڪين سان ئي هر ساٿي اڳيان پنهنجي واري پاڻ حصي جو راشن ڦري، ته تڏهن پاڻي جهڙي ٽماٽن جي رس ۾ سڪل ڀاڄين جو گپ جهڙو ٽڪر به هڪ شاندار طعام ٿو لڳي. اهڙين خراب حالتن ۾ به هفتي ۾ ٻه ڀيرا خميس ۽ آچر جي ڏينهن باقاعدگي سان باورچي توهان جي پليٽ تي پٺاپا ۽ هڪ چمچو ڀاڄي گوشت جو وجهندا آهن جنهن ۾ گوشت ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو آهي اهو ڪيترو نه لذيذ آهي، هائو لذيذ ڪان به ڪجهه وڌيڪ. انساني زندگي جي ڪي قدر مهذب يادگار، گيسٽاپو جيل جي بي رحم انڌ ڌنڌ ۾ ڪِا قاعدي واري ڳالهه. اهڙي ڳالهه جنهن جو خوشي سان ذڪر ڪيو ويندو آهي: اڙي ڪير ٿو تصور ڪري سگهي ته شوروي جي انهي هڪڙي چمچي ۾ جنهن مان موت سان دائمي ويجهڙائپ واري سرهاڻ ايندي هجي، ڪيڏي نه وڏي خاصيت آهي.

پر مهنو گذرڻ کان پوءِ سون ڪارليڪ جي تعجب ڪي سمجهيو آئون ڀاڄي گوشت به نٿو کائي سگهان! انهي کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڳالهه ڪيس منهنجي اڻ ٽر موت جو يقين نٿي ڏياري سگهي.

اينڊڙ رات پين بجي هنن ڪارليڪ کي ننڊ مان اٿاريو. ڪيس سفر جي تياري لاءِ صرف پنج منٽ ڏنا

ويا، چڻ تہ ڪيڏانهن گهڙي ڪن لاءِ وڃڻو اٿس ۽ اهڙو ڪو سفر نہ جيڪو هن جي زندگي جو ئي خاتمو هجي؛ يا ڪنهن نئين جيل ڏانهن، ڪنهن عذيت-واري ڪيمپ يا ڦاسي واري جاءِ ڏانهن، ڪير ڄاڻي ڪيڏانهن!!—

هڪ دفعو وري هو منهنجي تڏي وٽ جهڪيو منهنجو ڪنڌ ٻانهن ۾ جهلي، سونکي چميائين. جيل جي وارڊن دالان ۾ رڙ ڪئي، چڻ تہ پانڪريڪ ۾ جذبن جي وجود ڪي ڪو حق نہ آهي؛ ۽ ڪارليڪ ٻاهر هليو ويو. ڪاف ڏيڻ جو آواز.... ۽ ڪوٺڙي ۾ فقط اسين ٻہ وڃي بچاسون.

اسين وري ڪڏهن هڪ ٻئي کي ڏسنداسون؟ وري ڪڏهن سوڪلائڻ ٿيندو؟ اسان ٻن مان پهرين ڪير ويندو؟ ڪيڏانهن؟ هن کي ڪنهن سڏيو؟ هڪ جرمن پوليس وارڊن؟ يا موت؟

آئون هاڻي فقط تصور جي آڌار تي لکي رهيو آهيان جيڪو پهريون پيرو سوڪلائڻ واري وقت ڪان وٺي اسان سان آهي. ان ڳالهہ کي سال ٿي ويو آهي پر اسانجي ويل ساٿين جي ياد ور ور ڏئي موٽي ٿي. ڪال ڪوٺڙي جي در تي ٻن جو انگ هڪ دفعو وري ٻہ ۽ وري ٽي، ٻہ، ٽي، ٻہ، نوان قيدي اچن ٿا ۽ وڃن ٿا — فقط ٻہ جيڪي پهرين ڏينهن ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ ۾ هئا اڃا تائين منجهس آهن.

”بابا“ ۽ آئون.

”بابا“ سٺ سال جي عمر جو ماستر آهي، ذالو جوزف پيسيڪ اٿس هو ماسترن جو اڳواڻ هو. کيس مون ڪان ٨٥ ڏينهن اڳ آزاد چيڪ اسڪول سنڌار تحريڪ جي وسيلي نازي حڪومت خلاف گڙٻڙ ڪرڻ جي الزام ۾ جهليو ويو هو.

”بابا“ — هي آهي........

پر منهنجا نوجوان تون اهو ڪيئن لکندين. ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ٻه ماڻهو هڪ ڪال ڪوٺڙي ۾ هڪ سال! انهي عرصي ۾ ”بابا“ لفظ جي مٿان واڪ نشان ختم ٿي ويا، انهي وقت اندر اسان هڪ ٻئي جون عادتون وٺندڙ محاورا ۽ ڳالهائڻ جو انداز به سمجهي ۽ سکي وياسون — ڪوشش ڪر ۽ سڃاڻ تہ اڄ منهنجو ڇا آهي ۽ بابا جو ڇا آهي. هو ڪال ڪوٺڙي ۾ ڇا ڪٽي آيو ۽ مون ڇا آندو!

هن رات ڏينهن منهنجي نظرداري ڪئي آهي ۽ جڏهن به موت ويجهو آيو آهي تڏهن منهنجي ڦٽن تي پنل اڇيون پٽون ٻڌي کيس ديچاري پچائي ڇڏيندو آهي. هن بنا ڪنهن لالچ جي منهنجن ڦٽن تان گند ۽ پونءِ پي صاف ڪئي آهي ۽ ڪڏهن به ظاهر نہ ڪيو اٿس تہ ڪم هو منهنجي تڏي تان ايندڙ گندي ڌپ محسوس ڪري ٿو. هن منهنجي ليڙون ٿيل قميص کي ڌوتو ۽ ٽوپا ڏنا جيڪا منهنجي آڌي ٻچا جي شڪار ٿي وئي هئي. پر جڏهن اها قميص ٽوڻ ڪان به چڙهي

وٺي تڏهن پنهنجي گنجي پائڻ لاءِ ڏنائين. هن مونکي گل بهار ۽ گاهه جو هڪ پن به آڻي ڏنو جيڪو پانڪريڪ جيل جي اڱڻ ۾ صبح جو اڌ ڪلاڪ واري چهلقدمي وقت لڪ چوري پٽي ورتو هئاسين. جڏهن آئون وڏيڪ آڏي پڇا لاءِ ويندو آهيان تڏهن هو رحمدل اکين سان مون سان گڏ هوندو آهي، ۽ جڏهن آئون تازن ڦٽن سان سوڙهندو آهيان تڏهن مون کي نيون پٽيون ٻڌندو آهي. جڏهن به هو رات جو پڇا لاءِ وٺي ويندا آهن تڏهن سنهنجي واپس موٽڻ ۽ مون کي تڏي تي ليٽائي چڱي طرح ڪمبل ڍڪڻ کان اڳ ننڊ سمهندو آهي. اسان جي شروعات اهڙي هئي ۽ گڏ رهڻ ڪري جڏهن آئون اتي ويهي تي سڪيس ۽ هڪ پٽ وانگيان پنهنجا فرض لاهڻ شروع ڪيا هئم تڏهن به ان ۾ ڪو ڦيرو نه آيو هو.

پر منهنجا نوجوان يڪساهي تون سڀ ڪجهه ڪيئن لکندين. انهيءَ سال ۾ ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ جي زندگي جا وڏا داستان آهن بابا به ڪال ڪوٺڙي جي زندگي جي هر گهڙي پنهنجي طريقي سان گذاري. اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ۽ هن داستان جي اچا ڀڃاڙي نه آهي. ”داستان ختم ٿڻ جي ڳالهه ڪهڙي نه پر اميد لڳي ٿي.“ ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ جي زندگي جا ڏکيا داستان آهن. گهڻو ڪري هر ڪلاڪ کان پوءِ در کلي ٿو ۽ چڪاس ڪئي وڃي ٿي. خطرناڪ ڪميونسٽ

ڏوهاري تي سختي سان نگهباني جو حڪم آهي. وڏي
اچرج جي ڳالهه آهي. هت گهڻو ڪري اهڙا به ماڻهو
مريو وڃن جن کي مرڻ لاءِ نٿو آندو وڃي. پر اُئين
ورلي ٿئي ٿو جو اهو ماڻهو نه مري جنهن جو موت
سڀني جي خيال موجب ويجهو هجي. جيل جي هن پاسن
مان وارڊن هت اچي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن ٿا يا خاموشي
سان ستل قيدين تان ڪمبل لاهي ڪنهن ماهر جي نظرن
سان ڦيٿ ڏسي لطف وٺن ٿا ۽ پنهنجي ڪميڻائپ
جي درجي جو اظهار مختلف گفتن سان ڪن ٿا.
اسان انهن مان هڪ جو نالو "ڏکهي نڪوارو"
رکيو آهي. هو هن کان وڌيڪ ايندو آهي ۽ ڪلمندي
پڇندو آهي ته سرخ شيطان کي ڪجهه کپي. نه مهرباني
هن کي ڪجهه به نه کپي. توڙن ڏينهن کان پوءِ
ڏکهي نڪ واري کي خبر پئي ته "سرخ شيطان" کي
ڪجهه گهرجي:

حجام. هو پاڻ سان هڪ حجام آڻي ٿو. منهنجي
ڪال ڪوٺڙي جي قيدين کان سواءِ هي پهريون قيدي
آهي جنهن سان آئون مليو آهيان: ڪامريڊ بوسيڪ. بابا
منهنجو مٿو ٿو جهلي ۽ ڪامريڊ بوسيڪ ٽڏي جي پير
۾ ويهي هڪ تکي پاڪي سان منهنجي ڏاڙهي جي گاهه
مان رستي ڪڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. سندس هٿ
ڏڪن ٿا ۽ اکين ۾ ڳوڙها اٿس. پڪ اٿس ته هڪ مردي
جي ڏاڙهي ڪوڙي رهيو آهيان. آئون کيس دلداري

ڏيان ٿو.

"ادا، همت ڪر! مون پاڻ پيتسچڪ جيل ۾ ٻچا ڪي منهن ڏنو آهي سمجهان ٿو ته تنهنجي ڏاڙهي لاهڻ تائين ٺيڪ هوندس."

پر اسان ٻنهي ۾ گهٽي سگهه ڪانهي ۽ ساڳي ڪٿون ٿا.

ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻن ٻين سان واقفيت ٿئي ٿي. پيتسچڪ محل جا عملدار ٻي صبرا آهن. مونکي گهرايو اٿن، ۽ حڪم ڪيو اٿن ته ڪنهن به طريقي سان مونکي آندو وڃي. چاڪاڻ ته هر روز جڏهن مونکي گهرائڻ جو حڪم ايندو آهي تڏهن جيل جو ننڍو ڊاڪٽر ان تي لکي موڪليندو آهي ته قيدي، موڪلڻ جي لائق نه آهي، انهي ڪري ڪمپائونڊر جي وردي ۾ ٻه قيدي اسٽريچر کڻي اسان جي ڪال ڪوٺڙي ۾ اچن ٿا. بابا مشڪل سان مون کي ڪپڙا پهرائي ٿو ۽ ڪامريڊ مونکي اسٽريچر تي وجهي کڻن ٿا. ان مان هڪ جو نالو اسڪوريپا آهي، ۽ ٻئي جو نالو — آهي. ڏاڪڻ تان هيٺ ويندي جڏهن آئون لاهي واري پاسي ترڪيس تڏهن هن منهنجي مٿان جهڪي چيو:

"بيهو!"

پوءِ آهستي وڏيڪ چيائين:

"همت ٻه!"

هن پيري اسين مرحبا جي آفيس ۾ وياسين. ٻه مون کي ٻاهر ويندڙ پاسي واري کان کڻي آيا. دالان ماڻهن سان پريو پيو آهي — اڄ خميس جو ڏينهن آهي قيدين

جا مائٽ سيرا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڪٽڻ آيا آهن — آهي سڀ هي ڏک ڀريو جلوس ڏسن پيا. سندن اکيون پاڇهه سان ڀريل آهن، ۽ سندن لاءِ اها ڳالهه دل کي ڏڏ ڏيندڙ نہ آهي. انهي موت ڪري هٿ مٽي تي آٿي مٽ پيڙي. شايد هو اهو ڏسن ۽ محسوس ڪن تہ آئون سندن آجيان پيو ڪريان. شايد اهو بيوقوفي جو اشارو آهي، پر آئون وڌيڪ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان، اڄا ايتري سگهہ ڪانہ اٿم.

پانڪريڪ جيل جي اڱڻ ۾، هنن اسٽريچر هڪ لاري ۾ وڌو جرمن جاسوسي پوليس جا بہ عملدار سنهنجي سيراندي ڪان ويٺا. سندن هٿ پستولن تي آهن ۽ اسين روانا ٿا ٿيون. نہ، آهو سنو رستو بالڪل ڪونہ هو. رستي تي کڏون کوٽيا هئا. اسين اڃا بہ سو کن وال مس ويا هئاسون تہ آئون بيهوش ٿي ويس. پراگ جي گهٽين مان اهو سفر ڪل جهٽڙو هو. پنج ٽن وزن واري لاري جيڪا ٣٥ ماڻهن لاءِ هئي سا فقط هڪ مسافر لاءِ پيٽرول خرچ ڪري رهي هئي. ۽ جرمن جاسوسي پوليس جا بہ عملدار سيراندي وٽ ۽ بہ پيراندي وٽ ويٺا آهن. سندن هٿ پستولن تي آهن ۽ آدم خورن وانگر تڪين پيا. هو هڪ لاش تي پهرو پيا ڏين تہ جيئن اهو ڀڄي نہ وڃي.

ٻي ڏينهن بہ ساڳي ڪار، پر هن دفعي آئون پيتسچڪ محل تائين هوش ۾ رهيس. آڌي پڇا گهڻو وقت نہ هلي.

آڌي ڌاري گهڙو وقت نه هليو. فوجي عملدار فرانڊاريڪ ڪجهه بي خيالي واري نموني ۾ منهنجي جسم کي هٿ لاتو. هڪ دفعي وري هو مون کي بيهوشي جي حالت ۾ واپس ڪڍي آيا.

هاڻي اهي ڏينهن آيا جڏهن آئون پنهنجي زنده هئڻ ۾ وڏيڪ وقت لاءِ شڪ نٿي ڪري سگهيس.

زندگي جي جاڙي پيٺ سوڙ سونکي ان بابت چٺو ياد ڏياريو. پانڪريڪ جيل ۾ اها خبر پکڙجي وئي هئي ته ڪنهن نظر چڪ سبب آئون اڃا زنده آهيان ۽ پهريون مبارڪون اچڻ شروع ٿيون.

اهي مبارڪون جيل جي ويڪرين پٽين تي ٺڪاڻن سان تي آيون. يا ماني ڏيندڙن جي اکين ۾ ڏيون. فقط منهنجي زال کي ڪا خبر ڪانه هئي. اسان کان هڪ ماڙ هيٺ ڏورو پاسي تي پنهنجي ڪال ڪوٺڙي ۾ هيڪلي انتظار ۽ اميد جي دنيا ۾ رهندي هئي.

هڪ ڏينهن صبح جو اڌ ڪلاڪ واري چهل‌قدمي وقت هڪ پر واري قيدي عورت ڪيس ٻڌايو ته منهنجو معاملو پورو ٿي ويو آهي، آئون آڌي ڌاري وقت رسيل ڏڪن وڳهي مري ويو آهيان. پوءِ هو جيل جي اڱڻ ۾ گهمندي وتندي هئي، هن لاءِ دنيا اونداهي ٿي وئي ۽ ڪيس اهو به محسوس نه ٿيو ته سندس وارڊ جي نگهبان ڪيس سنهن ۾ ڏونشا هڻي رهي آهي، ڪيس وري قطار

۾ آڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪا جيل جي زندگي جي باقاعدگيءَ جي نشاني آهي. جڏهن هن پنهنجي ڪال ڪوٺڙي جي اچڻ وڃڻ تي ڳوڙهن کان خالي اکين سان گهوريو هوندو تڏهن سندس اکين ڇا ڏٺو هوندو؟ ايندڙ ڏينهن تي وري ٻي رپورٽ آئي: ته مون کي اڇا ماريو نه ويو آهي پر سور سهي نه سگهڻ ڪري پاڻ کي ڪال ڪوٺڙي ۾ ڦاهي ڏني اٿم.

هوڏانهن آئون پنهنجي چنل تڏي تي ليٽي هر صبح شام گستينا لاءِ اهي گيت ڳايان ٿو، جيڪي ڪيس وڻندا هئا. جڏهن منهنجي گيتن ۾ ايڏو درد هوندو آهي، تڏهن هو اهي ڪيئن نه ٻڌندي هوندي! اڄ ڪيس خبر آهي، اڄ هو ٻڌي پئي، جيتوڻيڪ اڳي کان گهڻو پري آهي. اڄ وارڊ جي نگهبانن کي به خبر آهي، هو ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ کي ڳائيندي ٻڌڻ جا عادي ٿي ويا آهن. هو در تي آواز نٿا ڪن ۽ اسان کي ماٺ ڪرڻ لاءِ به نٿا چون.

ڪال ڪوٺڙي ڳائي پئي مون سڄي عمر ڳايو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته ٻڄاڙي ۾ ڇو ماٺ اچيم. جڏهن زندگي حد کان وڌيڪ سرگرم آهي. بابا پيسيڪ؟ هو ته هڪ غيرمعمولي ماڻهو آهي! ڪيس گيت ڏاڍا وڻندا آهن. هو گيتن سان ايترو ته پيار ڪندو آهي ۽ انهن مان ڪيس ايترو ته لطف ايندو آهي جو مون کي اهو ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو آهي ته هو ڪيڏي

مهل هڪ سر مان ئي سر ۾ ويو. اسين وقت ڳايون ٿا جڏهن وطن جي ياد اسان تي غالب آهي، جڏهن ڏينهن سرهو هجي ٿو. گيت سان اسين ويندڙ ساٿي جو سات ڏيون ٿا. جنهن کي اسين شايد وري ڪڏهن به ڏسي نه سگهون. اسين خوشي مان ڳايون ٿا، بلڪل ائين جيئن انسان هر دور ۾ پئي ڳايو آهي ۽ ان وقت تائين هو ڳائيندا رهندا جيستائين هو انسان آهن.

راڳ زندگي جي لاءِ ايتروئي ضروري آهي جيترو سج جي روشني اسان کي گيتن جي پيٽي گهرج آهي، چاڪاڻ ته سج اسان تائين نٿو پهچي. ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ جو منهن اتر ڏانهن آهي ۽ اونهاري وارن مهينن ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ لهندڙ سج ايرندي پٽ تي درين جي شيخن جو پاڇو ناهي ٿو — پوءِ بابا ڪٿ وٽ اتان بيهي سج جا لهندڙ ڪرڻا ڏسندو آهي. هت توهان کي اهو نظارو ڏک پريو لڳندو.

سج! گول جادوگر دل کولي روشني ڏئي ٿو ۽ انسان جي اکين اڳيان ڪيتريون عجيب ڳالهيون ظاهر ڪري ٿو. ڪيترا نه ٿورا ماڻهو سج جي روشني ۾ رهن ٿا. هائو، اهو روشني ڏيندو رهندو ۽ ماڻهو سندس ڪرڻن هيٺ رهندا. انهي جو احساس ڪيڏو نه وڻندڙ آهي. انهي ڪان سواءِ هي به، ته ڇا اهو اسان لاءِ به چمڪندو؟

اسان جي ڪال ڪوٺڙي جو رخ اتر طرف آهي. اسين فقط ڪڏهن، ڪڏهن اونهاري ۾ صاف ڏينهن تي سج لهندي ڏسون ٿا. پر بابا؛ سج کي اڀرندي ڏسڻ جي ڪيڏي نه خواهش اٿم.

باب چوٿون

ڪمرو نمبر چار سئو

مري، جيئن ڪجهه عجيب ۽ نرالو معاملو آهي.
اهڙو ته نرالو آهي جنهن کي بيان ڪرڻ ڏکيو آهي.
هڪ وڻندڙ ڏينهن تي چڱي طرح نند ڪرڻ کان پوءِ
دنيا ڏاڍي دلڪش لڳندي آهي. پر اهو چالاڪ ته ڏينهن
خوبصورت هو ۽ ان ڪري تو اهڙي سٺي ننڊ ڪئي
جيڪا اڳ ڪڏهن به نه ڪري سگهين. تون پاڻ کي
زندگي جي منزل کان چڱي طرح واقف ڏسو سمجهين،
پر اهو ائين ٿو لڳي جڻ ته ڪاريگرن صاف شيشن
واريون سموريون بتيون پاري ڇڏيون هجن ۽ تنهنجي
اکيان بتين جي جهرمر ۾ سڄو نظارو رکي ڇڏيو هجين.
تون سمجهين ٿو ته انهيءَ کي چڱي طرح ڏسي ورتئي.
پر اهو ائين جڻ ته تو پنهنجين اکين تي دوربيني رکي،
پوءِ ان ۾ خوردبين ڳنڍي هجي. مري، پوءِ جيئن بهار جي
موسم جيان آهي ۽ بهار وانگيان آسپاس جي روزمره جي
ماحول ۾ به اهڙيون اوچتيون ڳالهيون ڏسبيون آهن.

اهڙي حالت ان وقت هوندي آهي جڏهن تو کي
خبر آهي ته اهو فقط گهڙي کن لاءِ آهي ۽ ساڳئي
حالت ان وقت به هوندي آهي جڏهن اوهان ج آسپاس

جا نظارا اهڙا وڻندڙ ۽ دل ڇڪيندڙ هوندا آهن، جهڙي پانڪريڪ جي هڪ ڪ'ل ڪونڙي.

پر جڏهن هڪ ڏينهن توکي واپس دنيا ۾ وٺي ٿا اچن. هڪ ڏينهن توکي پيچا لاءِ گهرايو ٿـو وجي ـــ اسٽريچر ڪان سواءِ ـــ ۽ جيتوڻيڪ تون سمجهين ٿو تہ اهو ناممڪن آهي پر توکي ڪيئن بہ ڪري هلڻو آهي. دالان جي پٽ سان ڪنهڙو آهي ۽ ڏاڪڻ ڪي بہ جهل جي ڪاني آهي. تون ٻـن پيرن ڪان وڌيڪ چئن عضون ڪان ڪم وٺي هيٺ لهين ٿو. هيٺ ساٿي قيدي توکي جيل جـي لاري ۾ ويهارين ٿـا. پوءِ تون ويٺو آهين ۽ ڏهہ ٻارنهن ماڻهو اونداهي غـار ۾ آهن. نوان آيل ماڻهو تو ڏانهن ڏسي مشڪن ٿا ۽ تون نہ جواب ۾ مشڪين ٿو، ڪو ماڻهو بلڪل آهستي ڪن ۾ ڪجهہ چوي ٿو. توکي خبر نہ آهي تہ هو ڪير آهي، تون ڪنهن مـاڻهو جـا هٿ جهلي انهن ڪي زور ڏين ٿو. توکي خبر نہ آهي تہ اهي ڪنهن جا هٿ آهن ـــ ۽ پوءِ لاري اوچتو پيٽسچڪ محل ۾ پهچي وڃي ٿي ۽ ساٿي توکي ڪڻن ٿا. تون وڏن ڪمرن ۾ گهڙين ٿـو جن جون پٽيون خالي آهـن. هڪ ٻئي پٺيان پنج بينچون آهن جن تي قيدي اٽينشن جي حالت ۾ ويٺا آهن. سندن هٿ گوڏن تي آهن ۽ چرپر ڪرڻ ڪانسواءِ سامهون واري خالي پٽ تي ڏسي رهيا آهن. تہ پـوءِ منهن جا

نوجوان اهـا اٿئي تنهنجي نئين دنـيا جنهن ڪي سئنيما سـڏيو وڃي ٿو.

يوم مئي ١٩٤٣:

اڄ ١٩٤٣ سال جو يوم مئي آهي. ديوٽي ڏيندڙ نگهبان به خطري وارو ماڻهو نه آهي تنهن ڪري آءٌ ڪجهه لکي سگهان ٿو! ڇو نه اڄوڪي ڏينهن تي گهڙي ڪن لاءِ وري ڪميونسٽ صحافي بڻجي نئين دنيا جي جدوجهد ڪندڙ قوتن جي، يوم مئي واري پريڊ بابت رپورٽ لکان!

ڪپڙي جي چادر تي لکيل نعرن بـابت پڙهڻ جي اميد نه رکـ هت اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي. آئـون اوهان کي اهي زبردست ڪارناما به نٿو ٻڌائي سگهان جن کي ٻڌي توهين خـوش ٿيو. اڄ جـي هر ڳالهه ۾ سادگي هئي. نه هتي پراگ جي گهٽين وارا هزارين انسان ناهن نه وري ماسڪو ۾ سرخ چوڪ ۾ سيلاب وانگيان ايندڙ لکين انسانن جو سهڻو سمنڊ آهـي. اهي سڀ مون اڳئين سالن ۾ ڏٺا هئا. هت نه لک آهن ۽ نه وري سو فقط ڪجهه ساٿي، مـرد ۽ عورتون. تنهن هونـدي به توهان محسوس ڪندؤ تـه اهي به گهٽ ڪونهن. اهو انهي ڪري ته هي ان طاقت جو ڀاڱو آهي جيڪا هن گهڙي بـاهه جي هڪ تمام وڏي مچ مان گذري رهي آهي ۽ ان مچ مان لنگهڻ سان ڦولهيار نه پر رڪ بڻجي رهي آهي. اهـو جنگ وقت ۾ ڪاهڻ وارو نظارو آهي ۽ ڪاهين ۾ جرمن فوجي آهن.

انهن نندين ڳالهين ۾ سڀ ڪجهہ آهي. ڪهڙي خبر تون، جنهن ڪڏهن بہ اهڙي زندگي نہ گذاري آهي سو جڏهن هي لکيو پڙهندين تہ جيڪر بہ نہ سمجهي سگهين پر سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. مون تي يقين ڪر تہ انهي ۾ طاقت آهي.

پر واري ڪال ڪوٺڙي مان صبح جي ڪيڪار، جيڪا بہ لوهي تارون وچائڻ سان ڪئي وڃي، سا اچ وڏيڪ شادماني واري اثرائتي پئي لڳي ۽ پت ان کي بلند آواز ۾ پيش ڪري ٿي!

اسين پچت آهر سٺي پوشاڪ پايون ٿا. سيني ڪال ڪوٺڙين جو ساڳيو حال آهي.

ناشتي اچڻ وقت اسين تيار رهون ٿا. ڪال ڪوٺڙي جي ڪايل دروازي مان جيل ۾ ماني ڏيندڙ ماني، ڪاري ڪافي ۽ پاڻي ڪٽي اندر اچن ٿا. اڄ مانيءَ جي بہ نڪرن ٻدران ٿي ڏئي ٿو. اها سندس يوم مئي جي ڪيڪار آهي. هڪ ڏيان ڏيندڙ ماڻهو طرفان هڪ اثرائتي ڪيڪار. ماني جن نڪرن ديئان هڪ ٻئي جي دشمن جي آڱرين کي زور ڏنو وڃي ٿو. ڳالهائڻ تي بندش آهي، تہ توهان جي اکين تي بہ نظر رکي وڃي ٿي — پر چا گونگا پنهنجين آڱرين سان چٽي طرح نٿا ڳالهائي سگهن.

اسان جي ڪال ڪوٺڙي جي سامهون ٻاهر اڱڻ ۾ عورتون صبح وارو اڌ ڪلاڪ گذاري رهيون آهن.

آئون ڏيبل تي چڙهي لوهي شيخن سان هيٺ ڏسان ٿو. جڏهن ڪجهه قسمت چڱي هوندي تہ منهون تي نظر پوندين. هائو، ڏٺو اٿن. هو ڪيڪار لاءِ پنهنجون ٻڪوڙيل مٺيون مٿي ڪري رهيون آهن. آئون ڪيڪار جو جواب ڏيان ٿو. ٻاهر اڱڻ ۾ اڄ هر شيءِ ۾ زندگي آهي، بلڪل مختلف ٻين ڏينهن کان وڌيڪ خوشين واري زندگي. جيل جي نگهبان عورتن تي اڪ نئي رکي ۽ شايد نهارڻ نئي گهري ۽ اها ڳالهہ بہ هن سال جي يوم مئي واري پريڊ ۾ شامل آهي.

هاڻي اسان جو اڌ ڪلاڪ شروع ٿئي ٿو. ڪسرت ڪندڙن جي اڳواڻي ڪريان ٿو. اڄ مئي جي پهرين تاريخ آهي. ساٿيو، اسين پنهنجو ڪم الڳ نموني شروع ڪنداسون پوءِ ڪٿي پهريدار ڪي اچرج لڳي. پهرين ورزش هڪ، ٻہ، هڪ، ٻہ، هٿوڙي جا ڌڪ، ۽ ٻي ورزش لٽڻ. مترڪو ۽ ڏاٽو. ساٿي سمجهي ويندا تہ ان سان ڇا مطلب آهي، مترڪو، ڏاٽو. چوڌاري ڏسان ٿو. هو مرڪن ٿا ۽ شوق سان ورزش جا اکر ٻڌهن ٿا. ساٿيو، اها اسان جي يوم مئي جي گڏجاڻي اٿو. اسان جو هي گونگو ناٽڪ ـــ اهوئي اسان جو يوم مئي تي وعدو آهي تہ مرڻ گهڙي تائين بہ مقصد سان وفادار رهنداسون.

واپس ڪال ڪوٺڙي ۾.

نو لڳا آهن. هن وقت ڪريمان ۾ گهڙيال ڏهن جا ڌڪ هڻي رهيو آهي ۽ سرخ چوڪ جي پريڊ بس شروع

ٽيڻ واري آهي. بابا اسين ٻه هنن سان گڏ هليا آهيون. هو ان وقت اتي انٽرنيشنل (مزدورن جو عالمي ترانو) ڳائي رهيا آهن. هن وقت سڄي دنيا ۾ انٽرنيشنل جو آواز گونججي رهيو آهي. اسان جي ڪال ڪوٺڙي ۾ اهو آواز اچڻ ڏيو. اسين ڳايون ٿا. ۽ پوءِ ڏڪڙي ڀڃيان پيو انقلابي گيت ڪڙڪات ڪندو اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته اسين اڪيلا ٽيڻ نٿا گهرون. اسين اڪيلا ٻه نه آهيون. اسين انهن مان آهيون جيڪي هن وقت آزادي جي فضا توڙي جدوجهد ۾ ڳائي رهيا آهن.

جيان، سرد ايذاءُ گهرن،
وارا ساٿيو،
توهين اسان سان آهيو توهين اسان سان آهيو،
جيتوڻيڪ توهين اسانجي صفن ۾ نه آهيو،
هائو! اسين اوهان سان آهيون.

اهڙي طرح اسان ڪال ڪوٺڙي ٢٦٧ ۾ ١٩٤٣ جي يوم مئي واري پريڊ جي فتح مند ڀڃائي جي رٿ ٺاهي، پر واقعي اها ڀڃائي آهي ۽ ڪمپائونڊر عورت ڪي ڏسو جيڪا جيل جي اڳڻ مان لنگهندي سرخ فوج جي پيش قدمي واري سيٽي وڄائي رهي آهي ۽ ڪال ڪوٺڙين ۾ بند مردن جي همت افزائي خاطر، وطن لاءِ وڙهندڙ غير فوجي ڏولن جو گيت ۽ ٻيا سوويت گيت ڳائي رهي آهي. جيڪ يونيفارم واري پوليس واري ڪي ڏسو جنهن مون کي ڪاغذ ۽ پينسل آڻي ڏنا هئا ۽

هاٿي دالان ۾ پهرو ڏيئي رهيو آهي، جيئن سون کي ڪٽ لڳندي ڏسي نه وٺي ۽ هن ٻئي ماڻهو کي ڏسو جنهن سون کي لٽڻ شروع ڪرايو. اهو ماڻهو هي لکيل صفحا ڪٽي وڃي لڪائيندو آهي، ته جيئن وقت اچڻ تي اهي دنيا جي اڳيان اچي سگهن. ڪاغذ جي ان ٽڪر لاءِ ڪيئن سر به ڏيڻا پوندا هو پاڻ کي ان لاءِ خطري ۾ وجهي رهيا آهن، ته جيئن جيل جي بند ٻيڙي واري اڄوڪي وقت ۽ ايندڙ آزادي واري وقت جي وچ ۾ پل بڻجن. هو مقابلو پيا ڪن ۽ پنهنجين پنهنجين جاين تي بي ڊپائي ۽ سورهيائيءَ سان وڙهڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آڻي رهيا آهن. انهي لڙائي ۾ هو گمنام آهن. شايد توکي زندگي موت جي ڪشمڪش جي ڪڏهن به خبر نه پئجي. ان ڪشمڪش ۾ اهي گمنام سورهيه انهن جو ساٿ ڏيئي رهيا آهن، جيڪي زندگي لاءِ، ۽ موت خلاف وڙهي رهيا آهن ۽ تون سگهين ته فتح جي سج ايرڻ سان هو موت جي وڳهي ڏيکاريا وڃن.

تو ڪيترا ڀيرا انقلابي فوج کي يوم مئي جي پريڊ ڪندي ڏٺو هوندو، اهو نظارو ڪيڏو نه شاندار ۽ سهڻو هوندو آهي. پر ان فوج جي صحيح طاقت توکي فقط مقابلي ۾ ئي محسوس ٿيندي، ته ڪهڙي طاقت ان انقلابي فوج کي نٿي هارائي سگهي. تو جيڪي ڪجهه سمجهيو موت تنهن کان وڌيڪ سولو آهي ۽ سورهيائي

کي ڪو چٽ ڪونهي. پر توهان جيڪي ڪجهه سمجهيو ٿو هي جدوجهد تنهن کان وڌيڪ ڦهار آهي. ان جدوجهد ۾ لاڳيتو مقابلو ڪرڻ ۽ سوڀياري ٿيڻ لاءِ بي حساب قوت کپي. هر روز ڏسين ٿو ته اها ڪشمڪش جاري آهي، پر ان کان هميشه باخبر نه آهين. هر ڳالهه رواجي نموني ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

تون وري اڄ ان کان باخبر آهين.

۱۹۴۳ جي يوم مئي واري پريڊ ۾.

يوم مئي ۱۹۴۳ هن بيان جي سلسلي کي وقتي طور روڪي ڇڏو آهي. چاڪاڻ ته جشن جي ڏينهن ڳالهين کي بي نموني ياد ڪيو ويندو آهي ۽ شايد اڄ به خوشين جو غلبو منهنجين يادن کي بگاڙي.

پيتسچڪ محل واري ”سئنيما“ ڪا خوشي واري جاءِ نه آهي. اهو ڪمرو جسماني عذاب ڏيڻ واري ڪوٺي جي اڳيان آهي ”سئنيما“ واري ڪمري ۽ تو کي عذاب ڏيڻ واري ساٿين جي چيڪهه ۽ پوائنتيون ريهون ٻڌڻ ۾ اينديون، ۽ تو کي به خبر نه هوندي ته تنهنجو ڪهڙو خشر ٿيندو. ڏسين ٿو ته هتان تندرست، مضبوط ۽ زندگي سان ڀرپور انسان عذاب واري ڪوٺي ۾ وڃن ٿا ۽ ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ حاضر ٿيندڙ ڪنهن ماڻهو جو ڳرو آواز ٻڌين ٿو — ۽ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ٽٽل، سور ۽ ڏپ سان گهٽيل آواز پنهنجي مالڪ جي موٽڻ جي خبر ڏئي ٿو. ان کان به وڌيڪ خراب: ڏسين ٿو ته اکين

۾ اکيون وجهي ڏسڻ وارا ماڻهو اندر وڃن ٿا. پر اندران موٽڻ ڪانپوءِ توسان منهن سامهون ٿي نٿا سگهن. مٿي پڇا واري ڪمري ۾ شايد ڏک گهڙي ڪمزوري ۽ ٻڌتر جي، ڏک جهاڪ ڊپ جي آئي يا پاڻ کي بچائڻ جي خواهش پيدا ٿي— ۽ اڄ يا سڀاڻي ڏهه نوان ماڻهو ايندا ۽ سڀ مصيبتون سهندا. نوان ماڻهو جن کي ڏک ساٿي ڪشمڪش ۾ دشمن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. جن ماڻهن جو ضمير تڪليف ۾ هوندو آهي، تن جو ڏيک انهن ماڻهن کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي، جن کي جسماني عذاب ڏنا ويا آهن. جيڪڏهن تنهنجون اکيون جي موت ڊپ کان پاڪ ٿي ويون آهن، جيڪو چوڪيداري پنهنجي شڪار جي ڳولا ۾ آهي ۽ تنهن جي جذبن وري زنده ٿيڻ جي عمل سان وڌيڪ زور ورتو آهي، ته پوءِ تون ٻڌائڻ کانسواءِ اندروني سمجهه سان ٿي پرکي ويندين ته پڇا ڳاڇا وقت ڪير ٿيڙيو، ڪير غداريءَ جي حد تائين به ويو يا ڪنهن پنهنجي نفس جي ڪنڊ ۾ اهڙو خيال ڪيو ته پاڻ تان ڪجهه مصيبت ٽارڻ لاءِ جدوجهد ۾ شريڪ انهن ساٿين بابت ٻڌائڻ ايترو خراب نه آهي جيڪي گهڻ اهميت وارا آهن. اڙي ڪمزور دل وارا! اها زندگي ڪهڙي جيڪا ڏک ساٿي جي زندگي سان خريد ڪجي؟

”سئنيما ۾ جڏهن آئون ٻهريون پيرو ويٺو هئس تڏهن منهنجي سوچ شايد اها نه هئي. پر اڄ ور ور ڪري

اهو خيال ايندو هئم، اڄ صبح جو هڪ دفعو وري ڪجهه بدليل ماحول ۾ اهو خيال آيم — اهڙو ماحول جنهن ۾ ان گهڻو عام حاصل ٿي سگهيو ٿي. ”ڪمرو نمبر ۰۰۴“.

ان ”سئنيما“ ۾ آئون گهڻو وقت نه ويٺس. شايد ڪلاڪ ڏيڍ ان کان پوءِ پڻيان سڏ ٿيو. پوءِ چيڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ٻه شهري مون کي لفٽ ۾ ويهاري چوٿين ماڙي تي وٺي ويا ۽ اسين هڪ وڏي ڪمري ۾ آياسين جنهن جي در تي اهو نمبر لکيل هو.

نمبر ۰۰۴ —

هت سندن نگهباني ۾ آئون اڪيلو پاسي تي پيل هڪ ڪرسي تي ويٺو آهيان. سمجهان ٿو نه جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو آهي سو اڳئي ڏسي چڪو آهيان. اڳ ۾ هت آيو هئس ۽ نه پر تنهن هوندي به هر ڳالهه جي خبر اٿم. هن جاءِ کان واقف آهيان. سڀ ڪجهه خواب ۾ ڏٺو هئم. مون هڪ بي رحم ۽ ڀوائتو خواب ڏٺو هو جنهن ان جاءِ جي صورت خطرناڪ نموني بگاڙي ڇڏي هئي پر تنهن هوندي به سچائپ کان پري نه هئي. هاڻي ان جو ماحول دوستاڻو هو. ڏينهن جي روشني سان ڀرپور ۽ چٽا رنگ. ان جي وڏين درين مان ٽڙن جو گرجاگهر لينٽنا جي ساوڪ ۽ هرا ڊڪاني ڏسڻ ۾ آيا ٿي. خواب ۾ اها جاءِ اونداهي ۽ درين ڪانسواءِ هئي ۽ منجهس گندي سرجهايل پيلي روشني هئي، جنهن ۾ ماڻهو

پاڇن وانگي نظر ٿي آيا. هائو، اٿ واقعي ماڻهو هئا. هاڻي خالي آهي ۽ ڇهه ڏکيا بينچ ڊڪٻئي جي پٺيان پيا آهن. خواب ۾ ماڻهو انهن بينچن تي ويٺا هئا سندن منهن ڦڪا ۽ رتوڇاڻ تيل هئا. اٿ، دروازي جي بلڪل ويجهو آسماني رنگ جي مزدورن واري وردي ۾ ڪو ماڻهو ڏڪايل نظرن سان پاڻي پاڻي ڪري رهيو هو ۽ پوءِ ناٽڪ جي پردي وانگر آهستي آهستي زمين تي ڪري پيو....

هائو ائين ئي هو، پر هاڻي خبر اٿم ته اهو خواب نه هو. اهو بي رحم ۽ پوائنٽو تجربو — هڪ حقيقي واقعو هو.

اهو واقعو منهنجي گرفتاري جي پهرين رات آڌي پڇا جو آهي. شايد مونکي ٽي پيرا يا ڏهه پيرا هٿ وٺي آندو ويو. ڪهڙي خبر ڪيترا پيرا هٿ وٺي آيا؟— پر جڏهن به مٺن ڪي آرام ڪرڻو هوندو هو يا پنهن تي ڪم ڪرڻو هوندو هون ته پوءِ مونکي هٿ وٺي ايندا هئا. ياد اٿم ته اگهاڙين پيرين هئس ۽ سرن جو فرش پيرن جي ڦٽيل ڪڙين ڪي وٽندڙ نموني ٿڌو ڪندو هو.

ان پيري جنڪر ڪارخانن جا مزدور انهن بينچن تي ويٺا هئا. جرمن جاسوس پوليس شام جو انهن ڪي جهلي هو ۽ در وٽ مزدورن جي آسماني رنگ واري وردي ۾ بيٺل ماڻهو ڪامريڊ بارٽن هو، جيڪو اڻ

سڄي طرح منهنجي گرفتاري جو سبب بڻيو. هو جنڪر ڪارخانن ۾ پارٽي جي لڪل گروهه سان واسطو رکندو هو. آئون هي ان ڪري ٿو ٻڌايان، ته ڪنهن تي به مون کي هن حال ۾ آڻڻ جو الزام نه مڙهيو وڃي. سائين مان ڪنهن به غداري نه ڪئي آ نه وري ڪو ڏنو. اهو فقط هوڙيائي ۽ بدنصيبي جو نتيجو هو. ڪامريڊ بارڻن پنهنجي ڳجهي گروهه ۽ پارٽي جي اڳواڻن جي وچ ۾ لاڳاپي قائم ڪرڻ لاءِ خوش ڪري رهيو هو. سندس دوست ڪامريڊ جيلينڪ سازش جي اصولن کي ڪجهه حد تائين نظرانداز ڪندي لاڳاپي قائم ڪرڻ جو وعدو ڪيو. ان سوال تي هن مون سان اڳوات به ڪوڻه ڳالهايو ته جيئن ڪيس وچ ۾ آڻڻ ڪانسواءِ اهو ڪم ٿئي. اها پهرين غلطي هئي. ٻي وڌيڪ نقصانڪار غلطي هيءَ هئي ته ڪامريڊ بارڻن ڊوارڪ نالي هڪ شخص کي اها حقيقت ٻڌائي. ڪامريڊ بارڻن ان ساٿيءَ کي جيلينڪ جو نالو به ٻڌايو. انهيءَ ڪري جرمن جاسوس پوليس جي جيلينڪ جي گهر ۾ دلچسپي وڌي ويئي. انهي دلچسپي جو سبب جيلينڪ وارن جو اهو سڪيم ڪم نه هو جيڪو هو ٻن سالن کان چڱي طرح ڪندا ٿي آيا، پر سازش جي اصولن تي هلندڙ جي فرض ۾ ترجيتري گهٽي ان دلچسپي جو سبب ٿي. جرمن جاسوسي پوليس طرفان جيلينڪ کي خاص ان رات گرفتار ڪرڻ جنهن رات سونڪي سندن گهر ۾ مائٽڻ سان مليو

هو ۽ سندن ايتري وڏي تعداد ۾ اچڻ بالڪل اتفاقي هو. اهو رٿيل پروگرام نه هو. جپاينڪس وارا ٻئي ڏينهن گرفتار ٿيڻ وارا هئا. انهن کٽي چئجي ته جرمن جاسوسي پوليس وارا جنڪرس ڪارخانن ۾ پارٽي جي اڪل گروهه جي ڪاميابي سان پٽي ڪرڻ ڪانپوءِ هن گهر ڏانهن "ٿڌي هوا کائڻ" آيا هئا. پوليس جي اچڻ تي اسان کي جيترو تعجب ٿيو هنن کي به مون کي هٿ ڏسڻ تي ايترو ئي تعجب ٿيو. هنن کي اها به خبر ڪانه پيئي ته ڪنهن کي هٿ ڪيو اٿن. جيڪڏهن مون سان گڏ.... ته ڪين ڪڏهن به اها خبر نه پوي ها.

ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ منهنجن پهرين خيالن کي جاري رکڻ جو هي سلسلو ڪجهه وقت کان پوءِ شروع ٿيو ان وقت آئون اڪيلو نه هئس. بينچ ۽ پٽين جا پاسا ماڻهن سان ولاريا پيا هئا. حيرت انگيز واقعن سان پر، وقت جي گاڏي هلندي ويئي. ڪيترا عجيب حيرت وارا واقعا جيڪي مونکي سمجهه ۾ ئي نه ايندا هئا ۽ ڪيترا ڏيچاريندڙ حيرت وارا واقعا، جيڪي مونکي چڱي طرح سمجهه ۾ ايندا هئا!

پهرين تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهه مٿين ٻنهي درجن ۾ نٿي اچي. اها هڪ ننڍڙي دل وندرائيندڙ ڳالهه هئي. جيڪا ڪنهن لاءِ اهميت واري نه هئي.

ٻي تعجب واري ڳالهه: چار ماڻهو ڪمري ۾ اندر اچي پهرو ڏيندڙ غير فوجين مونکي چيڪ ٻوليءَ ۾

ڪيڪاريو. هو ڪرسيءَ تي ويهي آرام ۽ بي ڊپائي سان سگريٽ دکائڻ ٿو. جڻ ته هو هتي جا عملدار آهن. پر آئون ڪين سڃاڻان. گهوٽ ۾ گهوٽ ٿن ڪي ته چڱيءَ طرح سڃاڻان. ڏهو پڪ سان جرمن جاسوسي پوليس جا پگهاردار نٿا ٿي سگهن ـــ شايد هجن به؟ اهي به؟ هو آر آهي. تنهن وقت پارٽي ۽ مزدور يونين جو سيڪريٽري هو. سڀاڻ ادنگو اتس پر وفادار هو ـــ نه، اهو ممڪن نه آهي. هوءَ انڪاڪووا آهي. هن وقت به هميشه وانگيان خوش مزاج ۽ سهڻي. جيتوڻيڪ سندس وار اڇا ٿي ويا آهن. جدوجهد ۾ هميشه مضبوط ۽ پختي ارادي واري پئي رهي آهي. نه، اهو ممڪن نه آهي. هو اتر بوهيميا جي ڪانئن ۾ ڪم ڪندڙ ويڪ آهي ۽ پوءِ پارٽي سيڪريٽري ٿيو هو. آئون ڪيس ڪيئن نه سڃاڻان. اتر ۾ اسان ڏاڍيون ڏکيون گهڙيون گڏ گذاريون آهن. ڪير هن کي سندن اڳيان جهڪائي سگهيو ٿي؟ نه اهو ناممڪن آهي. پر هنن کي هت ڇا ڪيو؟ هو هت ڇا پيا ڪن؟

مون اڇا انهن سوالن جا جواب ئي نه لڌا ته وڏيڪ ماڻهو اندر اچن ٿا. هو مائريڪ، جيلينڪس ۽ فرائڊس وارن کي اندر آڻين ٿا ـــ هائو، ايتري خبر اٿم.

افسوس انهن کي به مون سان گڏ گرفتار ڪيو ويو. پر چترڪاري جي تاريخ لکندڙ پاويل ڪروپيڪ، جنهن مائريڪ کي اديبن ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مدد ڏني

ھئي، سو ڇت ھت آھي؟ مائريڪ ۽ مونکان سواءِ ٻئي ڪنھن کي بہ ھن بابت خبر ھئي ڇا؟ ۽ ڏکڻ سان ڇچريل منھن وارو اھو قداور نوجوان جنھن مون کي اشارو ڏيڻ ڪري تہ اسين دڪ ٻئي کي ڪونہ سڃاڻون؟ آئون ڪيس سڃاڻان بہ ڪونہ. ھو ڪير آھي؟ اسٽيچ؟ ڊاڪٽر اسٽيچ؟ زدينڪ؟ يا خدا، ان جو مطلب ھي ٿيو تہ ڊاڪٽرن وارو گروھہ بہ! سائريڪ ۽ مون کانسواءِ ٻئي ڪنھن کي ان جي ڪھڙي خبر؟

جواب ڏکيو ڪونہ ھو، پر ان ذھن تي وڏو بار ٿي وڌو. مائريڪ جھڪي پيو آھي. مائريڪ ٻڌائي ڇڏيو آھي. اڃا بہ ٿوري گھڙي تائين اميد ھئم تہ شايد ھن سڀ ڪجھہ نہ ٻڌايو ھجي. پر پوءِ ھو گرفتار ٿيل ماڻھن جو ھڪ پيو ٽولو ساڻ وٺي آيا — ولاديمير وانڪورا، پروفيسر فيابر ۽ سندس پٽ، بيدورخ، ڪلاويڪ جيڪو سڃاڻپ کان ٻي ٻاھر ھجي، بوزينا بلپا نووا، گيندورخ، ايلبل، مجسما ڏاھيندڙ دوواراڪ مطلب تہ جن ماڻھن ڇيڪ اديبن جي قومي انقلابي ڪاميٽي ٺاھي ھئي يا ٺاھڻ وارا ھئا سي سڀ ھت موجود ھئا. مائريڪ اديبن ۾ ڪم بابت سڀ سچيون ڪري ڇڏيون.

پيتسچڪ محل ۾ پھريان ڏينھن بہ ڪي سولا ڪونہ ھئا. پر ھي منھنجي لاءِ سڀ کان وڏو ڏک ھو. مون کي موت جي پڪ ھئي، پر غداري جو گمان بہ ڪونہ ھو. ان ڳالھہ کي نرمي سان وٺڻ، ٻاھرين حالتن کي

خيال ۾ رکڻ يا مائريڪ جيڪو ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي تنهن کي ذهن ۾ رکڻ جي باوجود، آئون غداريءَ کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ ڳولهي نہ سگهيس.

هاڻي مون کي خبر پئي تہ ٻهرين رات ئي هنن کي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو. هاڻي سمجهيم تہ انيڪا جراسڪووا ڪيئن ڏٺي هوندي. سندس جاءِ تي آئون ڪيترا ڀيرا مائريڪ سان مليو هئس هاڻي مون محسوس ڪيو تہ ڪوراپيڪ ۽ ڊاڪٽر اسٽيچ ڇو ڏٺا هئا.

گهڻو ڪري آئون هر روز ڪمري نمبر ٤٠٠ ۾ ويندو هئس ۽ هر دفعي نوان تفصيل ٻڌندو هئس. اهي ٻڌائيندا تفصيل دل کي ڏاڍو ڏک پهچائيندا هئا. مائريڪ اهو ماڻهو هو جيڪو اسپين جي محاذ تي وڙهندي گولين کان نہ ڊنو ۽ نہ وري فرانس ۾ پورهيہ جي ڪئمپن ۾ ظلمن کان ڊنو. هاڻي جرمن جاسوسي پوليس جي ڏنڊي اڳيان جهڪي پيو ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ سچيون ڪيائين سندس همت ڪيتري نہ سٺي هئي جو ڏورن ٿي ڏکن سان هلي ويئي. اهڙي سٺي جهڙا سندس عقيدا. ماڻهن سان ڳنڍ هوندي هو ڏاڍو مضبوط هو ڇاڪاڻ تہ ڪيس هنن جو خيال هو. پر جڏهن اڪيلو ٿيو ۽ مٿس دشمن جو بار ٿيو تڏهن سندس سموري همت هلي ويئي. هن سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ هن رڳو پاڻ بابت سوچڻ شروع ڪيو. پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن ساٿين کي قربان ڪيو. مٿس بزدلي ڇانئجي ويئي ۽ هو بزدل مان ڦري غدارتي ويو.

هن نازيت کي اهو جواب نه ڏنو ته غداري ڪرڻ
کان موت بهتر آهي. هن سڀ سچيون ڪيون. ڪين
ٻن ساٿين جا نالا ٻڌايا. ڊڪ لڪل گهر جي ائڊريس
ڏنائين هن اسٽيچ سان ميٽنگ وقت جرمن جاسوسي پوليس
جا ايجنٽ پاڻ سان آندا. هنن دووراڪ جي گهر وڪالويڪ
۽ ڪروپيڪ سان ميٽنگ لاءِ جرمن جاسوسي پوليس جا
ماڻهو موڪليا. هن انيسڪا بابت ٻڌايو. هن لڊا بابت
به ٻڌايو جيڪا سائس پيار ڪندي هئي. هوءَ وڏي عزم
۽ همت واري ڇوڪري آهي. ٻه چار ڏڪ لڳڻ کان پوءِ
مائريڪ اڌ ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون ۽ جڏهن خبر پيس
ته آئون مري ويو آهيان ۽ ڪانس بچڻ وارو ڪوڪونه رهيو
آهي ته پوءِ باقي رهيون کهيون سڀ ڳالهيون به ٻڌائي ڇڏيائين.
ائين ڪرڻ سان هن مون کي ڪو نقصان ڪونه
پهچايو. آئون اڳيئي جرمن جاسوسي پوليس جي هٿن ۾
هئس— ان کان وڌيڪ مون کي ڪهڙو نقصان ٿي
پهچي سگهيو. ان جي ابتڙ سندس شاهديءَ ۾ جيڪي
ڏوس ڳالهيون بيان ڪيون ويون هيون تن تي ئي سڄي
آڏي-پڇا جو بنياد هو. ٻين لفظن ۾ سندس بيان هڪ
زنجير جي شروعات هئي جنهن جون باقي ڪڙيون منهنجي
هٿ ۾ هيون ۽ انهن کي معلوم ڪرڻ سان ڪن
خوشي ٿئي ها— اهوئي سبب هو جو مارشل لا لاڳو
ٿيڻ کان پوءِ به آئون بچيور هيس. تنهنڪانسواءِ مون ۽ اسان جي
گروهه جو وڏو حصو نه بچي ويو. پر حقيقت ۾ جيڪڏهن

هو پنهنجو فرض پورو ڪري ها تہ پوءِ ان گروهہ جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پوي ها. اسين ٻني گھڻو وقت اڳيئي مري وڃون ها، پر ٻچي وڃن ها ۽ اسان جي وڃڻ کان پوءِ ڪم جاري رکن ها.

هڪ بزدل ماڻهو پنهنجي زندگي کان گھڻو ڪجهہ وڌيڪ وڃائيندو آهي. هو بہ گهڻو ڪجهہ وڃائي چڪو آهي. هو هڪ عظيم فوج کي ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ذليل دشمن جهڙي نفرت حاصل ڪيائين. هو جيئرو هو پر سندس زندگي ختم ٿي ويئي هئي. چاڪاڻ تہ هن پاڻ کي ساٿين جي ساٿ سان پاڻ ئي ٽوڙي ڇڏيو هو. اڳتي هاڻي هن پاڻ کي ٿورو سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي پر وري ڪنهن بہ هن کي پنهنجو ڪري نہ سمجهيو — جيل ۾ اهو سڀ کان وڌيڪ ڀيانڪ هوندو آهي.

قيدي ۽ اڪيلائي — گھڻو ڪري اهي ٻئي ڳالهيون گڏ هونديون آهن پر اهو بلڪل غلط آهي. قيدي اڪيلو نہ هوندو آهي. جيل هڪ وڏو وبڙهو هوندو آهي ۽ جڏهن ماڻهو پاڻ کي ٻين کان جدا نہ ڪري ڇڏي تہ پوءِ ڪير اڪيلو رکڻ سان بہ ٻين ماڻهن کان جدا نٿو ڪري سگهجي. مظلوم انسان جي ڀائيچاري تي هٿ ڏيڻ آندو وڃي ٿو، جنهن جي ڪري اها وڌيڪ ڀائيپختي ۽ وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿي. جيل جي ڪوٺڙين جون ڀتيون بہ ان ڀائيچاري کي نٿيون جهلي سگهن. اها ڀائيپي سڄي جيل ۾ ايڪو قائم ڪري

ٿي. اها ٿورن لفظن ۾ وڏن ڪارناسن جي ڀائيچاري آهي. ڇاڪاڻ ته فقط ڏک هٿ جو دٻاءُ يا لڪ چوري ڏنل سگريٽ ان ڀچري کي ٿوڙيو ڇڏي جنهن ۾ توکي بند ڪيو ويو آهي. اها هڪ اهڙي ڀائيچاري آهي جيڪا رت جي قرباني ڏئي ٿي پر ان کي ڪير دٻائي نٿو سگهي. جيڪڏهن توکي ان ڀائيچاري جي آڌار نه هجي ها ته تون يا پاڻ سان ڪوبه ٻيو ان مصيبت جو ڏهون حصو به برداشت نه ڪري سگهي.

جيڪڏهن آئون هن داستان کي پورو ڪري سگهيس ته پوءِ "ڪمرو نمبر ۴۰۰" جا لفظ ور ور ڪري اڳيان ايندا (ڇاڪاڻ ته اسان کي نه ڏينهن رات جي نه وري ڪلاڪ جي خبر آهي). ان ڪمري ۾ منهنجون پهريون گهڙيون ۽ پهريان خيال ڪي چڱا ڪونه هئا. پر هي ڪمرو اهڙو نه هو، جهڙو سون شروع ۾ سمجهيو هو. اهو انسانن جو هڪ تمام وڏو ڪٽنب هو. هڪ خوشين سان ڀرپور جدوجهد ڪندڙ ڪٽنب.

۱۹۴۰ ۾ ڪميونسٽ دشمن کاتي جي ڪم وڌي وڃڻ ڪري اهو ڪمرو قائم ٿيو. اهو "گهروجيل" جي شاخ هو. "سئنيما" ويٽنگ روم جي شاخ هئي ته جيئن ڪميونسٽن کي هر ڀيڇا ڳاڇا لاءِ هيٺان نه آڻو پوي ۽ هو ڀيڇا ڳاڇا ڪندڙ جاسوسي پوليس جي عملدارن جي ويجهو هجن.

هر جتي به قيدي گڏ هجن ۽ خاص ڪري جيڪڏهن

اهي ڪميونسٽ هجن ته پوءِ پنجن منٽن ۾ هڪ اهڙو ڪئمپ قائم ٿي ويندو، جيڪو دشمن جي سيني رٽن ٽي خاڪ ۾ گڏي ڇڏيندو. ۱۹۴۲ ڌاري ان جو نالو وجي "ڪميونسٽ مرڪز" بچيو هو. ان ۾ گهڻيون تبديليون آيون. هزارين ساٿي جن ۾ عورتون ۽ مرد شامل هئا سي هڪ ٻئي جي پٺيان انهن بينچن تي آيا. پر ان ۾ هڪ شيءِ ڪڏهن به نه بدلي، ڀائيچاري جو جذبو، دل سان جدوجهد ۽ سوڀ ۾ يقين.

ڪمرو نمبر ۴۰۰ دشمن جي علائقي ۾ هڪ ڪاهي هو، جنهن جي چوڌاري دشمن هئا ۽ ان تي لاڳيتو گولي پئي هلي پر ان هڪ گهڙي لاءِ به پيش پوڻ بابت نه سوچيو. ان ڪمري مٿان سرخ جهنڊو لڏي رهيو هو. پر ان به آزادي لاءِ وڙهندڙ سڄي ملڪ جي ٻڌي ٿي ظاهر ڪئي.

هيٺ "سئنيما" ۽ فوجي بوٽن ۾ جرمن جاسوسي پوليس وارا پهرو ڏيندا آهن ۽ فقط اڪ چنيڻ ٿي به وڏي وات هڪل ڪندا آهن. هت ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ قيدين تي پهري جا ذميدار چيڪ انسپيڪٽر ۽ پوليس هيڊ ڪوارٽر جا ايجنٽ هئا، جيڪي پنهنجو پاڻ يا سندن وڏن عملدارن جي حڪم تي ترجمو ڪندڙن جي حيثيت ۾ جرمن جاسوسي پوليس وٽ ملازم ٿيا هئا ۽ جرمن جاسوسي پوليس جي نوڪرن — يا چيڪ باشندن جي حيثيت ۾ پنهنجا فرض پورا ڪرڻ لڳا. ڪي وري انهن

ٻنهي جي وچ ۾ هئا. هت ڪنهن کي اڏيشن جي حالت ۾ ويهڻو نه پوندو هو. هت ماڻهو وڌيڪ آزاد نموني ويهي سگهندو هو، چوڏاري ڏسي سگهندو هو يا پنهنجن هٿن سان اشارا به ڪري سگهندو هو يا ته ان کان ڪجهه وڌيڪ ڪري سگهندو. ان جو مدار ان ڳالهه تي هوندو هو ته، مٿين ٻنهي قسمن مان ڪهڙي قسم جو پهريدار ڊيوٽي تي آهي.

ڪمري نمبر ۱۰۰ ۾ توکي ان جانور جي اندر جي گهٽي خبر پوندي جنهن کي انسان سڏيو وڃي ٿو. موت جي وبجهائپ هر ماڻهو کي اگهاڙو ڪريو ڇڏي. انهن ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جن جي ٻي ٻانهن تي ڳاڙها ڳاڙها هيٺ ڪميونسٽن جو ڳاڙهو نشان هڏل هو يا جن تي ڪميونسٽن جي ساٿ ڏيڻ جو الزام هو. انهن ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا جيڪي پهرو ڏيندا هئا يا ڪڏهن ڪڏهن پر واري ڪمري ۾ پڇا ڳاڇا وقت موجود هئا اتي آڌي پڇا وقت لفظ ڊال به ٿي سگهن ٿا ته هٿيار به. پر هت ڪمري نمبر ۱۰۰ ۾ ڪير به لفظن جي پٺيان نٿو لڪي سگهي. هت اها ڳالهه مڪيه نه هئي ته تو ڇا ڳالهايو پر تنهنجي اندر ۾ ڇا آهي ۽ تنهنجي اندر ۾ فقط بنيادي شيءِ وڃي رهي ٿي باقي سڀ موت کان اڳ ايندڙ طوفان جي نظر ٿيو وڃي. وفادار منهن ڏين ٿا ۽ غدار غداري ڪن ٿا، ننڍي دل وارا ٻيهي نٿا سگهن ۽ سور مقابلو ڪن ٿا. هر ماڻهو ۾ قوت ۽

ڪمزوري، همت ۽ ڏپ، سچ ۽ ڪچ هوندو آهي، پر هت فقط هڪ شيءِ رهندي. يا ڏي يا هو. جيڪڏهن ماڻهو انهن ٻنهي ڳالهين ۾ توازن رکڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوءِ هو ان ماڻهن کان به وڌيڪ ظاهر ٿيو پوي جيڪو پنهنجي ٽوپيءَ ۾ ڦڪو ڪنپ هٽي ميت جي اڳيان نچندو آهي.

قيدين توڙي چيڪ انسپيڪٽرن ۽ ايجنٽن ۾ اهڙا ماڻهو موجود هئا. ٻچا ڳاچا وقت هو پنهنجي آقا نازين جي خدا لاءِ ميڻ بتي ٻاريندا هئا، ته ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ وري بالشيوڪ شيطان لاءِ هڪ ٻي ميڻ بتي ٻاريندا هئا. جرمن عملدار جن اڳيان سچي ڪرائڻ لاءِ تنهنجا ڏند به ڀڃندا هئا ته ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ وري دوستاڻي روش اختيار ڪندا هئا ۽ تنهنجي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ ماني ٽڪر ڏيندا هئا. گهر جي جهاڙو وقت هو تنهنجون شيون چوري ڪري ويندا ته ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ وري لٺيل مال مان توکي سگريٽ جو ٽوٽو ڏيندا آهن ۽ اهو ظاهر ڪندا آهن، ته ڪين توسان همدردي آهي. ٻيا وري اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو پاڻ ڪنهن کي ڪوبه نقصان نه پهچائيندا ۽ نه وري ڪنهن جي ڪا مدد ڪندا. هنن کي هميشه پنهنجو خيال هوندو آهي. سندن اهڙي طبع جي ڪري هو سڀئي سياسي بئروڪريٽ هئا. جرمن عملدارن جي اڳيان چوندا هئا ته جرمني جون فوجون اسٽالن گراڊ ڏانهن پيشقدمي

ڪري رهيون آهن ۽ قيدين جي اڳيان چوندا هئا ته صورت حال بهتر آهي. اسٽالن گراڊ وٽ جرمن فوجن کي ڀڃي ڏنائو پيو وڃي ۽ سرخ فوج روستوف ڪان به اڳتي وڌي رهي آهي. انهن ماڻهن جا پيا اهڙا پائر آهن. جيڪي تنهنجي پڌڻ وقت پنهنجن ڪيمپن ۾ ڌمڪ وجهيو بيٺا هوندا پر جڏهن تون پنهنجي همت سان ڪناري تي اچي ويندين ته پوءِ پنهنجو ڌمڪ توڏانهن ڏ گهريندا.

ان قسم جا انسپيڪٽر ڪمري نمبر ٠٠٤ جي پائچاري ڪان واقف هئا ۽ پاڻ کي ان سان ملائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. چاڪاڻ ته هو ان جي قوت کي پسند ڪندا هئا. هو ڪڏهن به ان برادري ۾ شامل نه هئا. ٻئي قسم جا انسپيڪٽر ان پائچاري ڪان بلڪل اڻ واقف هئا. هو خوني هئا. پر خوني به ڏڪ انساني ڪٽنب سان ٿئي ٿو. جيڪ پولي گالهائيندڙ حيوان جيڪي قيدين کي ايترا ته عذاب ڏيندا هئا جو اهي عذاب ڏسي ڪي جرمن عملدار به ڏڇي ويندا هئا. هو ماڻهن کي عذاب ڏيئي پورو ڪري ڇڏيندا هئا. ماڻهن جون اکيون يا ميڄالو ڪڍي ڇڏيندا هئا. نازڪ هنڌن تي عذاب ڏيندا هئا. اهو سڀ ڪندي هنن کي خوشي ٿيندي هئي. هر روز انهن سان واسطو پوندو هو ۽ هر روز انهن جي موجودگي برداشت ڪرڻي پوندي هئي. سندن موجودگي هوا ۾ رت ۽ دانهون پري ڇڏيندي هئي ۽ تنهنجي مدد فقط تنهنجو پختو يقين ئي هو ته

جيڪڏهن هنن پنهنجن ڏوهن جا سمورا شاهد قتل ڪري ڇڏيا تہ بہ هو انصاف کان ڀڄي نہ سگهندا.

باب پنجون

ننڍيون ۽ وڏيون شخصيتون:

هڪ ڳالهہ چوان؟ توهان جيڪي هن ڏکئي وقت کان پوءِ بہ زنده رهندا، هنن حالتن کي نہ وسارجو. نڪي چڱين ۽ نہ وري بڇڙين کي. صبر سان انهن ماڻهن بابت شهادتون گڏ ڪجو جن پنهنجي ۽ اوهان جي لاءِ سندن حياتيون قربان ڪيون آهن. ڪنهن وقت اچوڪو ڏينهن ماضي ٿي چڪو هوندو. ماڻهو هڪ عظيم دور ۽ بي نام سورمن جو بہ ذڪر ڪندا، جن تاريخ ٺاهي. خواهش اٿم تہ اها ڳالهہ پڌري ڪئي وڃي تہ اهي بي نام سورما نہ هئا. اهي ماڻهو جن جا نالا هئا، جن کي شڪليون هيون، سندن امنگون ۽ آسون هيون، انهن مان گهٽ ۾ گهٽ مصيبت سهندڙ جي مصيبت بہ ان کان گهٽ نہ هئي، جو ان جو نالو تاريخ ۾ محفوظ نہ ٿي سگهي. خواهش اٿم تہ هو بہ توهانکي ايترا ويجها هجن، جيترا ڪي مٽ مائٽ ويجها هوندا آهن،

يا جيترو توهان پنهنجو پاڻ کي ويجهو سمجهو ٿا.

سورهن جا سچا خاندان قتل ٿيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ انهن مان ڪنهن هڪ کي پٽ ۽ ڌيءَ وانگيان پيار ڪرڻ ته سکو. انهيءَ تي هڪ عظيم انسان وانگر فخر ڪريو، جيڪو مستقبل لاءِ قربان ٿيو هجي. هرماڻهو، جيڪو وفاداريءَ سان مستقبل لاءِ زنده رهيو ۽ ان جي حسن خاطر قربان ٿيو سو پٿر جو گهڙيل هڪ مجسمو آهي.

هر اهو ماڻهو جنهن ماضي جي مٽي مان انقلاب جي وهڪري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سو سڙيل ڪنديءَ ڪاٺيءَ جي هڪ ننڍي مورتي هو، پوءِ اڄ ڪٿي سندس ڪاهن تي وڏي عهدي جا تمغا ڇو نه لڳل هجن. انهن ننڍين شخصيتن کي به سندن ڪميڻائي ۽ نيچپڻي، سندن بي رحمي ۽ بيهودگي جي روشني ۾ زنده سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ايندڙ نسلن کي هن دور جو تصور ڪرڻ لاءِ اهو وڏو مواد آهي.

جيڪي ڪجهه آئون بيان ڏيو ڪريان، سو فقط مواد ئي آهي. هڪ شاهد جي شاهدي. فقط اهي ٽڪرا جيڪي آئون ڪنهن منظر ڪانسواءِ هڪ ننڍي محاذ ۾ ڏسي سگهيو آهيان. پر انهن ۾ حقيقي هڪجهڙائي جون خصوصيتون آهن: عظيم ۽ حقير، شخصيتون، وڏيون ۽ ننڍيون.

جيانڪس ڪنٽب.

جوزف ۽ ميري. جوزف هڪ ٽرام ڊرائيور آهي ۽ ميري گهريلو نوڪرياڻي آهي. توهان کي هنن جي گهر بابت ڪجهه ٻڌائڻ ضروري آهي. گهر سادو ۽ صاف سٿرو، ڪتابن جو وڏو ڪٻٽ، هڪ مجسمو، ڀتين تي تصويرون ٽنگيل. اها ٻڌائيندي گهر اندر داخل ٿيڻ سان محسوس ٿيندو ته سندس روح هن گهر ۾ ئي بند آهي ۽ ڪيس ٻاهرين دنيا جي خبر ئي نه هوندي. پر هو ڪيترن سالن کان ڪميونسٽ پارٽي جو ڪم ڪري رهي آهي ۽ پنهنجي نموني انصاف جا خواب ڏسي ٿي. پنهنجي دل لڳائي ماڻ ۾ ڪم ڪيو ۽ جڏهن ساڪ جي قبضي هيٺ وڃڻ کان پوءِ، هنن تي وڏيڪ بار پوڻ لڳو، تڏهن به هنن نه گهٻرايو. ٽن سالن کان پوءِ جڏهن پوليس سندن گهر ۾ گهڙي تڏهن هو ٻئي هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ سلائي بيٺا هئا ۽ سندن همت مٽي هئا.

١٩ مئي ١٩٤٣:

اڄ رات هو منهنجي زال گستينا کي "ڪم لاءِ" پوليند وٺي ويا وڃن. ڪاٽين ۾ پورهئي ڪرڻ لاءِ جتي دو شايد مدي جي ٽپ ۽ وگهي مري وڃي. تي سگهي ٿو ته، سندس زندگي جا ڪجهه هفتا باقي هجن، شايد ٻه يا ٽي مهنا. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته منهنجا ڪاغذ ڪورٽ کي پيش ڪيا ويا آهن. پانڪريڪ جيل ۾ شايد وڌيڪ مهينو کن پڇا هلي ۽ پوءِ ٻن ٽن مهنن اندر زندگي پوري ٿي وڃي ۽ هي داستان پورو نه به ٿئي. ڪجهه ڏينهن اندر، جي موقعو مليو ته ان کي جاري

رکڻ جي ڪوشش ڪندس. اڄ آئون ننڍو لڳي سگهان منهنجي دل ۽ دماغ گستينا جي يادن سان پر آهن. هڪ سماجي ۽ نيڪ دل انسان، منهنجي زندگيءَ جو اهڙو ساٿي، جنهن حادثا گهٽا ڏٺا ۽ سٺا پر سانتيڪي بنهه ڪانه هئي.

هر شام آئون سندس پسند جو نغمو ڳائيندو آهيان:
جنهن ۾ گوريلا مجاهدن جي لڙاين، هڪ ڪوزاڪ عورت، جيڪا آزاديءَ لاءِ مردن سان گڏ وڙهي ٿي، سندس بهادريءَ ۽ ڪئينءَ هڪ لڙائي ۾ هوءَ پاڻ کي زمين تان مٿي نه ڪري سگهي، جو ذڪر آهي.

جدوجهد ۾ پاڻهن پيلي ۽ پيارا جيون ساٿي، تو کي سلام! هن نئڙي جان ۾ ڪيڏي نه همت ۽ سندس ٻاراڻين اکڙين ۾ ڪيڏي نه معصوميت آهي. جدوجهد جي ڪري ٿوري وقت کانپوءِ جيڪي وڇڙڻا اچن ٿا، تن اسانکي هڪ ٻي جو دائمي عاشق ڪري ڇڏيو آهي، جن زندگي ۾ هڪ دفعو نه، پر سوين ڀيرا عاشقن جي ڀرين گڏجاڻي واريون گهڙيون گهاريون آهن پر تنهن هوندي به اسانجي دلين کي هميشه ساڳي ڏڙڪ ملائي ٿي، ساڳيو ساهه، جيڪو اسين خوشيءَ يا انتظار، جوش يا ڏک جي گهڙين ۾ کڻون ٿا.

ڪيترن سالن کان اسان گڏ ڪم ڪيو آهي ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪئي آهي، بلڪل ائين جيئن هڪ ساٿي ٻئي ساٿيءَ جي مدد ڪندو آهي، ڪيترن سالن کان هو منهنجي لکيڻن جي ڀرين پڙهندڙ ۽ ڀرين نقاد

پئي رهي آهي ۽ تڏهن لکڻ کيڏو نه ڏکيو هو، جڏهن مونکي پنهنجي پڻيان سندس پياريون نظرون نٽي محسوس ٿيون. چاڪاڻ تہ سالن جا سال اسين هٿ هٿ ۾ ڏيئي پنهنجي پياري ديس جي ڌرتي تي گهمياسين. اسان ڪيترا ڪشالا ڪيا ۽ ڪيترا خوشين جا ڏهاڙا بہ گڏ گهارياسين، چاڪاڻ تہ اسان وٽ اها دولت تمام گهڻي هئي، جيڪا غريبن وٽ هوندي آهي.

گستينا؟ ڏنو، اها اٿو گستينا:

مارشل لا لڳڻ کانپوءِ گذريل سال جون جي وچ ڌاري منهنجي گرفتاريءَ کان ڇهہ هفتا پوءِ ٿو، پهريون پيرو مون سان ملڻ آئي. ان ملاقات کان اڳ هن پنهنجي ڪال ڪوٺڙي ۾ ڪيترائي پيرا منهنجي موت جي خبر بابت سوچيو ۽ هنن مونکي پنهنجي پڪي پختي ارادي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٿي، ڪيس آندو هو.

”سمجهائينس.“ هڪ عملدار ڪيس منهنجي سامهون چيو، ”سمجهائينس عقل کان ڪم وٺي. جيئي پنهنجو خيال نہ اٿس تہ گهٽ ۾ گهٽ تنهنجو تہ خيال ڪرڻ کپيس. توکي ڪلاڪن جي مهلت ٿا ڏيون، تہ تون سوچي وٺ. جيڪڏهين هي اجا بہ ضد ڪري بيٺو، تہ پوءِ سڀاڻيءَ اوهان ٻنهي کي گولين سان اڏايو ويندو. توهان ٻنهي کي! سمجهيو.“

نماڻي اکين سان مون ڏانهن نهاريندي هن جواب ڏنو:
”آفيسر اها منهنجي لاءِ ڏپ واري ڳالهہ نہ آهي.

اها ته منهنجي آخري خواهش آهي. جيڪڏهن هن کي گولي هڻو ته مونکي به ان سان گڏ گولي هڻو."

اها اٿو پياري گستينا! سندس محبت ۽ مستقل مزاجي. منهنجي سچڻ گستينا! هو اسان کي ساري سگهن ٿا، پر اسان جي! عزت ۽ محبت اسان کان ڦري نٿا سگهن. اي انسانو! اوهين تصور ڪري سگهو ٿا ته هن محبت کانپوءِ جڏهين اسين هڪ ٻئي کي وري آزاد زندگي ۾ ملون ـــ زندگي، جنهن ۾ آزاديءَ ۽ تخليقي ڪم جي سونهن هوندي آهي ــ جڏهن اها پرهه ڦٽي، جنهن جا اسين منتظر آهيون، ۽ جنهن لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهيون. ۽ جنهن لاءِ هاڻي اسين موت جي منهن ۾ وڃي رهيا آهيون، ته پوءِ اسانکي ڪيئن زندگي گذارڻ گهرجي. سچ پچ ته اسين جيڪڏهين مري به وياسين ته به اسان توهان جي عظيم خوشين جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ زندهه رهنداسين. چاڪاڻ ته اسان پنهنجون زندگيون انهن خوشين آڻڻ لاءِ ڏيئي رهيا آهيون. جدائي جي غم هوندي به ان سان اسانکي خوشي ڏيندي.

هنن اسانکي هڪ ٻئي کي الوداع چوڻ، ڀاڪر پائڻ، يا هٿ ملائڻ به نه ڏنو. فقط جيل جي پابندي، جنهن چارلس چوڪ ۽ پانڪريڪ کي ڳنڍي ڇڏيو هو، اسان تائين هڪ ٻئي جو حال احوال بي پهچايو.

گستينا توکي ۽ مون کي خبر آهي ته اسين شايد وري ڪڏهن به هڪ ٻئي کي ڏسي نه سگهون. تنهن

هوندي بہ پري کان تنهنجو آواز ٻڌڻ ۾ اچيم ٿو: الـوداع، منهنجا جيون ساٿي! الـوداع منهنجي گستينا! منهنجي وصعيت.

لائبرري کان سواءِ مون وٽ ڪابہ ڪري ملڪيت ڪانهي ۽ ان کي جرمن جاسوسي پوليس تباهہ ڇڏيو آهي.

مون ڪيترائي سياسي ۽ ثقافتي مضمون، تبصرا، ادب ۽ ٿيئٽر بابت مطالعا لکيا آهن. انهن مان ڪيترا وقتي اهميت جا هئا ۽ وقت گذرڻ ڪانپوءِ انهن جي اهميت ختم ٿي ويئي، پر ڪيترن جو زندگي سان واسطو آهي اميد هئم تہ گستينا انهن کي سهيڙيندي. هاڻي گهڻي اميد نہ اٿم. انهيءَ ڪري بهترين ساٿي لاڊا اسٽال کي عرض ڪندس تہ انهن مضمونن کي پنجن ڪتابن ۾ ترتيب ڏئي.

١- سياسي بحث مباحثي بابت مضمون.

٢- گهرو واقعن بابت چونڊ مضمون.

٣- سوويت يونين مان چونڊ مضمون.

٤ ۽ ٥- ادب ٿيئٽر بابت مضمون ۽ مطالعا.

انهن مضمونن ۽ مطالعن مان اڪثر ”تووربا ۽ رودي پـراوو“ ۾، ڪجهہ ”ڪمين، پرامين، پرولت ڪلات، دوبا، سوشلستا، ڇپيل آهن.

جولس زيئر تي منهنجي مطالعي جو مسودو، ڪتاب ڇاپيندڙ، گرگل وٽ آهي، (جنهن جي آئون ان لاءِ عزت ڪندو آهيان تہ هن جرمن فوجن جي قبضي وقت

منهنجي ڪتاب بوزينا نيمڪووا ڇپڻ ۾ وڏي همٿ ڏيکاري) سابينا بابت منهنجي مطالعي ۽ جان نرودا بابت ياداشتون ان جاءِ ۾ ڪنهن هنڌ لڪل آهن، جتي جيانڪس وارا رهندا هئا. هنن مان اڪثر سڙي ويا آهن.

مون موجوده دور بابت هڪ ڏکي ڪهاڻي به لکڻ شروع ڪئي هئي. جنهن جا پهريان ٻه باب منهنجي مائٽن جي گهر آهن ۽ باقي شايد ناس ٿي ويئي آهي. مون پنهنجي ڪجهه ڪهاڻين جا ڪجهه مسودا جرمن جاسوسي پوليس جي ڪاغذن ۾ ڏٺا هئا.

ايندڙ نسل جي ادبي مورخ کي آئون جان نرودا لاءِ پنهنجي محبت ورثي ۾ ڏيان ٿو. هو اسان جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، جنهن جون نظرون اسان کان اڳا به وڌيڪ پراهين مستقبل کي ڏسن ٿيون. پراڻا تائين ڪي به اهڙا ڪتاب ڪين لکيا ويا آهن، جيڪي ڪيس سمجهن سندس قدر ڪن. سڀ کان وڌيڪ هي ڏيکارڻ ضروري آهي ته نرودا هڪ پرولتاري اديب هو. هرڪو- خود سالدا جهڙو روشن خيال ماڻهو به سمجهي ٿو ته نرودا جي اخبار نويسي سندس شاعري ۾ هڪ ڇاپ هئي. اهو غلط آهي. حقيقت ۾ نرودا جي اخبار نويس هئڻ ڪري ئي هو وڏي درجي جو شاعر ٿي سگهيو.

مثال طور سندس ”ڪافيون ۽ عشقيا داستان“، ”جمع جي ڏينهن جا گيت“ ۽ سندس اڪثرا ”سادا موضوع“ اخبار نويس ماڻهوءَ مان سستي ڪيڏيو ڇڏي

پر اخبار نويس کي سندس پڙهندڙن سان ملائي ٿي ۽ اخبار نويسي شاعري ڪرڻ سيکاري ٿي، پر اخبار نويس اهڙو ايماندار هجي جهڙو نرودا هو، اخبار نويسي کانسواءِ هو شاعري جا شايد ڪيترائي جلد لکي وجهي ها، پر انهن مان هڪ به ڪتاب اڄ زنده نه هجي ها جيئن سندس سموري شاعري زنده آهي. ڪو نه ڪو شايد ساڻيا کي به مڪمل ڪندو. اهو ڪتاب مڪمل ڪرڻ جهڙو آهي.

بابا ۽ امڙ جي مونسان پيار جي عيوض مون پنهنجي محنت سان هنن لاءِ ۽ نه فقط هنن لاءِ پر سڀني لاءِ خوشيءَ جي ڏينهن جي ضمانت ڏيڻ ٿي گهري. سنهنجي ساڻن سان گڏ نه هئڻ ڪري شل انهن ڏينهن واري خوشي گهٽ نه ٿئي. پورهيت فاني آهي، پر سندس پورهيو زنده رهي ٿو. سندن چوڌاري جيڪا روشني ۽ خوشي هوندي تنهن ۾ آئون به لاڳيتو سندن ويجهو هوندس.

پنهنجي پيرن ليپا ۽ ورڪا کي چوندس ته هو بابا ۽ امڙ کي گيت پڙهائي ڪتب ۾ پيل خلا کي ڀرڻ ۾ مدد ڪن. هو جڏهن پيستچڪ ۾ اسانکي ڏسڻ آيون تڏهين هنن پنهنجن اکڙين ۾ لڙڪ روڪي ڇڏيا. پر هنن ۾ خوشي اڃان زنده آهي. ان لاءِ آئون کين پيار ڪريان ٿو ۽ انهي ڪري اسين هڪ ٻئي کي پائيون ٿا. هو هميشه خوشي جو ٻج ڇٽين ٿيون — انهيءَ ڪم ۾ کين ڪڏهن به نه روڪيو وڃي.

آئون پنهنجي ۽ گستنيا طرفان انهن ساٿين سان گرمجوشي سان هٿ ملايان ٿو جيڪي هن آخري لڙائي کانپوءِ به زنده رهندا ۽ انهن سان به جيڪي اسان کانپوءِ ايندا اسان پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي.

آئون وري پيهر هي ڳالهه دهرايان ٿو: اسين خوشين کان زنده رهياسين، خوشي سان هن ڪشمڪش ۾ پيرو ورتوسون ۽ هائي خوشي جي زندگي لاءِ موت جي منهن ۾ وڃي رهيا آهيون. انهي ڪري ڏک جي ڪابه ڳالهه اسانجن نالن سان لاڳو نه ڪئي وڃي.

جولس فوچڪ

١٩٠٥٠٤٣

٢٢ مئي ١٩٤٣.

ڪالهه عدالتي جاچ پوري ٿي ۽ ان تي دستخط ٿيا. ڪم ۾ منهنجي اندازي کان وڌيڪ اڪلاءُ تي رهيو آهي. هو به اسانجي معاملي ۾ شايد ٽڪڙ ۾ آهن. مونسان گڏ ليدا، پلاچا، ۽ مائريڪ به جوابدار آهن. ڪانئرپٽي مان به ڪيس ڪجهه حاصل ڪونه ٿيو.

عدالتي جاچ وقت ڳالهيون ڪنهن حد تائين صحيح ۽ ذوس هيون. جرمن جاسوسي پوليس وٽ اها به هڪ زندگي هئي. سخت مشڪل پر تنهن هوندي به زندگي ته هئي. ان ۾ جذبو هو. هڪ طرف زندگي کان وڙهندڙن جو جذبو ته ٻي طرف شڪارين، شڪاري

حيوانن ۽ سنون سڌن رهزنن جو جذبو هو. اسانجي مخالفت مان ڪن ۾ ته، ڪنهن نه ڪنهن قسم جو جذبو هو. هتي عدالتي جاچ وقت فقط آفيس هئي، جن ۾ ويٺل ججن جي ڪالرن تي سوا ستيڪا جا نشان لڳل هئا. انهن نشانن مان جي عقيدا ٿي ظاهر ٿيا تن جو دراصل انهن وٽ ڪو وجود ئي ڪونه آهي. اهي هڪ ڊال آهن جن جي پٺيان هڪ غريب آفيسر پاڻ کي لڪائي ٿو ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني وقت گذارڻ جو منتظر آهي. ڏوهارين سان نڪي هو چڱو نڪي خراب برتاءُ ڪري ٿو. نه ڪاي ٿو ۽ نه وري ڪاوڙجي ٿو. فقط ڊيوٽي ڏئي ٿو. رت بلڪل نه، فقط پاڻيءَ جهڙو شوربو.

هنن کي جيڪي ڪجهه لکڻو هو سو لکي، ان تي صحيحون ڪيائون ۽ قانون جي فقرن کي سروڙي، سروڙي پنهنجو ڪم ڪيائون، چارج شيٽ ۾ ڇهه پيرا غداري ڪرڻ، نازي حڪومت خلاف سازشون ڪرڻ، هٿياربند تحريڪ شروع ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پيو ان ۾ ڇا آهي؟ تنهن جي خبر نه اٿم. انهن مان هرهڪ الزام پنهنجي جاءِ تي ڪافي آهي.

١٣ مهينن کان آئون پنهنجي ۽ ٻين جي حياتي لاءِ لڙندو رهيو آهيان. چالاڪيءَ ۽ همت سان. سندن پروگرام ۾ ”نرود چالاڪي“ به شامل آهي. ان ۾ آئون به پاڻکي هوشيار سمجهان ٿو. آئون فقط ان ڪري هارائي رهيو آهيان جو سندن همت ۾ ڪهاڙي به آهي.

تہ پوءِ اها جدوجهد هاڻي پوري ٿي. فقط انتظار جون گهڙيون آهن. ڏوهن جي فهرست پوري ڪرڻ ۾ ٻہ يا ٽي هفتا لڳي ويندا ۽ پوءِ نازي حڪومت جي مرڪز، برلن ڏانهن سفر شروع ٿيندو. اتي وري ڪورٽ ۽ سزا جو انتظار ۽ تنهن ڪانپوءِ ۱۰۰ ڏينهن، موت اچڻ جي انتظار ۾. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي. شايد چار پنج مهينا وڌيڪ زنده هجان. ان عرصي ۾ ڪيتريون تبديليون ٿي سگهن ٿيون. سڀ ڪجهہ بدلجي سگهي ٿو. اهو سڀڪجهہ ممڪن آهي. هن جاءِ تان آئون ڪو بہ وڌيڪ اندازو نٿو ڪري سگهان. ٻاهر حالتن جي رفتار جي تيزي اسانجي خاتمي ۾ بہ شايد تيزي آڻي. ان طرح ڳالهين ۾ توازن ٿئي ٿو.

هيءَ اميد ۽ جنگ جي وچ ۾ چٽا ڀيٽي آهي. موت جي موت سان چٽا ڀيٽي. پهرين ڪنهنجو موت ايندو. فسطائيت جو يا منهنجو؟ ڇا آئون اڪيلو هي سوال ڪريان ٿو؟ نہ. سوين هزار قيدي، لکين سپاهي ۽ سڄو يورپ توڙي دنيا جا ڪروڙين انسان اهو سوال ڪري رهيا آهن. ڪن ڪي ججهي اميد آهي، تہ ڪن ڪي گهٽ. پر اهو سڀ ڪجهہ ظاهر آهي تہ سرمايہ داري نظام ڏن وقت سڙي ڪنو ٿي رهيو آهي ۽ ساڳئي وقت دنيا لاءِ جيڪي تباهيون پيو آڻي تن مان هرهڪ ماڻهوءَ ڪي پورو خطرو آهي. فسطائيت کي دفنائڻ لاءِ لکين انسانن کي سر قربان ڪرڻا پوندا ۽ انڪانپوءِ ئي

باقي ٻچيل انسان اهو جواب ڏيندا ته اسان فسطائيت مان ٻچي نڪتا آهيون.

اهو فقط ڪجهه مهينن جو معاملو آهي ۽ جلد ڳالهه اچي ڪجهه ڏينهن تي بيهندي. پر اهي آخري ڏينهن ئي سڀ کان وڌيڪ ڦهار هوندا. هميشه اهو پئي سوچيو اٿم ته اها ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه ٿيندي جو ڪو ماڻهو آخري سپاهي هجي جنهن کي جنگ جي آخري گهڙي ۾ دل ۾ گولي لڳي. پر ڪنهن نه ڪنهن کي آخري ٿيڻو آهي. جيڪڏهين خبر هجيم ته آخري آئون ئي هوندس ته جيڪر سڌو هليو وڃان.

پانڪريڪ جيل ۾ وڃي ٿورو وقت بچيو آهي. انڪري آئون هن رپورٽ کي اهڙي نموني پيش نه ڪري سگهندس، جهڙي نموني پيش ڪرڻ گهرجي. هن داستان کي مختصر ڪرڻو پوندو. وقت کان وڌيڪ ماڻهن جا تفصيل ڏنا ويندا. سمجهان ٿو ته اها ڳالهه سڀ کان وڌيڪ اهم آهي.

مون انهن شخصيتن جو ذڪر جيلينڪس وارن کان شروع ڪيو. سادا ماڻهو جن کي رواجي حالتن ۾ توهان ڪڏهين به سورما تصور نه ڪندؤ. گرفتاري ۽ مهل ٻئي زال مڙس هڪ ٻئي پرسان هٿ مٺي ڪنيو بيٺا هئا. مڙس جي بدن جو رنگ ڪمزوري ڪري ڦڪو ٿي ويو هو ۽ زال جي منهن تي سلهه جي مرض جا آثار نظر پئي آيا. پنجن منٽن ۾ جرمن جاسوسي پوليس وارن جڏهن

سندن سينگاريل ۽ صاف گهر کي ڀڳل ٽٽل سامان جي ڍير ۾ بدلائي ڇڏيو، تڏهين سندس اکين ۾ ڪجهه رت ڀرجي آيو. پوءِ هن آهستي آهستي پنهنجو ڪنڌ پنهنجي مڙس ڏانهن ڦيرائي چيو:

"جيلنڪ هاڻي ڇا ٿيندو؟"

هو خاموش طبيعت وارو ماڻهو هو، ڳالهائڻ ۾ هٻڪ ٿيندي هئس. هاڻي هن آهستي ۽ هٻڪڻ کانسواءِ جواب ڏنو:

"ميگ اسين مرڻ وارا آهيون."

هن نه ته ڪا دانهن ڪئي ۽ نه وري پريشاني ڏيکاريائين، فقط سهڻي انداز ۾ دشمن جي پستول جي اڳيان پنهنجي مڙس کي هٿ ڏنو. هٿ ڏيڻ تي جرمن جاسوسي پوليس وارن کيس ۽ مڙس کي منهن تي ڌڪون هنيون. هن پنهنجي ڳل کي اگهندي بنا اجازت اندر ايندڙن کي حيرت مان ڏٺو ۽ ڇتر واري نموني ۾ چيو:

"اهڙا ڳيرو ۽ اهڙا وحشي!"

هن انهن ماڻهن جو صحيح انداز لڳايو هو. ڪجهه ڪلاڪ پوءِ هو کيس "ڀچا" ڪنڌڙ عملدار جي ڪمري مان گهليندا ٻاهر آيا. هوءَ مارڪٽ ۽ عذابن جي ڪري بيهوش ٿي ويئي هئي. پر هو کانئس ڪا به سچي نه ڪرائي سگهيا. نه ان ڏينهن ۽ نه وري ان کانپوءِ.

هنن سان جيڪي وهيو واپريو تنهنجي مونکي پوري سڌ نه آهي. ڇاڪاڻ ته ڪيترا ڏينهن آئون پنهنجي ڪال ڪوٺڙي ۾ بيمار پيو هئس ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي قابل نه هئس. هو منهجو انتظار ڪندا رهيا. ڪيترا ڀيرا هنن جيانڪس کي چؤڪنيو ٻڌي ڏاڍيون ماروڻ ڪڍيون ۽ حد کان وڌيڪ عذاب ڏنا، پر هن کين ان وقت تائين ڪجهه به نه ٻڌايو جيسين مون اهو نه ٻڌايو، يا اشارن سان سمجهايو ته ڪيس، ڇا ڇا ڳالهائڻ گهرجي يا ڪهڙي نموني جواب ڏيڻ کپيس، ته جيئن جاچ ڪندڙ کي گمراه ڪري سگهون.

گرفتاري کان اڳ آئون سمجهندو هئس ته هو ۽ حساس هئي. پر گيستاپو جيل واري سڄي عرصي ۾ مون سندس اکين ۾ ڪڏهن لڙڪ نه ڏٺا. کيس پنهنجي گهر سان پيار هو، جڏهين ساٿين هن کي خوش ڪرڻ لاءِ چوائي موڪليو ته اسان کي خبر آهي ته ڪنهن تنهنجو سامان چورايو آهي ۽ اسين انهن کي ڏيان ۾ رکيو اچون تڏهين جواب ۾ چيائين:

”سامان وڃي ڪڏ ۾ پوي. ساٿين کي ان ڳالهه تي وقت وڃائڻ نه ڏيو. ٻيا ڪيترائي ضروري ڪم آهن ۽ هاڻي ته هنن کي اسانجي پاران به ڪم ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته اسين ته هاڻي جيل جي حوالي آهيون.“

هڪ ڏينهن هو ٻنهي کي ڏاڙدار هنڌن ڏانهن وٺي ويا. مون سندن بابت گهٽي پڇا ڪئي پر ڪجهه به نه

وريو. حقيقت ۾ جرمن جاسوسي پوليس جي هٿن ۾ وڃڻ کانپوءِ ماٺهو نشان ڇڏڻ کانسواءِ گم ٿيو وڃن، جيئن سوين مختلف هنڌن تي پڪڙيل ۽ چرياڻپ واري نموني ڇڏيل انهي ۾ مان ڪيڙو فصل ڦٽندو.

سندس آخري وصيعت هيءَ هئي:

"مهرباني ڪري سيني کي چئو ته مون لاءِ افسوس نه ڪن ۽ نه وري پريشان ٿين. مون هڪ مزدور جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي ۽ اهڙي نموني آئون مرنديس."

وي سوسلس ڪٽنب:

هي جيلنڪس جي پاڙي ۾ رهندا هئا. ڪين جوزف ۽ ميري جي نالن سان سڏيو ويندو هو. هي هڪ ننڍي عملدار جو گهر هو، پاڙي ۾ ٻين گهرن کان ڪجهه وڏيڪ پراڻو هو. هي اصل نيوسل جو وينل هو. اجان گهرو جوان ئي هو ته، ڪيس فوج ۾ ڀرتي ڪري پهرين عالمي جنگ ۾ موڪليو ويو. ڪجهه هفتن کانپوءِ کيس جنگ تان واپس آندو ويو. سندس هڪ گوڏو ڀڃي پيو هو ۽ اهو وري ڪڏهين ٺيڪ نه ٿيو. جوزف ۽ ميري جي ڄاڻ سڃاڻ برنو جي فوجي اسپتال ۾ ٿي هئي جتي هوءَ نرس هئي. عمر ۾ کانئس اٺ سال وڏي هئي ۽ ناسازگار حالتن جي ڪري مڙس کي ڇڏي چڪي هئي. جنگ کانپوءِ هن جوزف سان شادي ڪئي. هو مزدور ڪٽنبن ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ نه وري هنن کو

پرولتاري ڪٽنب ئي ٺاهيو هو. هو جنهن رستي ڪان پارٽي ۾ آيا سو منجهيل ۽ ڏکيو هو— پر هنن اهو رستو ڳولي ڪڍيو. ڪيترن ٻين ماڻهن وانگيان هو به سوويت يونين ڏسڻ ڪانپوءِ پارٽي ۾ آيا. جرمنن جي قبضي ڪان گهڻو اڳ کين انهن سڀني ڳالهين جي خبر پئجي ويئي هئي، جن بابت هنن معلوم ڪرڻ ٿي گهريو ۽ پنهنجي گهر ۾ جرمن ساٿين کي پناه ڏني. سوويت يونين تي حملي ڪانپوءِ واري ڏکئي وقت ۾، ۽ ١٩٤١ع ۾ مارشل لا جي پهرين دور منجهه، مرڪزي ڪاميٽيءَ جا ميمبر سندن گهر ۾ ملندا هئا. هونزازيڪا ۽ هونزاڪرني سندن گهر ۾ ئي ٽڪندا هئا ۽ سڀني ڪان گهڻو آئون اتي سمهندو هئس. هت اسين ”رودا پراوو“ اخبار جو مواد تيار ڪرڻ سان، گڏ پيا به ڪيترا اهم فيصلا ڪندا هئاسين. ”ڪارل“ ڪرني سان منهنجي پهرين ملاقات به هت ئي ٿي هئي.

هو حد ڪان وڌيڪ چوڪس هئا ۽ کين هميشه خبر هوندي هئي ته اوچتين حالتن ۾ ڇا ڪجي. ڇاڪاڻ ته زير زمين تحريڪن ۾ اڪثر اهڙيون ڳوڙهيون اينديون آهن. انڪانسواءِ ڪنهن ماڻهو کي اهو شڪ پئجي نٿي سگهيو ته سڀ سڀا وارو ريلوي جو هي ننڍڙو ڪلارڪ ۽ پياري مادام سوسلوا ڪنهن غير قانوني ڪم ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا. تنهن هوندي به منهنجي گرفتاري ڪان سنت ئي پوءِ کيس گرفتار ڪيو ويو ۽ جلدهين پهريون

پڇرو ڏڏوماس تہ موٽڪي هيبت وٺي ويئي. هن ڳالهايو تہ پوءِ نقصان ٿيندو! پر هن وات بند رکيو. ڪجهہ اشتهارن جي ڪري هت آندو ويو آهي، جيڪي هن هڪ دوست کي پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا. ۽ جرمن جاسوسي پوليس وارا ڪائنس انهن اشتهارن ڪانسواءِ پيو ڪجهہ حاصل نہ ڪري سگهيا.

ڪجهہ مهينا پوءِ پڙورني ۽ پڪووا جي بي احتياطي جي ڪري جرمن جاسوسي پوليس کي خبر پئجي ويئي تہ هونزاڪرني وسوسلس جي پيٺ جي گهر ۾ رهندو هو. ان ڪري جرمن پوليس وارن پڻ ڏينهن تائين ڪائنس ”پڇا ڳاڇا“ ڪئي ۽ اها سچي ڪرائڻ لاءِ ڪيس ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائون، تہ اسانجي مرڪزي ڪاميٽي جا باقي بچيل ميمبر ڪيڙا آهن. ٻيون ڏينهن هو ڪمري نمبر ٤٠٠ ۾ آيو. سندس سڄو جسم ڦٽيل هو ۽ سولائي سان ويهي بہ نٿي سگهيو. مون اونائتي سوالي ۽ همت ڏيارينڌڙ نموني ڏانهس نهاريو. هن خوشي سان نيوسل جي ساڻهن وانگيان جواب ڏنو:

”جي دماغ ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ آهي، تہ پوءِ وات سان پڻڪو بہ نٿو نڪري سگهي.“

آئون ڪين چڱي طرح سڃاڻان. هو هڪ ٻئي سان گهڻو پيار ڪندا هئا. فقط هڪ ڏينهن جي وڇوڙي ڪان بہ گهبرائيندا هئا.

١٩٤٣ جي نئين سال واري موقعي تي هوءَ اڪيلي

ٽيبل تي ويٺي هئي، هن جي تصوير ان دنگ رکيائين جت هو ويهندو هو، ۽ رات جو ٻارهين وڳي ڪانپوءِ نئين سال جي موقعي تي پنهنجو گلاس هن جي خالي گلاس سان ٽڪرايائين ۽ هنجي صحت، واپسي ۽ آزادي جي اميد جو اظهار ڪيائين.

مهيني کن ڪانپوءِ هوءَ به گرفتار ٿي. ڪمري نمبر ۴۰۰ ۾ ڪيترا ماڻهو ڏڪي ويا. هوءَ انهن سان هئي جيڪي ٻاهرين دنيا سان لاڳاپو رکيو آيا هئا.

هن هڪ لفظ به نه ڳالهايو.

هنن ڪيس جسماني عذاب ڪونه ڏنا. چاڪاڻ ته هو سخت بيمار هئي ۽ سندن ڏڪن وکهي جلدي سري وڃي ها. هنن ڪيس وڏيڪ خطرناڪ نموني ذهني عذاب ڏنا.

گرفتاري کان ڪجهه ڏينهن اڳ هو سندس مڙس کي پورهئي لاءِ پولينڊ وٺي ويا ۽ هاڻي ڪيس چيائون:

”ڏس، پولينڊ ۾ پورهئي جي ڪئمپن ۾ چڱن ڀلن ماڻهن لاءِ به ڪم ڪرڻ ڏکيو آهي، تنهنجو مڙس ته منڊو آهي. هو اتي ڪم نه ڪري سگهندو ۽ مري ويندو ۽ تون هنکي وري ڪڏهين به ڪونه ڏسي سگهندينءَ ۽ هن عمر ۾ توکي ٻيو مڙس ڪٿان ملندو؟ عقل کان ڪم وٺ. جيڪي ڪجهه خبر اٿئي اسانکي ٻڌاءِ ۽ اسين هڪدم ڪيس تو وٽ آڻينداسين.“

هو پورهيو ڪندي مري ڪبي ويندو، منهنجو جوزف!

ويچارو غريب انسان! ڪهڙي خبر؟ ڪيئن سرندو! هنن منهنجي پيٺ کي ماري ڇڏيو، هو منهنجي مڙس کي به پورو ڪري ڇڏيندا. آئون هيڪلي وڃي رهنديس. هائو، هن عمر ۾..... زندگي جي پڇاڙي تائين هيڪلي، اوهيءَ واهيءَ ڪانسواءِ... ڪيس بچائي سگهان ٿي. هو ڪيس واپس موٽ وٺي ايندا... هائو، پر ڪهڙي قيمت تي؟ نه آئون ائين ڪانه ڪنديس، جوزف آئون، ائين ڪانه ڪنديس.

هن لفظ به نه ڳالهايو.

جرمن پوليس وارا هڪ ڏينهن ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن وٺي ويا ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ خبر آئي ته جوزف به پولينڊ ۾ مري ويو آهي.

ليدا :

بئڪس جي گهر پهرين آئون شام جي وقت ويو هئس. فقط جوزڪا ۽ هڪ پريشان نظرن واري ڇوڪري گهر ۾ هئي، جنهن کي ليدا سڏيندا هئا. هو اچان ٻارن وانگيان هئي ۽ لڪ چوري منهنجي ڏانهن جيڏي ڏاڙهي کي ڏسندي هئي. گهر ۾ ڪو نئون ماڻهو ايندو هو ته هو خوش ٿيندي هئي. شايد اهو ڪيس گهڙي ڪن لاءِ وندرائي. اسين جلدي دوست ٿي وياسين. پوءِ مونکي خبر پئي ته سندس عمر ١٩ سال آهي ۽ هوءَ جوزڪا جي سوٽ آهي ۽ سندس نالو ٻلاچا آهي. (چيڪ ٻولي ۾ ٻلاچا معنيٰ شرميلي) پر منجهس اها

صفت گهٽ هئي. هو شوقيہ ٿيٽرن ۾ ڪم ڪندي هئي ۽ ڪيس اهو شغل گهڻو پسند هو:

جلدي آئون سندس رازدان ٿي ويس. هو پنهنجي جوانيءَ جا ڏک سور ۽ خواب مونکي ٻڌائيندي هئي. هوءَ پيڻ يا انجي مڙس سان وڙهڻ ڪانپوءِ ڊوڙي مون وٽ ايندي هئي. هوءَ نوجوان ڇوڪرين وانگر چيڙاڪ بہ هئي.

ڇهن مهينن ڪانپوءِ، پهريون ڀيرو هوءَ ڇهل قدمي لاءِ مون سان ٻاهر هلي. هڪ ”سنڌو ٻوڙهو“ جيڪڏهن پنهنجي جواڻ جماڻ ڏيءُ سان ٻاهر نڪري، تہ ڪو ڏانهس اک کڻي بہ نہ نهاريندو، سڀني جون نظرون ڇوڪريءَ ۾ هونديون. انهيءَ ڪري ٻئي دفعي بہ ڪيس ساڻ ڪري ويس. اڪل هنڌ تي ساٿين سان ملڻ وقت بہ هوءَ مون سان گڏ هئي، ۽ بعد ۾ مون ڪيس اڪيل گهر بہ ڏيکاريو. اهڙي طرح جيئن الزامن جي فهرست ۾ بيان ڪيو ويو آهي — معاملو پنهنجو پاڻ اڳتي وڌڻ لڳو: هاڻ هوءَ منهنجي ۽ ٻين ساٿين جي وچ ۾ لاڳاپو قائم ڪندڙ ٿي ويئي.

ڪيس هي ڪم ڏاڍو پسند هو. پر هن انهي ڪم جي مطلب سمجهڻ يا انجي فائدي تي گهڻو ڌيان ڪونہ ڏنو. هن لاءِ، هيءَ رڳو هڪ نئين ۽ دلچسپ ڳالهہ هئي — اهوئي هن لاءِ ڪافي هو.

جيستائين معاملو ننڍين ڳالهين تائين محدود هو، مون

ڪيس وڏيڪ ٻڌائڻ ۾ نٿي گهريو. گرفتاريءَ جي حالت ۾ بي خبري، "ڏوڏم" جي خبر هجڻ ڪان وڏيڪ حفاظت واري آهي.

پر معاملو اڳتي وڌندو ويو. هوءَ جيلينڪس جي گهر، پيغام پهچائڻ ڪانسواءِ ٻيا ڪم به ڪرڻ لڳي. هاڻي ڪيس اهو به ٻڌائڻو پيو، ته اصل ڳالهه ڇا آهي. ڪيس سمجهائڻ شروع ڪيم، بلڪل ائين جيئن ڪنهن ڪي اٿندي اسڪول ۾ پڙهائبو آهي. ليڊا به محنت ۽ خوشي سان سکڻ لڳي. مهانڊن ۾ اچا به اهائي ساڳي ڇوڪري هئي، خوش مزاج ۽ آزاد طبيعت، پر سندس آواز گهٽو بدلجي ويو هو. هن سوچڻ شروع ڪيو ۽ هاڻ منجهس ذهني پختگي اچڻ لڳي.

پارٽي جي ڪم ڪندي، ماڻريڪ سان سندس واقفيت ٿي هئي. هو تجربيڪار هو ۽ ڳالهه ڪي چڱي طرح پيش ڪرڻ جي خبر هئس. هوءَ ان ڪان متاثر ٿي ويئي. شايد حقيقي نچوڙ جي ڪيس سڌ نه پئي هجي. ضروري ڳالهه هيءَ هئي ته سندس ڪم ۽ عقيدي جي ڪري هو پڻ ڪان وڏيڪ ڪيس ويجهو هئي.

سندن لاڳاپو وڏيڪ گهاٽو ٿيندو ويو. ۱۹۴۲ جي شروعات ۾ هن ٻڌندي ٻڌندي پارٽي جي ميمبر ٿيڻ بابت پڇا شروع ڪئي. ڏنم ته ڪيس اهو پڇندي هٻڪ پئي ٿي. اڳ هن ڪنهن به معاملي ڪي اهڙي سنجيدگيءَ سان نه ورتو هو. سون اچا دل پئي هنئي ۽ ڪيس تربيت

ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ پر ڪ وڌڻ جو سلسلو جاري رکيم.

فيبروري ١٩٤٢ ۾ خود مرڪزي ڪاميٽي هنڪي پارٽي ميمبر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ اونداهي ۽ رات اسين گهر ڏانهن موڙي رهيا هئاسين. ڏاڍي ۽ تڏ ڪري واٽ تي پارو چميل هو. هو ۽ جيڪا هميشه گهڻو ڳالهائيندي هئي، پر اڄ رات بلڪل خاموش هئي. پنهنجي گهر جي پر وارو ميدان اڪرڻ وقت آهستي چيائين:

”اڄوڪو ڏينهن منهنجي زندگي ۾ سڀ کان وڏي اهميت وارو ڏينهن آهي. منهنجو سر هاڻي رڳو منهنجي ماڪيت ڪانهي. آئون وعدو ٿي ڪريان ته ڇا ته ڪٿي ٿئي آءٌ توهان سان غداري ڪونه ڪنديس.“

گهڻو ڪجهه وهيو واپريو پر هن غداري ۽ جهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي.

پارٽي جي اڳواڻن سان هو ۽ گهاڙو لاڳاپو رکيو آئي. ڪيس بلڪل خطرناڪ ڪم سونپيا ويندا هئا، جهڙوڪ: انهن ساٿين سان تعلق قائم ڪرڻ، جن سان رابطو ٽٽي ويو آهي ۽ انهن ساٿين سان تعلقات قائم رکڻ جن سان رابطي ۾ خطرو آهي. جڏهين پارٽي اڳواڻن يا ڪنهن اڪيل گهر سان رابطو قائم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو هو ته پوءِ، ليدا کي ئي وڃڻو پوندو هو، ۽ هو ۽ ڪنهن ڪرڙي ۽ وانگيان ائين کسڪي هلي ويندي هئي، جو ڪنهن کي ڪل ئي ڪانه پوندي هئي. هو ۽

آهو ڪم هميشه وانگيان لڏندي لمندي ڪندي، هئي، تہ جيئن ڪنهن کي مٿس شڪ نہ پوي. پر کيس جوابداري جو، پورو احساس هوندو هو.

اسان کان مهينو پوءِ هوءَ گرفتار ٿي. مائريڪ هن جو بہ نالو ورتو هو. ان ڪانپوءِ جرمن پوليس وارن کي سولائيءَ سان پتو پئجي ويو تہ هن پنهنجي پيءُ ۽ ڏير کي ڀڄڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ آهي هاڻ گجهي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا آهن، هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ پاڻ کي هڪ خوش مزاج ڇوڪريءَ جو روپ ڏيئي ڇڏيو جنهن کي اها خبرئي ڪانہ هئي تہ جيڪي هو ڪري رهي آهي، سو کيس نہ ڪرڻ کپي ۽ ان مان هن لاءِ آگرا نتيجا نڪري سگهن ٿا. کيس گهڻن ڳالهين جي خبر هئي. تنهن هوندي بہ هن ڪجهہ نہ ٻڌايو. پر سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن ڪم ڪرڻ بند نہ ڪيو. حالتن ڦرڻ کان پوءِ سندس ڪم ڪار جا طريقا بہ بدلجي ويا. پارٽي جي ميمبر جي حيثيت ۾ سندس فرض قائم رهيو. يعني جتي بہ هجي ماٺ ڪري نہ ويهي. هو محنت، هوشياري ۽ ڦڙتيءَ سان، سڀئي سونپيل ڪم ڪندي رهي. جڏهن ڪنهن ڏکي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو هو، يا ٻاهر ڪنهن کي بچائڻو هوندو هو تہ پوءِ ليدا پنهنجي معصوم شڪل سان ڪنهن ٻئي جو "ڏوهہ" بہ پنهنجي سر تي سورهيائيءَ سان کڻندي هئي. هو ٻانڪريڪ

جيل ۾ مقدم تي ويئي ۽ هن جي ڪري ئي ڪيترا ماڻهو گرفتار ٿيڻ کان بچي ويا. سال ڪن ڪانپور جي پوليس هڪ لڪل خط هن کان هٿ ڪيو جنهنجي ڪري ڪيس مقدم جي عهدي تان به لاٿو ويو.

هاڻي هو اسان سان گڏ برلن هاڻ واري آهي، جتي اسان سيني تي ڪيس هلايو ويندو. اسان سڀني مان فقط ڪيس ئي آزادي جي ڏينهن جي اميد تي سگهي ٿي. هو نوجوان آهي. جيڪڏهن اسين هتي مري وڃون ته پوءِ ڪيس نه وسارجو. هن کي اجها گهڻو ڪجهه سکڻو ۽ ڪرڻو آهي. ڪيس سيکارجو ۽ هڪ هنڌ ويهڻ نه ڏجو. سندس اڳواڻي ڪجو ۽ ڪيس مغرور ٿيڻ يا پنهنجي ڪم تي پڌائش کان پاسائتو رکجو. هن حد کان وڌيڪ ڏکئي وقت ۾ ثابت ڪيو آهي ته هو ڏاڍي ڪم واري چڙڪري آهي. هو پڙڪندڙ باهه مان لنگهي پار پيو آهي ۽ ثابت ڪيو اٿس ته هو ڪنهن پڪي ڌاتو جي ٺهيل آهي.

منهنجو عملدار.

هي انهن شخصيتن مان نه آهي پر تنهن هوندي به پين کان ڪجهه وڌيڪ دلچسپ آهي.

ڏهه سال اڳ ونوهاردي جي هوٽل فلورا ۾ جيڪڏهن توهان پيش گير سان ئي حساب ڪتاب صاف ڪرڻ لاءِ ريزڪاري ڳڻڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي، تڏهن ڪاريءَ پوشاڪ ۾ هڪ ڊگهي قد ۽ سنهي

ٻڌڻ واري ماڻهوءَ ڪنهن آواز ڪرڻ ڪانسواءِ، ڪرسيءَ
وچان ترندي سڌو تنهان وٽ پهچي ٻل پيش ڪيو
هوندو. جهنگ جي جانور وانگيان سندس تکي رفتار ۾
ٻلي جهڙيون اکيون، جن سان هو هر شيءِ کي نظر
هيٺ رکي ٿو. تنهانکي ڪجهه ڪاٺو نه به هجي پر
هو پنهنجو پاڻ پيش ڪيرن کي چوندو وتندو: "ٽيڻ‌ءَ
ٽيبل تي ملائي ڪانسواءِ ڪيف‌آءلا جي وڏي پليٽ."
"ڪاٻي دريءَ وٽ ڪيڪ لڌووي نويسي (اڄوکي
اخبار) ڏي." مهمانن لاءِ هو سڌو مک پيش ڪير هو ۾
اتي ڪم ڪندڙ به ڪيس ٻڪو سمجهندا هئا.

ان وقت آءٌ هن کي ڪونه سڃاڻندو هئس. مون
ڪيس گهڻي وقت ڪانپوءِ جيلينڪس وارن جي گهر
سڃاتو جڏهن سندس هٿ ۾ پينسل جي بدران پستول
هو ۽ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "....سونکي هي
سيني کان وڌيڪ دلچسپ ٿو لڳي."

سچ ته اسان ٻنهي جي هڪ ٻئي ۾ دلچسپي هئي.
هو چالاڪ هو ۽ ٻين جي پيٽ ۾ ڪيس هڪ
وڌيڪ فائدو هو، هو ماڻهوءَ کي سڃاڻي وٺندو هو.
پوليس ۾ شايد ڪامياب وڃي ها. ننڍا چور يا خوني
پنهنجن ٻين همراهن کان جدا هنجي اڳيان دل کولي
ڳالهائڻ کان نه هٻڪندا هئا. چالاڪ ته انهن ماڻهن
کي فقط پنهنجي سر بچائڻ جو فڪر هوندو آهي پر
سياسي معاملن سان واسطو رکندڙ پوليس کي، ورلي اهڙا

ماڻهو همٿ ايندا آهن. سياسي قيدين جي حالت ۾ رڳو پوليس جي چالاڪي ۽ گرفتار ٿيل ماڻهوءَ جي چالاڪيءَ جو مقابلو نه هوندو آهي، پوليس جي چالاڪيءَ جو اچا به وڏي طاقت سان مقابلو هوندو آهي. اها طاقت آهي ماڻهو جا عقيدا ۽ سچي تحريڪ جي هوشياري، جنهن ۾ هو شامل هوندو آهي. نه پوليس جي چالاڪي ۽ نه وري مار ـ ڪٽ، انجي برابر ٿي سگهن ٿيون، جيڪڏهن ان هوندي به ڪين مجموعي طرح ڪاميابي ٿي آهي، ته انجو سبب به هي آهي ته: جدوجهد تمام ڏکي ۽ انجو دائرو محدود آهي ۽ پئي هنڌ ڪٿي به زير زمين تحريڪ لاءِ حالتون اهڙيون ڏکيون نه هيون. روسي بالشيوڪ چوندا هئا ته جيڪو ماڻهو پن سالن تائين زير زمين ڪم ڪري سگهي ٿو، سو سٺو ڪارڪن آهي. هنن لاءِ جيڪڏهن ماسڪو ۾ حالتون ناسازگار ٿينديون هيون ته پوءِ هو پيٽرو گراڊ ۽ انان پوءِ اوڊيسا. مطلب ته اهڙن وڏن شهرن ۾ ڪم ٿي ويندا هئا، جن جي آبادي لکن ۾ هئي. جت ڪين ڪير ڪونه سڃاڻندو هو. پر هت اسان وٽ فقط پراگ جو شهر آهي جتي اڌ ڪان وڌيڪ ٿوهانڪي سڃاڻن. هت دشمن پنهنجن ايجنٽن جا جٿا اٿي گڏ ڪيا آهن. ان هوندي به اسان چار سال ڪم ڪيو ۽ اجا تائين ڪيترا ڪامريڊ اهڙا آهن جيڪي گذريل پنجن سالن کان زير زمين ڪم ڪري رهيا آهن ۽ جرمن پوليس هنن کي همٿ نه

ڪري سگهي آهي. انجو سبب هي آهي ته اسين گهڻو ڪجهه سگهي ويا آهيون. دشمن جيتوڻيڪ طاقتور ۽ قهار آهي پر هو قتل کان وڌيڪ ڪجهه به نه ڪري سگهي.

ٻه - اي - الف ڪاتي ۾ ڏن ماڻهن بابت چيو وڃي ٿو ته هو ڪميونزم جي پارٽ پٽن ۾ سڀ کان وڌيڪ سختي ڏيکارين ٿا، اندروني دشمن خلاف جنگ ۾ بهادري جي ڪري، ڪين تمغا مليل آهن: فرائيڊرخ، زينڊر ۽ "منهنجو عملدار" جوزف بوهام. هو هٽلر جي قومي سوشلزم بابت گهڻ ڳالهائيندا آهن - فقط ايترو جيتري هنن کي خبر آهي. هو ڪو سياسي نظرين لاءِ نه وڙهي رهيا آهن. انهن مان هرهڪ پنهنجي پر ۾ پنهن جي لاءِ وڙهي رهيو آهي.

زينڊر قد جو ٻندرو پر تيزي گهٽي - پوليس جي ڪم ۾ ٻين سيني کان وڌيڪ چاڙو لڳي ٿو. پيسي جي ڏيتي ليتي ۾ شايد اڃا به وڌيڪ هوشيار آهي. ڪجهه مهينن لاءِ ڪيس پراگ کان برلن آندو ويو هو، پر سنت سيڙ ڪرائي وري پنهنجي بدلي پراگ ڪرايائين. سندس خيال ۾ نازي حڪومت جي گادي جي شهر ۾ ڪم ڪرڻ گهٽتائي واري ڳالهه هئي ۽ آمدني جي لحاظ کان نقصانڪار به. آفريڪا يا پراگ ۾ بيٺڪي عملدار، وڏو ماڻهو سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪيس ادوئي دولت گڏ ڪرڻ جو سٺو موقعو هوندو آهي. هو پنهنجي پيشي ۾ محنتي آدي ۽ ٻنپهرن جي ماني وقت

ٻه قيدين کان ٻچيا جو ڪم ڪندو رهندو آهي. اهو هو ان لاءِ ٿو ڪري ته جيئن ڪنهن کي اها خبر نه پوي، ته ڪو غير سرڪاري ڪم ۾، هو ان کان ٻه وڌيڪ پڙهيل آهي. جيڪو ماڻهو سندس ور چڙهيو تنهنجو خير ڪونهي. پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا بئنڪ ۾ پئسا يا موڙي آهي، تہ پوءِ ان جو ته سر ئي ويو. اهڙي ماڻهو جي موت اچڻ ۾ ديرئي نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته بئنڪ ۾ رکيل پئسا ۽ موڙي زيندر لاءِ سڀ ڪجهه آهي. ان ڪم ۾ هو سيني کان وڌيڪ چست عملدار سمجهيو ويندو آهي. (ان معاملي ۾ سندس چيڪ نائب ۽ مترجم سوملا ڪانئس مختلف آهي، هنکي پئسا مايا ته پوءِ هروڀرو ڪنهن کي ڪونہ ماريندو.)

فريڊرخ — ڊگهو، ڏٻرو، دانگي جي تري جهڙو رنگ، شيطاني اکيون ۽ ٻچڙي ڪلہ ۱۹۳۷ ۾ جرمن پوليس جو جاسوس ٿي چيڪوسلاويڪيا آيو ته جيئن ملڪ کان ٻاهر رهندڙ جرمن ڪامريڊن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري. ڪيس هئي ماڻهو کي مرندو ڏسي مزو ايندو هو. سندس نظرن ۾ ڪوبہ بي گناهہ ڪونهي. جنهن سندس آفيس ۾ پير وڌو سو ڏوهاري آهي. ڪيس عورتن کي اهو ٻڌائيندي مزو ٿو اچي ته سندن مڙس پورهئي جي ڪئمپن ۾ ڳهي ڳهي مري ويا، يا انهن کي ڦاسيون ڏنيون ويون آهن. هو پراڻا ڪارڊ ٻه دلچسپي سان پڙهندو آهي ۽ مئل ماڻهن جا نالا ٻڌي اطمينان سان

چوندو آهي: ”هنجو به معاملو پورو ٿيو!“ ”هو به ختم ٿيو!“ زالن کي عذاب ڏيڻ ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو آهي ۽ عيش ڪرڻ جو به ڏاڍو شوق اٿس. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو گهر سٺو سينگاريل آهي يا دڪان سٺين شين سان ڀريل آهي ته پوءِ سندس سر ئي ويو.

سندس چيڪ نائب قد ۾ ڪانئس ڪجهه لانئيرو آهي باقي ٻنهي ۾ ٻيو ڪو به فرق ڪونهي.

بوهام — منهنجو عملدار — ڪيس نه ڪي پيسي ۾ ۽ نه وري مئل ماڻهن ۾ دلچسپي آهي. جيتوڻيڪ هن جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو ٻين عملدارن جي ڪرتوتن کان گهٽ نه آهي. هو جوکم پرست ماڻهو آهي ۽ خواهش اٿس ته ڪو وڏو ماڻهو ٿيان. ڪيترن سالن کان جرمن پوليس لاءِ ڪم رهيو آهي. هو نيپولين هوٽل ۾ پيش گير هو جتي بران (روڊليف بران. نازين جو حامي جيڪو سيونخ واري معاهدي کانپوءِ چيڪوسلاويڪيا جو وزيراعظم ٿيو.) گڇهيون سينگرون ڪرائيندو هو. جيڪي ڪجهه بران پاڻ هٿار کي نه ٻڌايو هوندو سو خال بوهام پورو ڪيو. پر ماڻهن جو شڪار ڪرڻ، سندن زندگي ۽ موت جو مالڪ بنجڻ ۽ سچن ڪٺن جي تقدير جا فيصلا ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ هي ڪجهه به نه هو.

ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ معاملو اڪثر گهڻو خراب حد تائين نه ويندو هو. پر جيڪڏهن هن ٻئي ڪنهن

معاملي ۾ پاڻ کي برجستو ثابت نہ ڪيو تہ پوءِ حالتن
کي خراب ڪرڻ جو بہ پڙ هو.

ايجنٽن جي چار پڪيٽڻ ۾ هو ٽنهي کان وڌيڪ
چاڙهو هو: ڪتن جي لوڊ سان گڏ ڪ شڪاري. هو
شڪار ڪندو رهندو هو- شڪار سان پيار جي ڪري
کيس آڏي پچا بہ ڏاڍو تنگ ڪندي هئي. سندس مکيہ
سرگرمي هئي گرفتاريون ڪرڻ ۽ پوءِ ماڻهن کي
پنهنجي اڳيان فيصلن جي انتظار ۾ ويهارڻ. هڪ دفعو
هن پراگ ۾ ٽرامن ۽ لارين جا بہ سو ڊرائيور گرفتار
ڪيا. ڪن کي ٽرام لائينن تان جهليائين ڪٽي وري
آمدرفت ئي روڪي ڇڏيائين، ان ڪري افراتفري پيدا
ٿي. ائين ڪرڻ سان کيس خوشي ٿيندي هئي. پوءِ هن
ڏيڍ سو کن ڊرائيور ڇڏي ڏنا ۽ اهو تصور ڪري
خوشيي ٿيس تہ ڏيڍ سوگهرن ۾ سندس ساراهہ ڪئي
ويندي تہ سڻو ماڻهو آهي. سندس کيس گهٽو ڪري
وڏي سطح تي پر غير اهم هوندا هئا. فقط آڏون جنهن
کي هن اوچتو جهليو هو. جدا حيثيت وارو هئس.

هو هميشه چوندو هو: ”تون منهنجو وڏي ۾ وڏو
شڪار آهين.“ کيس ان ڳالهہ تي وڏائي ٿيندي هئي
تہ هن مونکي سڀ کان وڏو کيس ڪري ڪنيو آهي.
شايد انجي ڪري ئي منهنجي زندگي وڏي.

اسين هڪ ٻئي سان هميشه ڪوڙ ڳالهائيندا
هئاسين آڏون چاڙي ٻجهي ائين ڪندو هئس، پر کيس

انجو احساس ڪڏهن ٿيندو هو. جڏهن ڪوڙ پڌرو ٿي پوندو هو تڏهين اسين ٻئي ماٺ ڪري انڪي اڪاري ڇڏيندا هئاسين. ڪيس حقيقت ۾ دلچسپي مٽڻي گهٽ هئي. سندس هميشه اها خواهش هئي ته ”سندس وڏي ۾ وڏي ڪيس“ کي ڪو داغ نه لڳي.

سندس خيال ۾ ڏنڊا ۽ لوهي سيخون پچيا ڳاڇا ڪرڻ جو واحد طريقو نه آهن. هو هر ماڻهو جو اندازو ڪندو هو ۽ پوءِ اندازي مطابق ڇڙب يا دڙڪن کان ڪم وٺندو هو. شايد پهرين رات ڪانسواءِ هن ڪڏهن به مونکي عذاب ڪونه ڏنا. پر جڏهن سندس دل چوندي هئي تڏهين هو مونکي پنهنجي حوالي ڪندو هو.

هو بلاشڪ پنهن کان وڌيڪ دلچسپ هو. هڪ ڀيرو اسان برانڪ وٽ خيالي ميٽنگ ڪئي. انکانپوءِ اسين هميشه شراب خاني جو باغيچي ۾ ويهي چوڌاري ماڻهن جي ميڙن کي ڏسندا هئاسين.

”تون گرفتار آهين.“ هن هڪ ڀيرو ماڻهن ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو، ”ڪا تبديلي ڏسڻ ۾ اچئي ٿي؟ ماڻهو اڳي وانگيان گهمن ڦرن پيا، ڪن جي منهن تي مرڪ آهي ته ڪي غمگين آهن. باڪل ائين جيئن اڳ ٿيندو آيو آهي. دنيا جو چرخو پيو هاي چڻ ته تون چاپوئي ڪونه هئين. ڪي سان انهن ۾ ڪي ته تنهنجي ڪتابن ۽ اخبارن جا پڙهندڙ هوندا- تون سمجهين ٿو ته تنهنجي گرفتار ٿيڻ ڪري هنن جي

منهن تي هڪ اڌ وڏيڪ گهڻچ پيو آهي."

هڪ ٻئي موقعي تي سچو ڏينهن ٻچا ٻاچا ڪرڻ کان پوءِ شام جو هو مون کي موٽر ۾ پراگ جو شهر گهمائيندي هزادڪاني (پراگ جو قلعو جتان سڄو شهر ڏسڻ ۾ پئي ايندو آهي) وٺي هليو، جتان هيٺ نرودا گهٽي ڏسڻ ۾ پي آئي.

"خبر اٿم، توکي پراگ شهر سان پيار آهي. ٻڌاءِ! توکي جيل مان ڇٽي شهر وڃڻ جي خواهش نه ٿيندي آهي؟ ڪيترو نه سهڻو شهر آهي! تون واپس شهر ۾ نه آئين ته به اهو خوبصورت ئي هوندو...."

هن هوشياريءَ سان لالچ پئي ڏني. اونهاري جي پوين ڏينهن جي شام ۾ سرءُ جا اڌچاڻ هئا. آسماني رنگ واري شام ۾ انگوري شراب جو نشو هو ۽ دل ٿي چيم ته دنيا جي پڇاڙي تائين اهو نظارو ڏسندو رهان.... مون کيس جواب ۾ چيو:

"تنهنجي مرڻ کان پوءِ پراگ جو شهر اڃا به وڏيڪ خوبصورت لڳندو."

هو ٿورو کليو. سندس کل ۾ بدنيتي نه پرغمگيني ڏسڻ ۾ پي آئي ۽ چيائين:

"تون نازڪ مزاج آهين."

هو وري ان شام کي ياد ڪندو هو.

"جڏهن اسين نه هونداسين.... يعني توکي اڃا اسان جي فتح ۾ يقين ڪونهي؟"

ڏنائين ته ان ڪري اهو سوال ڪيو جو ڪيس به ان
۾ ڀروسو نه هو. جڏهن آئون سوويت يونين جي طاقت
جو ذڪر ڪندو هئس ۽ اهو چوندو هئس ته سوويت
يونين کي دنيا جي ڪابه طاقت هارائي نٿي سگهي ته
هو ڏيان سان ٻڌندو هو. اهائي منهنجي آخري "آڏي
پڇا هئي."

پتلون جي پٽن جهڙو جوڙو:

ساڳهون واري ڪال ڪوٺڙي جي ٻاهران پٽن جو
هڪ جوڙو ٽنگيو پيو آهي. مون کي اهي ٻنهي نه وڻندا
آهن، پر هاڻي انهن کي ڏسي خوشي ٿيندي اٿم. انهن
۾ مون کي اميد جا ڪرڻا نظر ايندا آهن.

گرفتاري کان پوءِ تو کي ٻاڻي ساري پورو ڪري
ڇڏين، پر سڀ کان پهرين هو تنهنجي ڏاڙهي پٽو يا پتلون
۾ ڪلهن سان لٽڪائڻ وارا پٽا وٺندا ته جيئن تون
پاڻ کي ڦاهي نه ڏين. (جيتوڻيڪ ماڻهو پاڻ کي پتلون
سان به ٽنگي سگهي ٿو.) موت جا اهي خطرناڪ اوزار
جيل جي آفيس ۾ رکيا ويندا آهن ۽ جيسين گيسٽاپو ۾
ڪا اڻ چاتل تقدير اهو فيصلو نه ڪري ته توهانکي
ڪيڏانهن موڪليو وڃي، پورهئي جي ڪئمپ ۾ يا
ڦاسي واري جاءِ ڏانهن، تيسين توهان کي اهي شيون
واپس نه ملنديون. فيصلي ٿيڻ کان پوءِ اهي شيون
سرڪاري ديدبي سان واپس ڪيون وينديون آهن، پر

انهن کي ڪال ڪوٺڙي اندر رکڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. اهو ساسان ڪال ڪوٺڙي جي در جي ٻاهران ٽنگيو ويندو آهي ۽ ڪال ڪوٺڙي ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جي روانگي تائين اهي هڪ ڇنيءَ ياد گار طور تي ٽنگيل هونديون.

اسان جي سامهون ڪال ڪوٺڙي جي ٻاهران ٻہ پٽن جو جوڙو ٽنگيو پيو آهي. ان ڏينهن مون کي خبر پئي تہ گستينا لاءِ ڪهڙو فيصلو ٿيو آهي. سامهون واري ڪال ڪوٺڙي جو هڪ ساٿي ٻہ سا ڳي گاڏي ۾ پورهئي جي ڪئمپ ڏانهن وڃي رهيو آهي، جنهن ۾ گستينا بہ ويندي، گاڏي اڃا نہ وئي آهي. گاڏيءَ جي روانگي اوچتو ملتوي ڪئي وئي آهي. گاڏي جي منزل واري هنڌ سخت بمباري ٿي آهي (پيو نيڪ فال).

ڪنهن کي خبر، گاڏي ڪڏهن وڃي. شايد اڄ شام يا سڀاڻي، شايد مهينو يا ١٥ ڏينهن پوءِ. سامهون پٽا اڃا ٽنگيا پيا آهن. جيسين اهي پٽا اتي ٽنگيا پيا آهن، تيسين گستينا بہ پراگ ۾ هوندي. انهيءَ ڪري آئون خوشي ۽ پيار سان انهن کي ڏسندو آهيان. ڇو تہ اهي پٽا نہ پر ڪو انسان آهي، جيڪو گستينا جي مدد ڪري رهيو آهي ڪيس ڪجهہ ڏينهن ماي ويا.... ڪهڙي خبر ان مان ڪو فائدو ٿئي؟ شايد اچڻ ڪو ڏينهن ئي ڪيس بچائي وجهي.

اسين سڀ ان حال ۾ رهون ٿا. هميشه ايندڙ ڏينهن

جو انتظار جنهن ۾ ڪجهہ اميد هوندي آهي. تنهنجي قسمت جو فيصلو ٿي ويو آهي. پر هيئن توکي گولي هڻئي ويندي- ها، ڪهڙي خبر سڀاڻي ڇا ٿئي؟ فقط سڀاڻي تائين زنده رهہ. سڀاڻي تائين هرڪا شيء بدلجي به سگهي ٿي، هر شيء بي بقا آهي. هائو، ڪنهن کي خبر تہ سڀاڻي ڇا ٿئي؟ سڀاڻي به گذري ٿي وڃي. لکين ماڻهو موت جي منهن ۾ پيا وڃن. هزارين انسانن لاء نئون سج اڀري ٿو نئون پر ماڻهو اڃا وڏي اميد سان زنده آهن. سڀاڻي، ڪهڙي خبر ڇا ٿئي؟

هر هفتي نوان افواه اڏن ٿا تہ: جنگ فلاڻي تاريخ تي بند ٿي رهي آهي. هرڪو ماڻهو وڏي وات اهو افواهہ ٻين تائين پهچائي ٿو. توهان انهن جو مقابلو ڪريو ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي ڪوڙيون اميدون آهن؟ ڪوڙيون اميدون ماڻهوءَ کي مضبوط نٿيون ڪن ٻر الٽو ان جي اخلاق کي ڪمزور ڪن ٿيون. اسان جي پروسي کي ڪوڙن سان نہ پر حقيقت سان هٿي ڏيڻ گهرجي- پر توهان ۾ بنيادي حقيقت موجود هوندي آهي، تہ اچوڪي ڏينهن جو فائدو اوهان جي زندگي کي موت کان جدا ڪندڙ پل تي آڻي سگهي ٿو. زندگي جنهن کي تون دشمنن جي اڳيان اڇلائڻ لاء تيار نہ آهين، ۽ موت جيڪو تنهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي.

انساني زندگي فقط ڪجهه ڏهاڙا آهي. تنهن هوندي به تون چاهين ٿو ته اهي ڏينهن جلد پورا ٿين. پاڇوڪڙ ۾ وٺ نه ڏيندڙ وقت جيڪو لاڳيتو تنهنجي نسن مان قوت چوسي رهيو آهي سو تنهنجو دوست آهي. ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي!

ايندڙ ڏينهن ڪالهه ٿي ويو ۽ پرينهن اڄوڪو ڏينهن ٿي ويو، اهو به گذري ويو. اسان جي سامهون واري ڪال ڪوٺڙي جي در جي ٻاهران پٽن جو جوڙو اچا ڏنگيو پيو آهي.

باب ستون

مارشل لا، ۱۹۴۲:

۲۷ مئي ۱۹۴۳ء

اها ڳالهه سچي هڪ سال جي آهي. آڏي پچا ڪان پوءِ هو مون کي واپس "سئنيما" ۾ وٺي آيا. ڪمري نمبر ۴۰۰ جي ماڻهن جو روزانو هي سفر آهي. پنهنجي ماني پانڪريڪ مان، هتي آڻيندا هئا ۽ ٽپهري جو وري واپس چوٿين ماڙ تي. پر اڄ اسين وري چوٿين ماڙ تي نه وياسين.

قيدي ماني کائين پيا. بينچون قيدين سان سٽيل آهن. هو ڇمڇن هلائڻ ۽ ماني چٻاڙڻ ۾ رڌل آهن، بلڪل عام ۽ روزمره جي ڳالهه. جيڪڏهن هن گهڙي انهن سڀني ماڻهن کي هڏائن پڃرن ۾ تبديل ڪيو وڃي، جيڪي سپاٽي تائين مري ويندا، ته پوءِ ڇمڇن ۽ مٽي جي ٿانون جا اوزار اوچتو هڏن جي کڙڪات ۽ ڏاڙن جي سڪل ڪڙڪڙ ۾ گم ٿي ويندا. پر اڃا ڪنهن کي موت جو خيال ڪونهي، هرڪو ماڻهو مزي سان پنهنجي جسم کي خوراڪ پهچائي رهيو آهي، ته جيئن وڌيڪ هفتا، مهينا يا سال زنده رهي.

پنهنجي جي مهل! اڄ ڏينهن پڇا ڳاڇا کان سواءِ،

انهن سوالن ئي ٽڪائي ڇڏيو آهي جن جو تہ وٽ ڪوبہ جواب نہ آهي ـــ اها تہ خدا جي هڪ نعمت آهي. ظاهري طرح اُنهن تي لڳو پر ائين آهي ڪونہ.

دالان ۾ اسان کي جنرل ايلياس گڏيو. سندس اکين ۾ جوش ۽ ولولو آهي سون کي ڏسندي ئي هن جيل جي نگهبانن جي وچ مان آهستي چيو:

”مارشل لا.“

تمام اهم معلومات هڪ ٻئي کي ڏيڻ لاء قيدين وٽ فقط ڪو سيڪنڊ جو وقت هوندو آهي. ڪيس منهنجي خاموشي سان پڇيل سوال جي جواب ڏيڻ جو وقت بہ ڪونہ هو.

پانڪريڪ جا نگهبان اسان جي وقت کان اڳ واپسي تي حيران آهن. سون کي پنهنجي ڪال ڪوٺڙي ڏانهن وٺي ويندڙ ڪافي پروسي وارو ماڻهو پيو لڳي. اچا خبر نہ پئي اتم تہ ڪير آهي پر جيڪي ڪجهہ ٻڌو اٿم سو ٻڌايانس ٿو. هو پنهنجو ڪنڌ لوڏي ٿو. ڪيس ڪابہ خبر نہ آهي، شايد سون چڱيءَ طرح نہ ٻڌو. هائو، شايد اهو چڱو ٿيو.

”تو سچ ٿي چيو، هيڊرخ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سخت ڦٽجي پيو آهي، پراگ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو آهي.“

بي ڏينهن هو وري اسان کي آڌي ٻچا لاء وٺي ٿا وڃن، اسان سان ڪامريڊ وڪٽرسونيڪ گڏ آهي، پارٽي

جي مرڪزي ڪاميٽي جو آخري زنده بچيل ميمبر هو فيبروري ١٩٤١ ۾ گرفتار ٿيو هو. ايس-ايس جي وردي ۾ نوجوان جيلر سندس اکين اڳيان هڪ اڇو ڪاغذ لوڏي رهيو آهي جنهن تي ٿون وڏن اکرن ۾ لکيل هيٺيون لفظ پڙهي سگهجن ٿو:
"انتلاسنگ بسذل."
"اڙي يهودي آخر آئين نه حساب ۾. ڇڏڻ جو حڪم! خڪ...."
۽ سندس سسي ڏانهن اشارو ڪندي ڏيکاري ٿو ته وڪٽر کي ڦاهي ڏني ويندي. ١٩٤١ ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ ميئر کي اڳ آڏوسونيڪ کي ڦاسي ڏني ويئي ۽ ١٩٤٢ ۾ مارشل لا جو پهريون شڪار به سندس پاڻ وڪٽر هو. هو ڪيس گولي هڻڻ لاءِ ماٿواسين ڏانهن وٺي ٿا وڃن.
پانڪريڪ کان پيتسچڪ محل ڏانهن وڃڻ ۽ واپسي جي رستي تي روزانه هزارين قيدين جي اچ وڃ ٿئي ٿي. لارين ۾ پهرو ڏيندڙ ايس-ايس وارا "هيڊرخ" جو بدلو وٺي رهيا آهن. جيل جي لاري اڃا سڌ پنڌ تائين مس وڃي ٿي ته ايس-ايس وارا قيدين کي پستول جي ڪنداڪن سان رتوڇاڻ ڪريو ڇڏين. منهنجو لاري ۾ هجڻ پين لاءِ فائدي وارو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي ڏاڙهي ايس-ايس وارن لاءِ دلچسپي جو مرڪز هوندي آهي ۽ هو ان تان چرچا ڪندا آهن.

اڪثر هو لارين جي لوڏن وقت منهنجي ڏاڙهي ۾ جهليندا آهن. منهنجي لاءِ اها سڀ تربيت هوندي آهي. چاڪاڻ ته اڏي پيچرا وقت به ساڳيو حال ٿيندو آهي ۽ پيچاڙي جو هميشه چوندا آهن:

”جيڪڏهن سپاڻي تائين تو عقل کان ڪم نه ورتو ته پوءِ توکي گولي هڻنداسون.“

هاڻي ان ۾ ڪوبه ڊپ باقي نه رهيو آهي. هر شام هيٺ دالان ۾ توکي ماڻهن جا نالا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا - پنجاهه سو، به سو ماڻهو جن کي ڪوس گهر ڏانهن ويندڙ چوپائي مال وانگر لارين ۾ سٽين ٿا ۽ ڪين موت جي منهن ۾ ڏيڻ لاءِ ڪوبليسي موڪلين ٿا. سندن ڏوهه؟ سندن بنيادي ڏوهه هي آهي ته هو بي قصور آهن. هو گرفتار ٿيا آهن پر سندن ڪنهن به وڏي واقع سان ڪو تعلق ڪونهي، تنهن ڪري بهتر آهي ته ڪين ماري ڇڏجي. هڪ ساٿي ۹ ٻين ماڻهن جي اڳيان هڪ مزاحيه شعر پڙهيو. جنهن جي ڪري هيڊرخ تي خوني حملي کان به مهينا اڳ هو گرفتار ٿيا. هاڻي هنن کي ڦاسي جي تختي ڏانهن نيو پيا وڃن — مٿان انهي حملي جي سزا منظور ڪرڻ جو الزام آهي. ڇهه مهينا اڳ هڪ عورت کي غير قانوني اشتهار ورهائڻ جي شڪ ۾ جهليو ويو هو. هن عورت ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪيو. تنهن ڪري هاڻي هو سندس ڀينرن ۽ ڀائرن ۽ سندن مڙسن ۽ زالن کي گرفتار ڪري سڀني

ڪي گولي ٿا هڻن. چاڪاڻ ته مارشل جو نعروئي
آهي: ”شڪي ماڻهو ۽ سندن سڄا خاندان ناس ڪيو.“ —
ڏڪ نيپالي غلطيءَ سان گرفتار ٿئي ٿو ۽ انتظار ۾ آهي
ته ڪيڏي مهل ٿا ڇڏينس. هو پنهنجو نالو ڏي ٿو پڌي.
اڳيان وڌي اچي ٿو. هو ڪيس انهن ماڻهن جي قطار
۾ ٿا بيهارين جن کي گولي هڻي آهي ۽ پوءِ سڀني
کي گولي جو نشانو بڻايو وڃي ٿو — ۽ ٽئين ڏينهن
کين خبر پوي ٿي ته نيپالي موت جو شڪار رڳو
ساڳئي نالي جي ڪري ٿيو ۽ ان نالي وارو آهو ته
ٻيو ماڻهو آهي جنهن کي گولي لڳي هئي. پوءِ هو
ٻئي ماڻهو کي به گولي هڻي پورو ڪن ٿا ته جيئن
حساب برابر رهي، انهن ماڻهن جي صحيح ذاتي تفصيلن
بيان ڪرڻ ۾ ڪير پنهنجو وقت وڃائيندو. جن کي
گولين جو نشانو بڻائو ويو آهي يا ڦاسيون ڏنيون ويون
آهن! جيڪڏهن سڄي ملڪ جي زندگي کي ونجي ته
پوءِ اهو غير ضروري نه آهي؟

آئون رات جو دير سان آڏي ڇچا تان موٽيس. هيٺ
پت جي پڊر ۾ ولادي سلاوواڪورا ويٺو هو. سندس
پيرن وٽ ننڍڙي ٽڙ هئي، جنهن ۾ سندس شيون هيون.
چڱي طرح خبر اٿم ته انجو مطلب ڇا آهي. ڪيس به
خبر آهي. اسين هڪ ٻئي سان هٿ ملايون ٿا. آئون
کيس مٿين ماڙي جي دالان مان اچا به ڏسي سگهان
ٿو ته ڪيئن هو ٿورو ڪنڌ هيٺ جهڪايو ويٺو آهي،

پر ڏسي رهيو آهي هيٺ، زندگي کان پري. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪيس سڏ ٿئي ٿو....،

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ملوس ڪراسني بہ ساڳئي پٽ وٽ پهتو آهي- انقلاب جو هڪ بهادر سپاهي. جنهن کي گذريل آڪٽوبر ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ جنهن کي عذاب توڙي اڪيلائي واري نظربندي بہ جهڪائي ڪونہ سگهيا. پٽ کان ٿورو پاسيرو، هو سانتيڪي نموني سندس پنهنجيان پنهنجي جيل جي نگهبان کي ڪجهہ سمجهائي رهيو آهي. سندس نظر مون تي پوي ٿي. آهستي ڳالهائيندي مون کان موڪلائي ٿو ۽ پنهنجي جو ڳالهائڻ جاري رکي ٿو: ”هن مان توهان کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. اسان جا بيشمار ساٿي هڪ ٻئي پنهنجين موت جي منهن ۾ ويندا پر شڪست اوهان جي ٿيندي....“

ٻئي ڏينهن منجهند جو اسين پيٽسچڪ محل جي ٽري ۾ ٻنپهرن جي ماني جي انتظار ۾ آهيون تہ هو ايلياس کي اندر آڻين ٿا. سندس کيچ ۾ اخبار آهي ۽ ڳالهائيندي انهن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هن گهڙي کن اڳ ان اخبار ۾ پڙهيو هو تہ هيڊرخ تي جن ماڻهن خوني حملو ڪيو، تن سان سندس بہ تعلق آهي.

”ڪوڙا!“ هو آهستي چوي ٿو ۽ پوءِ ماني کائڻ لڳي ٿو.

شام جو هو جڏهن ٻين ماڻهن سان گڏ پانڪريڪ

۾ اچي ٿو تڏهن به همت ڀري نموني ازبازيت ڳالهائيندو رهي ٿو. ڪلاڪن ڪانپوءِ هو ڪيس سندس ڪال ڪوٺڙي مان ڪيڏي ڪوبليسي ڏانهن وٺي ٿا وڃن. مرندڙ ماڻهن جا ڍير وڌندا ٿا وڃن. هاڻي انهن کي ڏڙن يا سون جي ڳاڻيٽي مان نه پر هزارن جي حساب سان ڳڻيو وڃي ٿو. جيئن پوءِ تيئن تازو رت، نازي وحشين جي ناسن کي تيز ڪري ٿو. هو رات جو دير تائين ”ڪم“ ڪن ٿا ۽ خود آچر جي ڏينهن به ڪم ڪن ٿا. هاڻي هو سڀ ايس- ايس جي وردي پايو ويٺا آهن. انهن مڙن لاءِ قتل عام جو ڏينهن سندن جشن جو ڏينهن هوندو آهي. هو مزدورن، استادن، هارين، اديبن، آفيس ۾ ڪم ڪندڙن کي موت جي منهن ۾ موڪليندا آهن. هو مردن، عورتن ۽ ٻارڙن کي قتل ڪيو ڇڏين، سڄن ڪٽنبن کي موت جي ننڊ سمهاريو ڇڏين. سڄن سڄن ڳوٺن کي موت ۽ باهه جي نظر ڪيو ڇڏين. وطن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موت، وبا جي بيماري وانگيان پکڙيل آهي ۽ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي چنبي ۾ جڪڙي پورو ڪريو ڇڏي.

اهڙي وحشت ۾ به انسان زنده رهي ٿو.

اهو ڪجهه اعتبار ڪان ٻاهر آهي. پر هو زنده آهي- ڪائي ۽ سمهي ٿو پيار ڪرڻ ڪونه ڇڏيو اٿس ۽ پورهيو به ڪري ٿو ۽ اهڙين هزارين ڳالهين بابت سوچي ٿو جن جو موت سان ڪوبه واسطو

ڪڍنهي، شايد سندس ڪلهي تي ڪو وڏو بار آهي پر هو اهو بار به ڪنيو پيو هاي. نه ته ڪو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ٿو ۽ نه ئي وري ڪو بار جي ڪري، ڪري ٿو پوي.

مارشللا جي هن وچ واري دور ۾ عملدار مونکي برانڪ وٺي آيو. جون جي مهيني ۾، مٿان آچر جي وٽندڙ شام، گڏن ۽ وٽن جي پور جي سرهاڻ سان ڀڪيل شام. ٽرام جي بيهڻ واري جاء ڏانهن ويندڙ رستو ايترو ويڪرو نه هو جو ڏينهن جي ڪم تان موٽندڙ ماڻهن جو درياه ان ۾ مابي سگهي. جيتوڻيڪ هو هينئر تائين ڪم ڪري ٿڪجي پيا هئا پر ڪين ان ۾ به خوشي ٿيندي هئي ۽ فقط سندن پيارن جا قربائتا ياڪر سندن آجيان ڪندا هئا. ۽ موت جيڪو رات ڏينهن پنهنجي شڪار جي ڳولا ۾ هوندو، تنهنجا سندن مهاڻن تي اهڃاڻ به ڪونه هوندا هئا. هو وٽندڙ سهڙن وانگيان اچي مڙندا هئا. ڪنهن تي به همٿ رک ۽ پنهنجي وندر لاء ڪٿين- هو هڪ ڪنڊ ۾ اچي گڏ ٿيندا پر گهڙي ڪن ڪانپوء پنهنجين خوشين تي زندگي جي پنهنجي سموري لذت سان اچي گڏ ٿيندا.

اوچتو جو جيل جي بند دنيا مان هن وڌندڙ سيلاب ۾ آيس ۽ شروع ڪان ئي مونکي سندن مڙيون خوشيون تکيون لڳيون.

غلط غلط.

اها هئي زندگي جيڪا مون هت ڏٺي، جنهن مان آئون پاڻ به لنگهي آيو هئس. خود وحشي دٻاءُ هيٺ زندگي ختم ٿيڻ واري شيءِ نه آهي هڪ مان ختم ٿئي ٿي ته، سون ۾ وڌي ٿي. زندگي جيڪا موت کان وڌيڪ طاقتور آهي. ڇا اها ڪوڙي هئڻ گهرجي؟

انڪانسواءِ: اسان کي نه ڏسو جيڪي ڪال ڪوٺڙي ۾ سڙي رهيا آهيون ۽ ان وحشت جي وچ ۾ رهيا پيا آهيون ـــ ڇا ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان ٺهيل آهيون.

پڇا ڳاڇا لاءِ اڪثر، پوليس موٽر ۾ ويهندو هئس ۽ جڏهن گڏ هلندڙ پوليس وارا شريف هوندا هئا ته پوءِ موٽر جي درين مان رستن، دڪانن، گل وڪڻندڙ ماڻهن جي انبوهن ۽ عورتن کي ڏسندو هئس.

ڪال ڪوٺڙي ۾ آئون اڪثر دير سان پهچندو آهيان. بابا پيسيڪ بي چيني سان پاڻهي پاڻ کان سوال پڇندو رهندو هو. ڇا هو وري واپس ايندو؟ آئون ڪال ڪوٺڙي ۾ اندر گهڙندو ئي مس آهيان ته بابا اچي ڀاڪر پائيندو آهي ۽ آئون کيس تازي خبر ٻڌائيندو آهيان ته اڄ ڪوبيليسي ۾ ڪيترڪير مئا آهن. پوءِ اسين چيٽي جي شڪل جهڙيون سڪل ڀاڄيون نڙي کان هيٺ لاهي خوشين ڀريو گيت ڳائيندا آهيون يا ڇڪي سان راند ڪندا آهيون. رات جا پهريان ٻه پهر ائين ئي گذرندا آهن، جيتوڻيڪ اسانکي خبر هوندي آهي ته ڪنهن به مهل جرمن پوليس اچي ڪال ڪوٺڙي

جو در کڙڪائيندي ۽ اسان مان ڪنهن هڪ لاءِ يا ٻئي لاءِ سگهي ٿو پنهي لاءِ موت جا پيغام آڻيندي.

پر هو ڪونه آيا. اسان وحشت جو اهو دور لنگهي آياسين. اسين اڄ انهي وقت جو تصور ڪريون ٿا ۽ پنهنجي جذبن تي حيرت اچي ٿي. انسان جي بناوت ڪهڙي نه عجيب آهي. هو ڪيڏيون نه سختيون به سهي سگهي ٿو!

انهن گهڙين اسان تي پنهنجا گهٽائي آثار ڇڏيا آهن، شايد هو فلم جي هڪ رول وانگيان اسانجي دماغن ۾ لڪا پيا آهن ۽ جيڪڏهن اسين انهن کي ڏسڻ لاءِ زنده رهياسين ته پوءِ حقيقي زندگي جي هڪ ڏينهن اهي نروار ٿيندا. ٿي سگهي ٿو ته اسين انهن کي فقط هڪ وڏي قبرستان جي شڪل ۾ ڏسون، هڪ سر سبز باغ جنهن ۾ هن ناياب ٻج ڇڏيو آهي، ناياب ٻج جنهن جا سلا ضرور نڪرندا.

باب ستون

شخصيتون ۽ ننڍيون شخصيتون-۲.

(پانڪريڪ)

جيل جون ٻه حياتيون آهن.

هڪ ڪال ڪوٺڙي ۾ بند جنهن کي سختي سان سڄي دنيا کان ڌار ڪيو ويو آهي، پر تنهن هوندي به جيتري قدر سياسي قيدي جو تعلق آهي، اها زندگي بلڪل گهاڻن ناتن سان ٻاهرين دنيا سان ڳنڍيل هوندي آهي. ٻي زندگي ڪال ڪوٺڙي کان ٻاهر ڏکڻ ورانڊن منجهه آهي، جيڪا پرواشتيءَ اڏاونڌاهيءَ ۾ آهي. پنهنجي ليکي هڪ ڪائنات، ڊريسن ۾ ۽ اندروني دنيا کان به وڌيڪ عاجزگيءَ واري، ڪيترن ئي ننڍين ۽ مختصر شخصيتن سان ڀريل- هن بابت ئي آئون توهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو.

ان جي قدرتي تاريخ، ۽ پنهنجي خود تاريخ به آهي. جڏهين ائين نه هجي ها ته پوءِ جيڪر آئون ان کي ايترو اونهو نه سمجهي سگهان ها. مون کي فقط ظاهري اثر نظر اچن ها، جن جو رخ اسان ڏانهن هو. فقط سندن ظاهري طرح پختو ۽ پڪو مٿاڇرو، هڪ لوهي بار، جيڪو ڪال ڪوٺڙي ۾ رهندڙن کي دٻائي رکي ٿو.

سال اڳ ۽ اڄ سال اڳ، بہ ائين هو. هاڻي ان سٺاچري ۾ ڌار پئجي ويا آهن جن مان ماڻهو ليئا پائي رهيا آهن ـــ غريب، رحمدل، ڪل جهڙا مهانڊا. گهڻن قسمن جهڙا مهانڊا پر هميشه انسان ذات سان واسطو رکندڙ، حڪومت جو بار هن اڄ اونداهي دنيا جي هر شخص تي دٻاءُ وجهي ٿو ۽ ان مان انسانيت جي هر جذبي کي نچوڙي ٻاهر روشني ۾ آڻي ٿو. جيڪو ڪن ۾ گهٽ ۽ ڪن ۾ ڪجهہ وڌيڪ هوندو آهي، ۽ جيڪو سندن چهرن ۽ شخصيتن کي نمايان ڪندو آهي. توهان کي بلاشڪ اهڙا ماڻهو ملندا جن کي مڪمل انسان سڏجي پر اهڙا ماڻهو پنهنجو پاڻ اڳيان وڌن ٿا. هو ٻئي ڪنهن جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪن، تنهن لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ هو پاڻ بہ تڪليف محسوس ڪندا هجن. جيل خوشين کان خالي ادارو آهي. پر ٻاهرين دنيا بہ تہ، ڪال ڪوٺڙين کان وڌيڪ غمگين آهي. ڪال ڪوٺڙي ۾ دوستي هوندي آهي. نرالي دوستي! اهڙي دوستي جيڪا محاذ تي خطري ۾ ڏکين مدتن ۾ قائم ٿئي ٿي. جت اڄ منهنجي زندگي توهانجي هٿ ۾ ۽ سڀاڻي توهانجي زندگي منهنجي هٿ ۾ آهي. هن حڪومت جي جرمن وارڊنن جي وچ ۾ ڪا گهڻي دوستي ڪونهي. دوستي ٿي بہ نٿي سگهي. سندن چوڌاري جاسوسن جو جاروڇايل آهي، جيڪي هڪ ٻئي تي چغليون هڻن ٿا. هو انهن کان جن کي رسمي طرح اهي ساٿي سڏين ٿا اڪيلي سر پنهنجي

حفاظت ڪرڻ تي مجبور آهن ۽ منجهائن جيڪي چڱا آهن ۽ ڪنهن سچي ساٿي کان سواءِ رهي نٿا سگهن سي اهڙي ساٿي جي تلاش، جيل جي اونداهين ڪوٺين ۾ ڪن ٿا.

ڪيتري عرصي تائين اسانکي سندس نالن جي خبر ڪانه هئي. اهو ضروري به ڪونه هو. اسان پاڻ ۾، ڪين چيڙ وارن نالن سان سڏيندا هئاسين. جيڪي اسان يا اسان کان به اڳ آيل ماڻهن، مقرر ڪيا هئا ۽ اهي جيل جي ڪوٺڙين ۾ هلندا آيا. ڪيترن پهريدارن جا نالا به ايترا آهن جيتريون ڪال ڪوٺڙيون. اهو عام قسم آهي، نڪي چڱو نڪي خراب. هن هڪڙي قيدي جو راشن وڌايو آهي، ته ٻئي پاسي واري کي وري ٽڪڙ هنيا اٿئين. انهن پهريدارن جو تعلق قيدين سان ڪجهه لمحن جو هوندو آهي، پر اهي لمحا اونداهيءَ ڪوٺيءَ تي پنهنجو دائمي اثر ڇڏين ٿا ۽ هڪ طرفو تصور ۽ هڪ طرفو، ڇڙ طور نالو، ان پهريدار لاءِ قائم ڪن ٿا. ڪن حالتن ۾ ڪنهن فرد جي ڇڙ واري نالي بابت اونداهين ڪوٺين ۾ هم خيالي ٿئي ٿي، هي اهڙو ماڻهو هوندو جنهن جي هات چلت مخصوص قسم جي هوندي آهي، چڱي يا خراب.

اچو ته انهن قسمن کي ڏسون! انهن ننڍين شخصيتن جو جائزو وٺون! انهن کي بي پرواهيءَ سان نه ڇونڊيو ويو آهي. اهي نازڪ جي سياسي فوج جو حصو آهن.

چونڊيل ماڻهو، نازي حڪومت جا ٿنڀا ۽ نازي سماج جون ٿوڻيون.

"غريب دوست"

نازي طوفاني فوج جي محفوظ دوستي جو رهيش جيڪو ڪنهن وقت ڪولون ۾ اسڪول جو پڙهندڙ هو، سو هڪ قداور ۽ مضبوط جسم وارو ۽ بلند آواز شخص آهي.

پين جرمن اسڪول پڙهندڙن وانگر هن به ابتدائي طبي امداد جو ڪورس پورو ڪيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جيل جي طبي اداري طرفان به ڪم ڪندو آهي. هن سان هتي ئي ڏيٺ ٿي. هن مونکي گهڻي ڪال ڪوٺڙي ۾ تڏي تي اچي وڌو هو ۽ منهن جي ڦٽن جي مرهم پٽي ڪيائين. شايد هن، واقعي منهنجي زندگي بچائڻ ۾ مدد ڪئي. اهو هڪ انساني فعل هو؟ يا شروعاتي مدد جو هڪ ڪورس؟ مونکي خبر ڪونهي پر منجهس موجود نازيت ان وقت ظاهر ٿي جڏهن هن ڏوئنشن سان نظر بند يهودين جا سمورا ڏند ٽي ڀڳا ۽ جن ڪي سيني بيمارين جي دوا طور تي زبردستي لوڻ يا واريءَ جا ڀڪ ٽي ڪارايا.

"نڪ ڊگهو"

هو بوديجو وچ ۾، ڦيڻ شراب جي ڀٽي ۾ گاڏي هلائيندو هو. ڳالهائيندو بنهه گهٽ هو ۽ سياءَ جو سڌو هو. هو ڪلندي ڪال ڪوٺڙي ۾ گهڙندو هو

۽ قيدين کي مرڪي ساڻي ڏيندو هو. ڪڏهن به ڪنهن کي ڪو ايذاءُ نه پهچائيندو هو. توهان کي شايد يقين نه به اچي ته هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻاهر ويهي ڪل ڪوٺڙي اندر ٿيندڙ گفتگو ٻڌندو هو ته جيئن سڀ ڪجهه وڃي اختياري وارن کي ٻڌائي.

"ڪوڪلر"

هو بوديجو وچ ۾ شراب جي ٻڌي تي ڪم ڪندو هو. سڊيٽنلينڊ مان ڪيترائي جرمن مزدور هت اچي پڳا آهن. ڪارل مارڪس لکيو آهي "اها ڳالهه اهميت واري نه آهي ته هڪ مزدور ذاتي حيثيت ۾ ڇا سوچي ۽ ڪري ٿو. پر مکيه ڳالهه هي آهي ته مزدورن کي هڪ طبقي جي حيثيت ۾ پنهنجي تاريخي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ڇا ڪرڻ گهرجي." هت موجود جرمن مزدورن کي حقيقت ۾ پنهن جي طبقي جي ذميوارين جي ڪابه سڌ نه آهي. انهن کي سندن طبقي کان ڇني ڌار ڪري انجي خلاف ڪڙو ڪيو ويو آهي.

هو نازين سان انڪري مليو ته جيئن آرام سان روزگار ڪمائي سگهي، پر تعلقاو سندس خيال کان وڌيڪ منجهيل نڪتو. ان کان پوءِ سندس منهن تان مرڪ ئي هلي وئي. هڪ جواري وانگيان هن سڀ ڪجهه نازين جي فتح تي لڳائي ڇڏيو. ڪجهه وقت کانپوءِ ڪيس پتو پيو هو ته هو هڪ مئل گهوڙي تي بازي رکي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هاڻ هو ڏوريءَ

گهٽيءَ ڳالهه تان چڙڻ پئي لڳو. رات جو اڪيلو نرم بوڏن ۾ جيل جي وراندڻ ۾ پهرو ڏيندي هو غيرشعوري طرح بتين جي ڍڪن تي چڙهيل مٽي ۾ پنهنجي اونداهن خيالن جا پاڇا چِڏيندو هو: ”هر شي لڙهندي ڪنهن اوڙاهه ۾ پئي وڃي،“ هن شاعرائي انداز ۾ لکيو ۽ خودڪشي بابت سوچڻ لڳو.

ڏينهن جو هي شخص پنهنجي خوف تي ضابطي رکڻ لاءِ قيدين ۽ مقدمن کي ڊوڙائيندو ۽ سندن پڻيان هيانءَ ڏاريندڙ رڙيون ڪندو هو.

”روزار“

ڏکهو ۽ ڏٻرو شخص. هٿ اهڙا ڏورا ماڻهو آهن جيڪي دل کولي کلي سگهن ٿا. هو جاٻلو، نڪ ويجهو ڪُبڙي جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. هو ڪال ڪوٺڙي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو ڳالهيون ڪندو هو.

آئون هن ڏنڌي ۾ ڪيئن آيس؟ ڏهن سالن تائين ڪو مناسب روزگار نه مليم. سڄي ڪٽنب لاءِ هفتي ۾ فقط ٢٠ ڪرائون ـــ سمجهي سگهين ٿو ته وقت ڪيئن گذرندو هو. پوءِ هو اچن ٿا ۽ چون ٿا ته اسين توکي روزگار ڏينداسين. اسان سان هل آئون ساڻن گڏ وڃان ٿو ـــ ۽ هو سونکي ڪم ڏين ٿا. سونکي ۽ پين سيڻي کي. اسان وٽ ڪائڻ لاءِ به آهي ۽ رهائش جي جاءِ به. اسين وقت گذاري سگهون ٿا. سوشلزم؟ نه اهو

برابر سوشلزم نہ آهي. مون خيال ڪيو تہ اهو مختلف هوندو. پر هاڻي اسان اڳ ڪان بهتر حال ۾ آهيون."

ڇا هي جنگ ناهي؟ مون ڪڏهن بہ جنگ جي خواهش نہ ڪئي. آئون نڪو چاهيان تہ پيا ماڻهو مرن. منهن جي خواهش هئي تہ: مان زنده رهان."

"هت مون ڪنهن کي ڇيهو پهچايو آهي ڇا؟ جيڪڏهن آئون ويس تہ منهنجي جاء تي ٻيو ايندو، شايد وڏيڪ خراب. ڇا ائين آئون ڪنهن جي مدد ڪريان؟ جنگ ختم ٿيڻ کان پوء آئون وري ڪارخاني ۾ ڪم ڪندس...."

"تنهن جي خيال ۾ ڪير ڪندو؟" "اسين نہ؟ توهان؟ اسان جو ڇا ٿيندو؟"

"بچاڙي؟ افسوس. مون سمجهيو تہ اها مختلف هوندي." هو وڏيون پرانگهون کڻندو ڪال ڪوٺڙي مان هليو ويو.

اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوء وري موٽيو ۽ پڇيائين تہ سوويت يونين ۾ حالتون ڪيئن آهن.

"بي حس"

هڪ ڏينهن صبح جو اسين پانڪريڪ ۾ هيٺ وڏي ورانڊي ۾ گاڏين جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. اسان کي پيتسچڪ محل ۾ پهچا ڳاڇا لاء وڃڻو هو. اسان کي روزانو انتظار ڪرڻو پوندو هو. قيدي پٺ ڏانهن منهن ڪري بيهندا هئا. اسان جي پٺيان جيڪو

آواز آيو سو مونکي نئون لڳو.

”آئون ڪجهه ڏسڻ نٿو گهران، نه وري ڪا ڳالهه ٻڌڻ گهران ٿو! توهان هينئر پل سونکي نه سڃاڻو؛ پر سگهوئي اوهين مونکي سڃاڻندو.“

مونکان ڪان ڪل نڪري ويئي. هن جي لفظن مونکي ”گڊ سولجر شيوڪ“ ڪتاب جي ڪردار ليفٽيننٽ ڊب جو حوالو ياد ڏياريو، جيڪو ان ماڻهو سان بلڪل ٺهڪي ٿي آيو. اڄ تائين ڪنهن کي به اهڙي همت نه ٿي هئي، جو وڏي آواز ۾ چرچا ڪري پر هڪ تجربيڪار پاڙيسري مونکي اشاري ۾ خبردار ڪيو ته نه ڪلان— شايد منهنجي غلطي هئي ۽ چرچي جهڙي ڳالهه نه هئي. واقعي ائين هو.

جنهن هستي اسان جي پنيان اهي لفظ چيا سو جرمن پوليس جي وردي ۾ هڪ بنهه بندرو ۽ نبل شخص هو جنهن کي ظاهر هو ته اها سڌ ئي ڪين هئي ته شيوڪ ڪير هو. ان ليفٽيننٽ ڊپ وانگيان ڳالهايو چاڪاڻ ته ان سان روحاني هڪ جهڙائي هيس. ان ماڻهو جو نالو وٽان هو ۽ ويتان وانگيان چيڪوسلاويڪي فوج ۾ ڪيتري وقت تائين نان ڪميشنڊ آفيسر ٿي رهيو هو. هو باڪل صحيح هو. اڳتي هلي اسين هن کي باڪل چڱي طرح سڃاڻڻ لڳاسين ۽ اسين فقط بي حس هستي طور سندس ذڪر ڪندا هئاسين. سچ ته هي آهي ته: هن نڪمي، هٺيلي ۽ شيطان جهڙي انسان لاءِ اسين

ڪِ نالوئي نہ ڳولي سگهياسين، چاڪاڻ تہ منجهس ڪيترين ئي خراب ڳالهيون هيون. هو ٻانڪڙيڪ نظام جو هڪ مڪيہ ٿنڀ هو.

انهن ٻناڪين جي باري ۾ ڳڙناٽا اڪثر چوندا آهن تہ: اهي لوهي ڪڙيون آهن، جيڪي توهان ڪي تمام نازڪ هنڌن تي زخم ڪن ٿيون. ڪنهن ماڻهوءَ کي جسماني طرح نندي هڻڻ جي ايذاءُ پهچائڻ لاءِ ڪيتري پستيءَ جي ضرورت آهي؟ وڏان ڪي بہ اهو مرض آهي ۽ هو انجو بدلو هر ان شيءِ ڪان وٺندو آهي جيڪا روحاني ۽ جسماني، طرح ڪانئس اتم هوندي آهي.

هو ماڻهن کي ماريندو نہ آهي چاڪاڻ تہ منجهس ايتري همت ئي نہ آهي پر قيدين جي وانان جيڪي ڪجهہ ٻڌندو آهي سو سڀ وڃي اختياري وارن کي ٻڌائيندو آهي. هو ڪيترين دفعا گهڙيون ڳالهيون بہ وڃي بالا عملدارن کي شڏمڏ سان ٻڌائيندو آهي. هن جي ٻڌائڻ ڪري ڪيترن ماڻهن کي عذاب ڏنا ويا ۽ ڪيترا موت جي ابدي ننڊ پئجي ويا.

هو حد کان وڌيڪ ڪِل جهڙو آهي. جيل جي ورانڊي ۾ هو اڪيلو سينجي هلندو آهي ۽ پنهنجي وڏي اهميت جا خواب ڏسندو آهي. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي سامهون ٿيندو آهي تہ ٻوءِ مٿيري زمين يا ڪنهن شيءِ تي چڙهي بيهڻ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. آڏي،

پڇا وقت ڏاڪڻ جي ڪنيءَ تي چڙهي ويهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته: ڪلاڪ ڏيڍ تائين ان ڏڪيءَ جاءِ تي ويٺو هوندو آهي اهو صرف انهيءَ ڪري ته هو توهان کان مٿي ڏسڻ ۾ اچي. جڏهن هو ڊيوٽي تي هوندو آهي، ته هو ڏاڪڻ تي چڙهي هاندو آهي، يا ٻينچ تي چڙهي هلندو آهي، ۽ پنهنجي عادتي جملن کي ورجائيندو آهي:

"آئون ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو چاهيان. آءٌ ڪجهه به ٻڌڻ نٿو چاهيان. توهان کي سنهنجي خبر نه آهي...."

صبح جو اڌ ڪلاڪ گاهه تي چهلقدمي ڪندو آهي، جيڪا ٻڻ پنهنجو پاڻ کي ماحول کان اوچائي جو احساس ڏياريندي اٿس. هو ڪال ڪوٺڙي ۾ شاهاڻي انداز سان داخل ٿيندو آهي، ڪنهن اهم شخصيت جيان، ۽ يڪدم ڪرسي تي چڙهي بيهندو آهي جيئن مٿاهين جاءِ تان بيهي چڪاس ڪري سگهي.

هو بيحد ڪل جهڙو آهي— آفيس ۾ هر هاڪڙي ماڻهوءَ جيان، جتي ماڻهن جي زندگي موت جا فيصلا ٿيندا هجن— انتهائي خطرناڪ ٻڻ. هن جي نااهلي ۾ به، هڪ قسم جي اميد آهي. هڪ ذري مان پربت ٺاهڻ. هن کي قيدين تي نظر رکڻ کان وڌيڪ، ڪجهه به نٿو اچي، تنهن ڪري جيل جي قاعدن کان ذرو به هٽڻ، هن جي لاءِ تمام وڏي ڳالهه آهي، ايڏي وڏي ڳالهه جيڪا هن جي هڪل ڪرڻ جي اهميت جهڙي

هجي- هو جيل جي قاعدن جي پيچڪڙي ۽ ڏوهن بابت
ڪوڙ گهڙيندو آهي، جيئن رات جو بستري تي ليٽڻ
مهل انهي اطمينان ۽ آرام سان سمهي سگهي ته هو به
ڪا هستي آهي. ۽ هتي جيل ۾ ڪير ڏسو چڪاس
ڪري ته هن جي معلومات ۾ ڪيترو سچ آهي؟

"سيميتونز"

هڪ مضبوط جسم جو ماڻهو، هر قسم جي جذبن
کان خالي. منهن ۾ اکيون چڻ ته: گروسز جي ڏاهيل
نازي فوجي ڪارٽون ۾ زندگي اچي وئي هجي. هو
لٿونيا جي سرحد تي ڏنار هو، پر تمام عجب آهي،
جو انهي خوبصورت ۽ پاڄهاري مال هن ۾ سندن ڪابه
خوبي نه ڇڏي. اختياري وارا هن کي جرمن قوم جي
خوبين جو مجسمو سمجهندا آهن. هو چست، سخت ۽
راشي ڏنڻ کان بالاتر (انهن سان هڪ جيڪي اردلين
کان ڪاڏو نتا وٺن) پر....

ڪنهن جرمن عالم، ياد نٿو پوي ته ڪنهن، ڪنهن
ساه واري جي ذهانت جو اندازو انهن آوازن ۾ اچارن
سان لڳايو تي جيڪي هو اچاري سگهيو تي. آئون
سمجهان ٿو، هن سڀ کان گهٽ عقل رکندڙ گهريلو
ٻلي ئي سمجهي. هيءَ جيڪا صرف ١٢٨ آچار ڪيدي
سگهي تي. سيميتونز جي مقابلي ۾ ڪيڏي نه ذهين
آهي، جو هن کان پانڪريڪ صرف چار اکر پڌا: "پاس بلاس
آئوف، مينسچ!" ("او! هيڏانهن نهار.")

هفتي ۾، ٻه ٽي دفعا ڏيوٽي جي چارج ڇڏيندو هو ۽ ٻئي ڏئي دفعي هر هفتي ۾ هن کي وڏي اذيت مان لنگهڻو پوندو هو— ۽ هن جي هميشه خراب پچاڙي ٿيندي هئي. هڪ دفعي سون جيل جي ڪمانڊر کي، هن کي چڙپيندي ڏٺو، ڇوته دريون ڪاليل ڪونه هيون.

هڪ گهڙي لاءِ جسم نند‍ين ڏنگن تي الڏيو، احمقانه نموني جهڪيل سر اچا ٻه وڏيڪ جهڪيو ۽ وات ڦڙي پڌل اکر هن وري دهرايا. جنهن تي سموري مخلوق يڪ آواز گجي اٿي، ورانڊن ۾ طوفان مچي ويو، ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته ڳالهه ڇا آهي، دريون بند ٿي رهيون، فقط ٻه قيدي، جيڪي سيميتونز کي ويجهو هئا، پنهنجي نڪ مان رت ڳاڙيندا نظر آيا. هن کي رستو ملي ئي ويو.

هر دفعي ائين ٿيندو هو. ساٿين کي ڏک هڻڻ، ٻنن کي ڏسڻ سان ئي ڏک هڻڻ، ڏک هڻڻ ۽ جيڪڏهن ضرورت پوي، ساري ساه ڪڍي ڇڏڻ— اهو رستو ڪيس معلوم هو، فقط اهو رستو. هڪ دفعو قيدين سان پريل هڪ ڪوٺڙي ۾ داخل ٿيو، ۽ هڪ قيدي کي ڏک هنيائين. قيدي، جنهن کي ڏک لڳو سو بيمار هو؛ ڏک لڳڻ سان ئي ڪري پيو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. هن سيني کي آٿ-ويهه ڪرڻي پئي ۽ سيميتونز کي هڪ مشڪل مسئلي جو حل ملي ويو. هنجا هٿ ڇپاهه تي ۽ مرڪ چپن تي هئي جڻ ته هن کو وڏو ڪارنامو سرانجام

ڏنو هجي.

هڪ وحشيءَ کي جيڪي ڪجهہ سيکاريو ويو هو، تنهن مان هن کي فقط اهائي ڳالهہ ياد هئي، ته ڪو ماڻهو ڏک هني ٿو سگهي.

تنهن هوندي بہ انهيءَ جانور جي دل بہ ڪجهہ لٽل هئي، اها مهيني ڀر جي ڳالهہ آهي. ہہ ماڻهو هو ۽ ڪ— جيل جي استقباليہ آفيس ۾ ويٺا هئا ۽ ڪي، حالتن جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هو. هو ڪجهہ وقت ڳالهائيندو رهيو. تمام گهڻي دير تائين ايستائين، جيسين ڪيس سيميتونز ۾، ڳالهہ کي سمجهڻ جو دم ڏسڻ ۾ آيو. هو آٿيو آفيس جو در کوليائين ۽ ٻاهر دالان تائين احتياط سان نظر وڌائين چوطرف ماٺ هئي، رات جو وقت هو ۽ جيل سنسان هو. هن در بند ڪيو، پنهنجي پنيان خبرداريءَ سان در کي ڪلف لڳايائين ۽ آهستڙي ڪرسيءَ تي ڊهي پيو.

”تون ائين ٿو سمجهين........؟“

هن پنهنجي مٺي کي پنهنجن ڏندن جي ترين جو آذار ڏنو. طاقتور بدن جي ننڍڙي ڪمزور روح کي هڪ پيڙائتي بار لوڏي ڇڏيو. ڪجهہ وقت تائين هو اهڙي حالت ۾ پيو هو، ان کان پوءِ هن پنهنجو ڪنڌ مٺي ڪيو ۽ نااميدي سان چيائين:

”ون صحيح آهين. اسان هاڻي ڪٿي ڪني سگهون...“

انهيءَ ڳالهہ کي هڪ مهينو ٿيو آهي، جڏهن

پانڪريڪ، سيميتونز جو آخري جنگي نعرو پڌو هو ۽ ۽ نون قيدين کي اچا سندس هٿ نہ لڳا هئا.

جيل جو سپرانٽنڊنٽ

هڪ ننڍڙو ماڻهو- سدائين نهيل ٺڪيل- شهري ڪپڙن يا جرمن فوجي لباس ۾ سکيو ستابو- پنهنجو پاڻ مان خوش- ڪتن جو، شڪار جو ۽ عورتن جو شوقين، اهو ڪنهن ماڻهوءَ جو هڪڙو رخ آهي، جنهن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي.

ٻيو رخ- اهو آهي تہ پانڪريڪ ڪيس ڪهڙي رنگ ۾ سچ ٿي ڏنو. هڪ ڪهرو، جٽ، اڻ پڙهيل، هڪ پوءِ-ڍاپيل نازيءَ جو نمونو. پاڻ کي قائم رکڻ لاءِ هر ڪنهن کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار. جيڪڏهن ناڻن مان ڪو ڦل ماندو هجي تہ- سو پيا سندس نالو آهي- ۽ هو پولنڊ مان آيل آهي. ائين چيو اٿن تہ هن لوهارڪي ڪم سکيو هو، پر انهيءَ آبروءَ جهڙي ڏنڌي ته متس ڪو اثر نہ ڇڏيو. گهڻو عرصو ٿيو آهي جڏهين کان هو هٿار جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ پاڻ کي اڳتي ڏکڻ جي وسيلي اهو موجوده مرتبو حاصل ڪيو اٿس.

آفيسر هجڻ يا قيدي، پار هجن يا ٻلا، پر هو سڀني لاءِ بي رحم ۽ بي حس آهي، اهڙي طرح ئي هو پنهنجي عهدي جو بچاءُ ڪري. پانڪريڪ جيل جي، نازي ملازمن جي وچ ۾ ڪابہ دوستي ناهي- پر سوپا وانگر

ڪو به اڏڙو نه ليندو، جنهن ۾ دوستيءَ جو اصل ڪو اڏيائڻ به نه هجي. سڄي جيل ۾ فقط هڪ انسان اهڙو آهي جنهن ڪان شايد هو متاثر آهي ۽ جنهن سان هو اڪثر سڻي نموني ڳالهائيندو آهي، اهو آهي جيل جو ميڊيڪل اردلي، پولينري ميئسٽر ويئسنر. پر ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته اها ڳالهه به هڪ طرفي ناهي.

هو فقط پنهنجو پاڻ کي سچائي ڏوه هن اهو اسيراڻو مرتبو پنهنجي لاءِ ئي حاصل ڪيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ ئي هو انهيءَ حڪومت سان آخري گهڙيءَ تائين وفادار رهندو، شايد هو اڪيلو انسان آهي جنهن کي پنهنجي بچاءُ جو پيو ڪوبه رستو نٿو سجهي. ڪيس خبر آهي ته پيو ڪوبه رستو ڪونهي.

نازيت جي شڪست، خود سندس شڪست آهي، سندس سکي ستابي زندگيءَ جي پڄاڻي آهي، سندس شاندار بنگلي جي پڄاڻي آهي، سندس خوش‌لباسيءَ جو خاتمو آهي (جنهن کي ڦاسي تي چڙهيل چيڪ باشندن جا ڪپڙا استعمال ڪرڻ ۾ به ڪو شرم نه ٿيندو هو).

اها پڄاڙي آهي— هائو.

”جيل جو ميڊيڪل اردلي“

پولينري مئسٽر ويئسنر پانڪريڪ ماحول جي هڪ جهڙني شخصيت آهي. بعضي ائين محسوس ٿيندو آهي ته هو هتان جي شخصيت آهي ۽ بعضي ائين لڳندو ته هن ڪانسوام پانڪريڪ جو تصور ئي نٿو ڪري

سڳهجي. جيڪڏهن هو مريضن جي ڪمرن ۾ نہ هوندو تہ وراندن ۾ ننڍا، لوڏ وارا قدم کڻندو پنهنجي منهن ڳالهائيندو ۽ سمورو وقت چؤ-گهرجا طرف ڏيان ڏيندي، ويندي نظر ايندو. ائين لڳندو ڄڻ هو ڪو ٻاهريون ماڻهو آهي جو ڪنهن مختصر عرصي لاءِ آيو هجي ۽ ٻاڻ سان ڳنڍي ڪان گهڻا تاثر کڻي وڃڻ جو گهرجاؤ آهي. هو دروازي ۾ چابي وجهڻ ۽ قيدين جي ڪوٺين کي ترت ۽ خاموشي سان کولڻ ۾ اهڙوئي تيز آهي جهڙو ڪو هوشيار جيلر ٿئي، تي سگهي ٿو، هن ۾ رکيءَ خوش-طبعي جي هڪ عادت آهن جنهن ۾ هو ڪي ڳالهيون لڪل معنيٰ واريون پر سا ڳئي وقت بنا ڪنهن زور جي چئي ويندو آهي. هو ٻاڻ، ماڻهن جي ويجهو پوڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر ٻاڻ ماڻهن کي ويجهو پوڻ نہ ڏيندو آهي. هو گهٽوئي ڪجهہ ڏسڻ جي باوجود ڪنهن جي چغلي ڪونہ هڻندو آهي. قيدين جي ڪنهن ڪوٺي ۾ گهڙندو جا دونهي سان ڀريل هوندي، ڪانٺس چڪڻ نڪري ويندين، منهن چپ اگهندي، منهن تي ناراضگي جو اظهار ڪندي، هو چوندو "ڪوٺين ۾ تماڪ پيڻ" ۽ وري ٻيءَ قسط ۾ پنهنجا چپ اگهندي چوندو: "سخت منع آهي." پر ڪڏهن بہ اسان تي چغلي نہ هڻندو آهي.

هن جو منهن، دائمي طرح گهنج پيل ۽ ڏڪارو لڳندو آهي، ڄڻ هن کي ڪنهن وڏي پريشانيءَ سبب

تڪليف پهچي رهي آهي. ظاهر آهي ته هو نٿو چاهي ته جنهن حڪومت جو ملازم آهي تنهن سان ڳنڍيل هجي ۽ ان جي ظلم هيٺ آيلن جو علاج ڪندو رهي هن کي هن نظام ۾ ڪا ويساهه ڪونهي، هن کي هن جي بقا ۾ به يقين ڪونهي، ۽ نه ڪڏهن ماضي ۾ هن کي ڪو اهڙو يقين رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪٽنب کي وراثي‌سلا ڪان پراڳ نه آندو آهي. جيتوڻيڪ، ڪي ٿورا اهڙا نازي ڪامورا آهن جن مقبوضه علائقي جي زمين جي لالچ ۾ اهڙو موقعو هٿان وڃايو آهي. ساڳئي وقت هن ماڻهوءَ ۾ اها صلاحيت به ڪونهي، جو هو انهن سان شامل ٿئي، جيڪي هن نظام خلاف لڙي رهيا آهن. هن پاڻ کي عوام سان به نه ملايو آهي.

هو تمام محنت ۽ ديانتداريءَ سان منهنجي سنڀال پيو ڪري. اڪثر ماڻهن جي حالتن ۾ هو ائين ڪندو آهي. ڪڏهن، جڏهن کيس معلوم ٿيندو آهي ته ڪنهن قيدي کي سخت عذاب ڏنا ويا آهن، تڏهن هو ان کي پيهر بچائي لاءِ موڪلڻ ڪان صفا انڪار ڪري ويهندو آهي. شايد اڃا سندس ضمير ۾ ڪو احساس باقي آهي. ڪن پين وقتن تي جڏهن سندس مدد جي سخت ضرورت هوندي آهي، هو ڪابه مدد نه ڪندوآهي. شايد اهو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن کيس حڪومت جو ڊپ لڳندو آهي.

هي هڪ اهڙي شخصيت آهي جيڪا حڪمرانن

جي خوف ۽ جيڪي اڇڻ وارو آهي ان جي خوف ۾ اڪيلو ييمو آهي. هو ان صورتحال ۾ ڪو رستو ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر ڪيس ڪو رستو ڪونہ ٿو ملي— هو هڪ نليڙي ڪوئي وانگيان آهي جيڪو، ڪيري ۾ ڦاسي پوي ۽ ڪوبہ رستو ڪيس نہ ملي.

"فلنڪ"

هو فقط نليڙي شخصيت ڪانهي پر اچا مڪمل شخصيت بہ ڪونہ بنيو آهي. پنهي جي وچ ۾ هڪ عبوري حالت ۾ آهي، هن ۾ اهو واضع شعور ڪونهي جيڪو ڪيس شخصيت بنائي سگهي.

در اصل هن قسم جا بہ ماڻهو آهن، سادا، حساس، شروع ۾ بلڪل خاموش ۽ جن عذابن ۾ اچي ڦاٿا آهن تن ۾ حيران بعد ۾ هن سڄي جنجال مان نڪرڻ لاء آتا آهن، پين تي مدار رکندڙ، ان ڪري پنهنجي جا ڳولائو، ان جامتلاشي. پر عام ڪانسواء پنهنجي حس جي بنياد تي صحيح جاء تي پهچي ويندڙ. هو توهان جي ان لاء مدد ٿا ڪن جو توهان ڪان مدد جي اميد ٿا رکن. انهن ڪي مدد ڪرڻ جائز آهي. اڄ بہ ۽ آئنده پڻ.

اهي بہ ماڻهو جيڪي پانڪريڪ جي سمورن جرمن ڪامورن ۾ يڪتا آهن سي بہ محاذ تي هئا.

اناور جيڪو زوجمو جي هڪ درزي جو مدد گار هو مشرقي محاذ تي ڪجهہ وقت رهڻ ڪان پوء پاڻهي

پاڻ کي پاري لڳڻ جا زخم ڏئي واپس موٽيو هو. هو "شيوڪ" جي ڪردار جيان فلسفانہ انداز ۾ چوندو هو تہ:

"جنگ ماڻهو جو ڪم نہ آهي. منهنجي ان ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانهي."

هوفر هڪ خوش مزاج موچي هو جيڪو باٽا جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. هو فرانس واري چڙهائي وقت فوج ۾ هو. جتان ترقي جي وعدي جي باوجود ڀڄي نڪتو هو. اڪثر تقريبا هرروز بنهنجين نئين پريشانين جي اثر هيٺ جيڪي ڪيس ڪافي هيون، هو هڪڙن سان اظهار نفرت جا اشارا ڪندي، اچاريندو هو "ايخ‌ا۔مخيز" ("جهنم ۾ پوي.")

پئي هڪ ٻئي قسم جا آهن، قسمت توڙي ڪردار جي خيال کان. پر هوفر وڏيڪ ڪليل ۽ وڏيڪ مڪمل آهي. ان ڪري سيني ڪوٺين وارا ڪيس "فانڪ" جي نالي ڏيڻ تي متفق آهن.

هن جي ڊيوٽي وارو ڏينهن قيدخاني جي ڪوٺين ۾ سڪون جو ڏينهن هوندو آهي. توهان ڪي جيڪي وٺي سو ڪريو. جيڪڏهن هو ڪاوڙ ڪري تہ ساڳئي وقت اڪ ڀڃي اهو ظاهر ڪندو آهي تہ اوهان تي ڪاوڙ ڪانهيس. هي سڀ ان لاءِ ڪيو پيو وڃي تہ مٿيان آفيسر سمجهن هو ڪافي ڦڙت آهي. مگر سندس اها ڪوشش ڪوبہ نتيجو پيدا نٿي ڪري، ڪنهن کي

۾ سندس ڦڙتائي جو يقين نٿو ٿئي. ڪوبہ دفعو اهڙو ڪونہ ٿيو وجي جڏهن ڪيس سزا طور وڌيڪ ڊيوٽي نہ ڏيڻي پوي.

”ايخ اسخيز“ جئي هٿن سان نفرت جو اظهار ڪندي هو هميشه وانگر ڊيوٽي ڏيندو رهي ٿو. اڄ بہ هو جيل جي پهريدار ڪان وڌيڪ هڪ خوش مزاج نوجوان موچي ٿو لڳي. ڪنهن مهل توهان ڏسندؤ تہ ڪنهن ڪوٺي ۾ هو پوري توجهہ سان سڪن جي راند جو مزو وٺي رهيو آهي، ٻي وقت ڏسبو تہ هو سڀني قيدين کي ڪوٺي ڪان ٻاهر ورانڊي ۾ ڪڍي ”چڪاس“ پيو ڪري، اها ”چڪاس“ ڪافي ڊگهي ٿيندي آهي. بعضي توهان ڏسندو تہ ڪوٺي ۾ هو پنهنجو مٿو موڻن ۾ وجهي ٽيبل تي ڊريو پيو هوندو. خوب ننڊ ڪندو آهي ۽ تمام اطمينان ۽ مزي سان. هتي پنهنجي ٻالا عملدارن ڪان، ڪيس بچاءُ آهي ڇو تہ ڪنهن بہ مهل ڪنهن عملدار جي اچڻ تي ورانڊي ۾ بيٺل قيدي ڪيس خطري ڪان آگاہ ڪندا آهن. هو ڊيوٽي جي دوران ئي سمهڻ جو وقت ڪڍي سگهيٿو. ڇو جو ڊيوٽي ڪان ٻاهر سندس دماغ سمورو وقت ڇوڪرين جو سوچيندو آهي جيڪي ڪيس دنيا جي هر شيءِ ڪان وڌيڪ پسند آهن.

نازين جي شڪست يا سوڀ؟— ”ايخ اسخيز“ اهو تماشو آخر ڪيترو وقت هلندو.

هو پاڻ کي ان ۾ شمار نٿو ڪري، فقط ان جي ڪري به هو دلچسپ آهي. پران ڪان به وڌيڪ ته، هو نازين ۾ شمار ٿيڻ به نٿو چاهي ۽ انهن مان نه آهي. توهان کي جيل جي ڪنهن به حصي ۾ ڪنهن قيدي ڏي ڪو پيغام موڪلڻو آهي؟ فلنڪ اهو پهچائي ڏيندو. توهان کي جيل کان ٻاهر ڪو پيغام موڪلڻو آهي، ته اهو به فلنڪ پهچائي ڏيندو. توهان کي ڪنهن قيدي سان ملڻ ڪيس سمجهائي، ڪن ماڻهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي؟ فلنڪ توهان کي ان قيدي وٽ وٺي ويندو پاڻ ٻاهر ويهي پهرو ڏيندو ۽ پنهنجي ڪاميابي تي خوشي محسوس ڪري رهيو هوندو. اڪثر توهان کي خود ڪيئن محتاط رهڻ جي هدايت ڪرڻي پوندي. هن کي خطري ۾ هئڻ جو احساس گهٽ ڪونهي. هن کي ان جو چڱي طرح احساس ڪونهي ته هو ڪيڏو نه چڱو ڪم ڪري رهيو آهي. ان ڪري ئي هو آساني سان ائين ڪندو رهي ٿو. پر اها ڪمي سندس ترقي ۾ رڪاوٽ آهي.

هو اڃا شخصيت نه آهي پر شخصيت بنجڻ جي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

”ڪولن“

مارشل لا جي زماني جي هڪ شام نازي طوفاني فوج جي ڊريس ۾، هڪ پهريدار مونکي پنهنجي ڪوٺي ڏانهن وٺي آيو. ان سنهن جي ڪيسن جي فقط مٿاچري

تلاشي ورتي. ”تون ڇا ۾ ڦاٿو آهين؟“ هن سون کان پڇيو.

”توکي ان ڪري خوف ٿيو؟“

”جيڪي ٿيڻو آهي سو ٿيندو.“

هڪ گهڙي جي لاءِ هن سنهنجي ڪوٽ جي ڪالرن تي ميڪانيڪي نموني پنهنجيون آ ُريون ڦيرايون.

”شايد هو ائين ڪن. ٿي سگهي ٿو ته سڀاڻي نه، هڪ هفتي کان پوءِ، پر شايد بلڪل نه. پر هن زماني ۾ هر ڳالهه لاءِ تيار رهڻ بهتر آهي.“

هيڪر وري خاموش ٿي ويو.

”پر ٿي سگهي ٿو...، ڇا تون ڪنهن کي پيغام موڪليندين؟ يا، ڪجهه لکڻ چاهيندين. اڄ جي لاءِ نه، تون سمجهين ٿو آئينده جي لاءِ، تون هتي ڪيئن آئين، ڪنهن توکي دوکو ڏنو، ساڻهن ڪهڙي روش ورتي. ته جيئن جيڪا توکي معلومات آهي سا توسان گڏ ختم نه ٿي وڃي....“

آئون ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو؟ ائين پئي لڳو ڄڻ هن سنهنجي دلي تمنائن کي پروڙي ورتو آهي.

هڪ لحظي کان پوءِ هو پينسل ۽ ڪاغذ کڻي آيو. سون انهن کي احتياط سان پاسيرو ڪري رکيو ته جيئن چڪاس جي موقعي تي نڪري نه پون.

سون انهن کي هٿ ئي نه لاتو.

اها ايڏي خوشي جي ڳالهه هئي——جا اعتبار ۾

نہ پئي آئي. بي‌انتها خوشي جي ڳالهہ هئي، هن اونداهي
جاءِ ۾ گرفتاري کان ڪجهہ هفتا پوءِ، انهن جي ڏريس
۾ جن کي گاريون ڏيڻ ۽ ٺڪڻ هٽڻ کان سواءِ ڪجهہ
اچي ئي ڪونہ— توهان کي هڪ انسان ماي ٿو وجي،
هڪ دوست جيڪو توهان کي اهڙي خاطري کان، جنهن
۾ پنيان ڪوبہ نشان نہ رهي، بچائڻ لاءِ هٿ ٿو وڌائي.
هو توهان کي پنهنجي پوين سان ڳالهائڻ ۽ هنن لاءِ
بہ لفظ چوڻ جو موقعو ٿو ڏئي، جيڪي توهان کان
پوءِ بہ زندهہ هوندا، ۽ هن وقت، اهڙي وقت جڏهن
وراڻدي ۾ انساني خون جا پياسا، انهن جا نالا پڪاري
رهيا آهن، جن کي گولين سان اڏايو ويندو. اهڙي وقت
۾، جن ۾ رئڻ يا رڙين ڪرڻ جي طاقت ڪانهي، تن
کي بہ موت جو ڌهڪاءُ ڪنبائي رهيو آهي— اهڙي
وقت ۾ ههڙي خوشي جي ڳالهہ. ناممڪن. اعتبار ئي
نٿو اچي. ائين ٿي نٿو سگهي. شايد هي ڪو چار آهي.
جيڪو سائهو، ههڙين حالتن ۾ توهان ڏانهن پنهنجو هٿ
ٿو وڌائي، تنهن ۾ ڪيڏي نہ طاقت ۽ ڪيڏي نہ
همت آهي.

سهنو کن گذري ويو. مارشل‌لا لهي ويو. گارين ۽
رڙين جو وقت ۽ بي رحم ساعتون گذري ويون هيون.
وري هڪ شام هئي، ۽ آئون اچا هاٿي پچاٽي تان موٽيو
هوس. هيڪر وري ساڳيو واردن ڪوٺي پاهران
بيٺل ڏٺم.

”ڏسجي ٿو تہ تون ٻچي وئين.“ ۽ اباڻيڪين نگاهن سان هن مون ڏي ڏٺو، ”سڀ خير تہ ويو؟“.

مون هنجو سوال چڱي طرح سمجهيو. منهنجي دل تي هنجي جذبات جو گهرو اثر ٿيو. ساڳئي وقت، اِن ڳالهہ مونکي، هنجي ايمانداري ۽ نيڪ نيتي جو يقين ڏياريو. اهڙو سوال فقط اهو ماڻهو پڇي سگهيو ٿي، جنهن جي اندر هو ان کي جائز سمجهندو هجي ان وقت کان منهنجو هن ۾ اعتماد ٿي ويو. هو اسان جو ماڻهو هو.

ظاهري طرح هو هڪ پراسرار شخصيت لڳندو هو. وراڻدي ۾ خاموش قدم کڻندو هو پنهنجو پاڻ ۾ محو، پر ساڳئي وقت چوڪس ۽ خبردار معلوم ٿيندو هو. هن ڪڏهن بہ نڪي ڪنهن کي گاريون ڏنيون ۽ نہ ئي هو ڪڏهن ڪنهن کي ماريندي ڏٺو ويو.

هڪ دفعي هن منهنجي پرواريءَ ڪوٺيءَ جي ساٿين کي چيو تہ ”ڪنهن مهل جڏهن سيميتونز ڏسندو هجي تہ، تون پل اسان کي ڪجهہ ڏک هڻ، تہ جيئن هو توکي گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو تہ ڪو عمل ڪندو ڏسي.“

هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو.

”ان جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.“

هو ڪڏهن بہ چيڪ کان سواءِ ڪنهن بہ ٻولي ۾ نہ ڳالهائيندو هو. سندس هر ڳالهہ مان ظاهر هو تہ هو ٻين کان مختلف آهي پر اهو چوڻ مشڪل هو تہ هو ائين ڇو آهي. هو بہ ائين سمجهندا هئا پر ڪين فرق

جو احساس ڪونہ ٿيندو هو.

هو هر ضرورت وقت موجود آهي. مونجهاري ۽ پريشاني ۾ هو سڪون پيدا ٿو ڪري. جتي ڊپ ڪان ڪنڌ جهڪيل آهن اتي حوصلو ٿو ڏئي. جتي نااتفاقي ٻاهرين دنيا جي ماڻهن لاءِ خطري جو سبب بنجي سگهي ٿي، اتي هو اتفاق پيدا ٿو ڪري. هو نهايت ترتيب سان ننڍڙين شين ڪان ٻاسو ڪندي، نهايت وڏي پيماني تي ڪم ڪري رهيو آهي.

رگبو اج ڪلهہ نہ، پر شروعات ڪان ئي، انهي مقصد خاطر، هن نازين جي نوڪري اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

ائڊولف پولينسڪي موراويا جي هڪ جهوني خاندان جو فرد، پر هن پاڻ کي جرمن سڏائي، نازين جي نوڪري ورتي آهي، تہ جيئن چيڪ قيدين تي پهريداري ڪري. اول هراڊڪ ڪرالووي ۽ هاڻي پانڪريڪ ۾. سندس هن قدم، شايد ڪيس لاءِ سچائيندڙن ۾ تلخي پيدا ڪئي هجي. هڪڙي ڏينهن چئن سالن جي نوڪري ڪان پوءِ، جيل جو جرمن سپرنڊنٽ هن کي گهرائي، هن جي منهن ۾ مڪون آلاري ڪيس ڌڙڪا ٿو ڏئي.

”آئون تو مان اهي چيڪ جذبا ڪيڍي ٻاهر ڪندس.“

پر شايد هو غلطي تي آهي رگبو چيڪ جذبا نہ، پر انساني جذبا بہ ڪيڍيا پوندا، جنجي اثر هيٺ هو هن

جاءِ تي آيو هو ۽ لڙي رهيو هو ۽ لڙائي ۾ مدد ڪري رهيو هو. جنهن ڪي لاڳيتن خطرن پاڻ وڏيڪ سخت ڪري ڇڏيو هو.

"اسانجا"

جيڪڏهن ۱۱ فيبروري ۱۹۴۳ جي صبح جو نيرن جي مهل خبر نہ آهي ڪنهڙي شين جي بدران صاف سٿري، ڪافي ماني هئي، تہ اسانکي ان معجزي تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيڻ گهرجندو هو. ڇو تہ اڄ صبح جو سون پنهنجي ڪوٺي جي در ڪان ورانڊي ۾، چيڪ پوليس وارن جي ڊريس ۾ ماڻهو ڏٺا هئا.

فقط هنن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي هئي. ڪاري پتلون، لانگ بوٽ ۽ نيري رنگ جي قميص ۽ هٿ دروازي جي تالي تائين آيو، دروازو کليو ۽ نظارو ختم ٿي ويو. اها جهلڪ ايتري تہ مختصر هئي جو ۱۵ منٽ پوءِ، اسين سمورا، ان تي اعتبار ئي نہ ڪري پيا سگهون.

پانڪريڪ ۾ چيڪ پوليس وارا ڪيڏا نہ مطلب ۽ نتيجا، ان هڪ نتيجي مان ڪڍي سگهون ٿا.

ٻن ڪلاڪن جي عرصي ۾ اسين ڪافي نتيجن تي پهچي چڪا هئاسين. هيڪر وري ڪوٺي جو دروازو کليو، چيڪ پوليس ٽوپي ۾ ڪنهن ڪشادي مرڪ سان، اسان جي حيراني ڏانهن نهاريو ۽ اعلان ڪيائين "فريستوندي". هاڻي اسانکي ڪا غلط فهمي نہ هئي چيڪ پوليس وارا نازي طوفاني فوج جافو جي جيل پهريدارن

جي لباس ۾ گشت ڪري رهيا هئا.

هن تبديلي جي اسان لاءِ ڪهڙي اهميت آهي؟ هي ڪهڙي نموني جا هوندا؟ ڪيئن به هجن پر فقط هنن جي موجودگي واري حقيقت ڪجهه صاف قسم جو اظهاري پئي ڪري. اهو سڀ ڏيکاري ٿو ته هي نظام ڪيئن پنهنجي تباهي ڏانهن تيزي سان لڙهي رهيو آهي. خود اهڙي هنڌ تي جو هنڌ، نهايت نازڪ سمجهن ڪپي، اتي به هو ان فوج جا ماڻهو رکڻ تي مجبور آهن، جنهن قوم کي پنهنجي ظلم جو شڪار بنائي رهيا آهن! هنن وٽ انساني قوت جي کيڏي نه گهٽتائي ٿي ويئي آهي. پنهجي پڇاڙيءَ کي ٽورو ڏارڻ جي لاءِ آخري ماڻهو به استعمال ڪرڻ ٿا چاهين. هن ڪانپوءِ اڃا گهڻو وقت ڪين، زنده رهڻ جي اميد آهي؟

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ته هي چيڪ پوليس وارا نازين جا چونڊيل هوندا. شايد هو جرمن پهريدارن کان به بدتر ثابت ٿين. هنن کي پنهنجي قوم جي سوپ ۾ ڪابه آس ڪانهي. پر هنن جي هتي موجودگي ڪنهن حقيقت جا آثار آهن.

ان وقت اسانجا خيال ڊوڙندا رهيا.

پر دراصل جيڪي اسان سوچي سگهياسين ٿي، ان کان به ڪجهه وڌيڪ هو. نازي هينئر ماڻهن کي چونڊڻ لائق به نه رهيا هئا.

١١ فيبروري تي پهريون دفعو اسان چيڪ ڊريسون

ڏٺيون هيون.

پئي ڏينهن اسين هنن کي ماڻهن طور سڃاڻڻ لڳاسين. هو آيو، ڪٺوي تي هڪ نظر وڌائين، ڪنهن گهٻراهٽ ۾ دروازي وٽ پنهنجا پير چنهڊيائين ۽ پوءِ هڪ اهڙي نوجوان وانگر جنهن کي ڪا اوچتي جذباتي قوت نپا ڏياري، ان وانگر اوچي همت سان هن چيو:

”ڏيو خبر دوستو: زندگي ڪيئن آهي؟“

اسان جواب ۾ مرڪياسين، ته هو به اسان ڏي ڏسي مرڪيو ۽ پوءِ جڻ ڪنهن شرم جي احساس هيٺ چوڻ لڳو:

”اسان بابت ڪو، خراب خيال نه ڪجو. يقين رکو ته اسين توهان تي پهري ڏيڻ ڪان ءوند، گهٽين ۾ ڏڪا ڪائڻ وڏيڪ پسند ڪريون. پر هنن اسانکي زوري دستي پهچايو آهي: ۽ شايد........ شايد هن مان چڱو نتيجو نڪري.“

اسان جڏهن ڪيس پڌايو ته ڪين ڏسي اسان جي دل ۾ ڪهڙا خيال پيدا ٿيا هئا، تڏهن ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي. ان طرح، پهرين ملاقات ۾ اسين دوست ٿي ويٺين. هن جو نالو ويتڪ هو. هڪ سادو سودو نيڪ دل هي اهو ماڻهو، هو جنهن فيبروري جي صبح جو اسان جي ڪوٺيءَ جو در کوليو هو.

۽ پيو هو توما، هڪ جهوني چيڪ جيلر جو هوبهو نمونو— رکو واڪا ڪنڌ، پر بنيادي طرح سٺو— اهڙي

قسم جي ماڻھن مان، جن کي اسان جنگ کان اڳ واري حڪومت جي جيلن ۾ جھونو ڪري سڏيندا ھئاسين. پنھنجي مرتبي جي باري ۾ ڪيس ڪنھن به نراليءَ ڳالھه جو احساس نه ھو. انھي جي باوجود ھن کي پنھنجي، ان عھدي ۾ ڪا اجنبيت ڪانه لڳندي ھئي. ھو پنھنجي ’رڪين حرڪتن سان‘ اڌڙو ئي انتظام رکندو ھو، جھڙيون پاڻ خود ھن جون پيچڪڙيون ڪندو ھو، ڪنھن مھل جيل جي ڪوٺي ۾ ماني جو ٽڪر اڪائي کڻي ايندو ھو، ڪنھن مھل ڪنھن کي سگريٽ پيو ڏيندو ھو، ته ڪنھن مھل ڪنھن موضوع تي (سواءِ سياست جي) بحث مباحثي ۾ رڌل نظر ايندو ھو. ھو اھي سڀ ڳالھيون بالڪل معمولي نموني ۾ ڪندو رھندو ھو. گويا انھن ڪرڻ جيل جي پھريدار لاءِ ھڪ دستوري ڳالھه ھئي. جڏھن ڪيس پنھنجي ڪن ڪوتاھين جي لاءِ، مٿن عملدارن چڙھون ڏنيون، تڏھن ھو ڪجھه وقت احتياط ڪرڻ لڳو، پر سنجھس ڪوبه خاص ڦيرو ڪونه آيو. ھو اھو ساڳيو ئي پراڻو ياروبس ماڻھو رھيو. ھن کان ڪنھن وڏي گھر ڪرڻ جي اميد ڪانه ھئي، پر تنھن ھوندي به جڏھن سندس، ڊيوٽي ايندي ھئي، تڏھن بي فڪريءَ سان ساھه کڻندا ھئاسين.

ٽيون گھنجيل منھن سان، ھوشياريءَ سان، ھيڏانھن ھوڏانھن نظر ڦيرائڻ کان سواءِ، ڪوٺين جي ٻاھران گھمندو رھندو ھو. اسان پنھنجي طرفان، ھن سان تعلق

پيدا ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، تن مان
ڪو ڪنڌ تيل ڪونه نڪتو.

هفتي جي نظرداريءَ کان پوءِ، هڪ ڏينهن بابا چوڻ
لڳو، ”ان جي معاملي ۾ اسان کي ڪابه ڪاميابي نه
ٿي. هي سيٺي ۾ ناڪام شخص آهي.“

”شايد سيٺي ۾ وڌيڪ هوشيار،“ مون وراڻيو. شايد
محض مخالفت ڪرڻ جي خيال کان، ڇو ته معمولي
ڳالهين تي به خيال ظاهر ڪرڻ جيل جي زندگيءَ جو
حصو ٿي چڪو آهي.

١٥ ڏينهن کان پوءِ مون کي ائين لڳو ته ڄڻ هن
شخص ڪجهه خوش مزاجيءَ واري انداز ۾ مون کي اکِ
هڻي آهي. مون به ساڳئي قسم جي معمولي حرڪت
۾ کيس جواب ڏنو. جيل ۾ هن ڳالهه جون، هزار
معنائون ٿي سگهن ٿيون، پر هن ۾ مون کي ڪوبه
تاثر نظر نه آيو. شايد مون غلطي ڪئي هئي.

مهيني کان پوءِ سڀ ڪجهه ظاهر ٿي پيو. اهو
واقعو اوچتو ٿيو جيئن پوپٽ خول مان نڪري اڏامڻ
لڳي ٿو. اوچتو خول ڦاٽي ٿو ۽ ان مان هڪ زنده
شئي نڪري نروار ٿئي ٿي. پر هن خول مان نڪتل
شئي پوپٽ نه پر هڪ انسان هو.

اهڙن ئي شخصيتن جي باري ۾ بابا اڪثر چوندو
هو ته ”تون نڌڙا يادگار ٿاهي رهيو آهين.“

هائو، آءٌ چاهيان ٿو ته انهن ساٿين کي ڪڏهن به

وساريو ن وجي، جيڪي وفاداريءَ ۽ دليريءَ سان ٻاهر ۽ هتي وڙهيا ۽ پاڻ قربان ڪري ڇڏيائون، پر سا ڳئي وقت آئون اهو به چاهيان ٿو ته انهن زنده شخصن کي به نه وساريو وڃي، جن نهايت ذڪين وقن تي وفاداري ۽ دليري سان اسان جي مدد ڪئي. آءٌ چاهيان ٿو ته پولينسڪي ۽ هن جيڪ پوليس واري کي پانڪريڪ جيل جي ورانڊن واريءَ اونداهيءَ مان ڪڍي زندگيءَ جي روشنيءَ ۾ آڻيان. هنن جي واکاڻ لاءِ نه پر ٻين اڳيان مثال پيش ڪرڻ لاءِ، ڇو ته انساني ذميداريون هن جدوجهد سان ختم نٿيون ٿين. جيستائين سڀ ماڻهو صحيح انسان بنجي سگهن ان وقت تائين انسان بنجڻ جي لاءِ سيني ۾ هڪ سورمي جي دل رکڻ ضروري آهي.

بنيادي طرح هي پوليس جي هڪ سپاهي ياروسلاوهورا جي مختصر ڪهاڻي آهي پر ان ۾ توهان کي هڪ انسان جي مڪمل تاريخ لڀندي.

رادنيڪا: دنيا جي هڪ پراهين ڪنڊ، خوبصورت ڀهراڙي، رومانوي ۽ غريب. پٽس شيشي جو ڪاريگر. سخت زندگي. ڪم جي وقت موتمار پورهيا ۽ بيڪاريءَ ۾ بکون ۽ ڏجهاءُ جيڪي هتي هميشه موجود رهن ٿا. اهي حالتون يا ته ماڻهوءَ کي گوڏن ڀر ڪيرائي ڇڏين، يا سندس دل ۾ بهتر دنيا جا خواب جاڳائي، انهن ۾ ويساه پيدا ڪري ۽ اوچي ڳات لاءِ جدوجهد

ڪرڻ جو عزم پيدا ٿيون ڪن. سندس ٻئي پوئيون رستو پاڻ لاءِ پسند ڪيو هو. هو ڪميونسٽ ٿي ويو.

جواني ۾ راڊيڪل، هڪ دفعو يوم مئي جي جلوس ۾، سائيڪل سوارن ۾ شامل هو. سندس سائيڪل جي ڦيٿن جي تارن ۾ ڳاڙهي پٽي لپيٽيل هئي. هن ڪي اهي ڳالهيون وسري نه ويئي. سندس ذهن جي خبر نه آهي ته ڪهڙي حصي ۾ اهو واقعو موجود هو، جڏهن هو سيڪڙات طور هڪ ڪارخاني ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ جڏهن ڪيس موٽرن جي سڪريا ڪارخاني ۾ نوڪري ملي.

اقتصادي بدحالي، بيروزگاري، جنگ، نئين روزگار جو فڪر ۽ پوليس جي نوڪري. مون ڪي سڌ نه آهي ته، سائيڪل جي ڦيٿن ۾ ڳاڙهي پٽي لپيٽڻ وارو واقعو، انهن دورن ۾ ڪيس ڪيتري قدر ياد رهيو. شايد ڪنهن وقت ذهن تان لهي ويس، يا اڌوگابرو ياد رهيس پر اهو سندس ذهن مان صفا نڪتو نه هو. هڪ ڏينهن سندس ڊيوٽي پانڪريڪ جيل ۾ لڳي. هو پنهنجي مرضي سان پوليسڪي وانگيان ڪنهن رٿيل مقصد هيٺ نوڪري ۾ نه آيو هو پر جيل جي ڪوٺين تي پهريون نظرون پوندي ئي ڪيس پنهنجي فرض جو احساس جاڳيو. ڳاڙهي رين، سائيڪل جي ڦيٿن ۾ ويڙهيل، ڪيس ياد آئي.

هو ميدان جو معائنو تو ڪري. پنهنجي قوت جو جائزو ٿو وٺي. ڪٿان شروع ڪجي ۽ شروع ڪرڻ جو سٺو طريقو ڪهڙو ٿيندو. انهيءَ سوچ ۾ غرق ٿي

وچڻ ڪري سنڌ جي چهري مان فڪر جا اهڃاڻ ظاهر ٿي وڃن ٿا. هو ڪو پيشه ور سياسي ماڻهو ڪونهي پر پنهنجي قوم جو هڪ عام سپوت آهي. پٽس جا ڪي تجربا سنڌس اڳيان آهن. پختو بنياد اٿس، جنهن تي پنهنجي محڪم ارادي کي گڏ ڪري سگهي ٿو. هو فيصلو ڏو ڪري ۽ لڙائيل خول مان هڪ انسان نڪري نروار ٿو ٿئي.

هي هڪ صاف اندر واري غير معمولي پاڪيزه شخصيت آهي حساس، شرميلو مگر ساڳئي وقت هڪ دليرانسان، ڪهڙو به جوکم کڻڻ جهڙي، هو هر ضروري ذميداري پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهي. ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ضروري آهن ۽ هو ننڍيون توڙي وڏيون ذميداريون کڻڻ لاءِ تيار آهي هو اهي سڀ ڪم ڪنهن به ڏيک ـ ويک کان سواءِ خاموشي، خبرداري ۽ دليري سان ڪري ٿو. هر ڪم کي پنهنجو معمول سمجهي پورو ڪري ٿو. هن جي اندر ۾ هڪ قطعي فيصلي ڪن ضمير آهي. انهن ئي ڳالهين جي ضرورت آهي — ان جي باري ۾ تفصيل بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت.

دراصل اهوئي مون کي بيان ڪرڻو هو. اها ان شخصيت جي مڪمل ڪهاڻي آهي جنهن ڪن انساني حياتين کي بچائڻ ۾ حصو ورتو. اهي انسان اڄ زنده آهن ۽ ٻاهر ڪم ڪري رهيا آهن اهو ان ڪري ممڪن ٿي سگهيو جو پاڪريڪ ۾ هڪڙي شخص

هڪ انسان طور پنهنجيون ذميداريون پوريون ڪيون. هو هن شخص کي ڪونہ سڃاڻن، نڪي وري هي ئي انهن کي سڃاڻي. ساڳي طرح ٻاهريان ماڻهو پولينسڪي کي سڃاڻن. آئون چاهيان ته ته هن کي گهٽ ۾ گهٽ سندن ماڻهن قريب ۾ سڃاتو وڃي. هنن ٻن شخصن ڏاڍو جلد پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو. ان ڪري سندن اهميت گهٽجي وڃي ويئي.

انهن ماڻهن کي مثال طور ۽ اهڙن انسانن جي مثال طور ياد رکڻ گهرجي جن جو دماغ ۽ سڀ کان وڏيڪ جن جي دل پنهنجي صحيح جاءِ تي هئي.

"اسڪوريپا دادا"

اوهان کي جيڪڏهن انهن ڏن ماڻهن کي گڏ ڏسڻ جو موقعو ملي تہ انساني پاڻيءِ جي زنده تصوير توهان جي آڏو اچي ويندي: پوري، نازي طوفاني فوج جي پهريدار جي ڊريسن ۾ پولينسڪي، ڳوڙهي رنگ جي چيڪ پوليس جي ڊريس ۾ هورا، ۽ هلڪي ٻي مزه ڊريس ۾ جيل جو اردلي دادا اسڪوريپا. ٽئي شخص گڏ ورلي بالڪل ورلي نظر ايندا آهن. ان جو اهم سبب هي آهي جو ٽئي ساڳئي حلقي جا آهن.

جيل جي قائدن هيٺ "فقط اهي قيدي جي انتهائي پيروسي وارا ضابطي جا پابند ۽ پين کان پري رهندڙ هجن" انهن کي جيل جي ورانڊن ۾ ڪم ڪرڻ، صفائي رکڻ ۽ ماني ونڊڻ جو ڪم ڏيڻ کپي، اهو

جيل جو هڪ سخت ۽ اٽل قانون آهي. ان قسم جا مقدم ڏين ئي ڪونہ ۽ نہ ڪڏهن گيستاپو جو جيل خانن ۾ ٿيا آهن. ان جي برعڪس هتي مقدم جا ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڪوئين سان قيدين طرفان چونڊي اڳيان ڪيا ويندا آهن تہ جيئن قيدين جي برادري آزاد دنيا کي ڪي قدر ويجهو اچي سگهي ۽ جيئن ٻاهرين دنيا سان پيغام رسائي جو سلسلو قائم ڪري سگهجي. ڪيترائي مقدم ڪن پهچايل هدايتن جي راز ڪلي پوڻ يا وڏن لڪل ڪنهن پيغام جي ظاهر ٿي پوڻ تي پنهنجي حياتين تان هٿ ڌوئي چڪا آهن. ان جي باوجود قيدين جي برادري جو اهو قانون تہ: جيڪو انهن جون جايون پري انهن کي بہ اهوئي، -- ڪانئتو ڪم جاري رکڻو پوندو، بہ اٽل آهي. ڪير حوصلي ۽ همت سان اهي ذميواريون کڻي— پر اهو اب ڪان بچي نڪو سگهي. ڪانئرتا ۽ ڏپ ۾ ماڻهو گهڻو ڪجهہ بگاڙي يا وڃائي سگهي ٿو، جيئن هميشه زير زمين سرگرمين ۾ ٿيندو آهي.

۽ هي آهي تڪميل جي عروج تي پهچايل زير زمين ڪم: سڌو سنئون انهن جي دشمن ۾ جيڪي انهن کي تباہ ڪرڻ گهرن ٿا، مقدمن جي اکين اڳيان، انهي ۽ جاءِ تي جنهن کي هو مقرر ڪن ٿا، انهن حالتن ۾ جن کي هو پيدا ڪن ٿا. اهو سڀڪجهہ جيڪو ٿوهان ٻاهر سکيو آهي سو هتي گهٽ آهي ۽ انهن جي باوجود آهو ٿوهان ڪان کي گهٽ تقاضائون ڏو ڪري.

ٻاهر زير زمين ڪم جا ماهر آهن. ۽ هن ڪم جا ماهر اردلين ۾ آهن. دادا اسڪوريپا انهيءَ جو ماهر آهي: لچارو، بردبار، سنجيده، ۽ ڦڙت. مقدم هن جي تعريف ڪن ٿا: ڏسو هي ڪيڏو نه محنتي آهي، ڪيڏو نه پروسي وارو آهي، ڪيئن نه هو رڳو پنهنجي ڊيوٽي تي ڌيان ڏئي ٿو ۽ ڪو اهڙو ڪم ڪرڻ، جنهن جي اجازت نه آهي، جي لالچ ۾ نٿو اچي: اردلي، هن کي هڪ مثال ڪري سمجهن ٿا!!

ها، اردلي، هن کي هڪ مثال ڪري سمجهن ٿا. هو واقعي هڪ مثالي اردلي آهي، انهي معنيٰ ۾، جنهن ۾ هڪ قيدي سمجهي ٿو. سڀ جيل ۾ مضبوط ترين ۽ حساس نظر رکندڙ.

هو سڀني ڪوٺڙين جي قيدين کي سڃاڻي ٿو. هر نئون ايندڙ پهرين گهڙي کان هتي چو آهي، هن جا واسطي وارا ڪير آهن، هو انهن سڀني ڳالهين جو مطالعو ٿو ڪري ۽ انهن جي تهه تائين پهچڻ جي جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڄاڻ رکڻ هن لاءِ ضروري آهي ته جيئن هو صحيح صلاح ڏئي سگهي ۽ پيغام پهچائي سگهي. هو دشمن کي ڄاڻي ٿو. هو هر مقدم جي هوشياريءَ سان چڪاس ڪري ٿو، هنجون عادتون، هنجا مضبوط ۽ ڪمزور پهلو، ڪهڙين شين ۾ هن تي خاص طرح نظر رکڻي آهي، ڪهڙي نموني هن کي استعمال ڪري سگهجي ٿو، هن کي ڪيئن ننڊ ڏيارجي،

ڪيئن هن جي عقل ۽ هوش تي غالب پئجي. اهي خصوصي اهڃاڻ، جن جو مون ذڪر ڪيو آهي، تن مان گهڻا اصل ۾ دادا اسڪوريپا جا ڏاهيل آهن. هو هن سيني کي چاڻي ٿو، هو هرهڪ جو جدا ۽ بهتر خاڪو ٺاهي سگهي ٿو. هي ان ڪري به اهم آهي، ته جيئن هن کي وراڻدن ۾ چر پر جي آزادي هجي ۽ هو يقين سان اثرائتو ڪم ڪري سگهي.

هو هڪ ڪميونسٽ آهي ۽ پنهنجي فرض جي پورائيءَ جو احساس رکي ٿو. هنکي خبر آهي ته ڪو به اهڙو هنڌ نه آهي، جتي هو ڪميونسٽ ڪرڻ ڇڏي ڏئي، جتي هو همٿ تي دمٿ رکي ويهي ۽ سرگرم ٿيڻ ڇڏي ڏئي. آئون پاڻ چوندس ته هتي، جنهن هنڌ تمام وڏو خطرو ۽ ظلم آهي، هن پنهنجو صحيح مقام حاصل ڪيو آهي. هتي هو پڇي لال ٿي ويو آهي.

هن ۾ لچڪ آهي. هر ڏينهن هر گهڙي نيون حالتون آيرن ٿيون، نون طريقن جي ضرورت پوي ٿي. هو انهن کي هوشياري ۽ چالاڪي سان پروڙي ٿو. هن هن وٽ، وقت صرف ڪي سيڪنڊ هوندو آهي. هو ڪوٺڙي جي در تي ٺڪ ٺڪ ڪري، تيار ٿيل پيغام پڌي ٿو ۽ وراڻدي جي هئي چيڙي تي، نئين گشتي سپاهي جي پهرين طبقي تي اچڻ کان اڳ صاف ۽ مختصر نموني اهو پيغام پهچائي ٿو. هو خبردار ۽ حاضر دماغ آهي. سوين ڳجها پيغام سندن هٿن مان گذريا آهن—

هڪ بہ ظاهر نہ ٿيو آهي، ۽ نہ ئي انهن پيغامن ۾ ڪو شڪ جاڳيو آهي.

هن کي خبر آهي تہ ڪٿي ۽ ڪنهن کي ڇهنڊڙي پئي آهي، ڪٿي همت افزائي جي ضرورت آهي، ڪٿي ٻاهرين صورتحال جي سچي پڪي معلومات ڏيڻ ضروري آهي، ڪٿي هن جون ٻاجهہ ڀريل نگاهون ڪنهن ماڻهو کي طاقت ڏئي سگهن ٿيون، جنهن ۾ نااميدي وڌي رهي هجي، ڪٿي هڪ وڌيڪ ماني گهرجي، يا هڪ ٻوڙ جو چمچو، "جيل جي بک" جي حالت ڏانهن وڌڻ کي روڪي سگهي ٿو. اهو هي چڱي طرح ڄاڻي ٿو، پنهنجي گهري تجربي ۽ حس جي ذريعي سمجهي ٿو، ۽ انهيءَ مطابق عمل ڪري ٿو.

هو هڪ ويڙهو آهي، مضبوط ۽ بي خوف، هڪ سچو انسان. هي آهي دادا اسڪورپيا.

آئون چاهيان ٿو تہ توهين، جيڪي شايد ڪنهن ڏينهن هن کي پڙهندا، پر "هونسربيٽر" جي سچي شاندار نسل کي ڏسو، جيڪو انهي قابل هو، تہ انهي ڪم کي، جيڪو ظالم هن کان پنهنجي لاءِ ٿي ورتو، هن پوري طرح مظلومن جي فائدي ۾ ٿي استعمال ڪيو. دادا اسڪورپيا بي نظير آهي، پر هن وانگيان ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد آهي، جنهن جا گهڻا قسم مختلف وصفن واريون شخصيتون آهن، پر گهٽ عظيم، آهي بہ نہ آهن. آئون چاهيان ٿو تہ انهن جون ڪيئي تصويرون ڏاهيان،

پر افسوس، مون کي فقط ڪي ڪلاڪ وجي بچيا آهن، هن لاءِ به گهٽ تہ:

”گيت جيڪو ڪيترو نہ گهٽ ڳايو وڃي ٿو، جيتوڻيڪ اسين ايترو گهڻو جيئون ٿا.“

گهٽ ۽ گهٽ تڏهن به، نالا، ڪجهہ مثال، جيڪي انهيءَ ”سڀ ڪجهہ“ کان گهڻو گهٽ آهن، جن کي هميشہ ياد ڪرڻ جڳائي.

ڊاڪٽر ميلوس نيڊ ويڊ، هڪ بهترين ۽ رحمدل شخص جنهنکي آسچويز ۾ پنهنجي قيدي سائين ڪـي، روزمره مدد جي ڪري پنهنجي زندگي ڏيڻي پيئي.

ارنسٽلارينز، جنهن جي زال کي انهي ڪري ختم ڪيو ويو، جو هن (ارنسٽ) پنهنجي سائين سان غداري ڪرڻ جـو انڪار ڪيو ۽ جنهن کي هڪ سال کانپوءِ پنهنجي زندگي به ڏيڻي پيئي، جيئن تہ هو پنهنجي ڪمري جي، اڪثر بيشتر– سائين جي هتي سچي ميڙ کي بچائي سگهيو.

انتهائي ذهين ۽ پٿر جيان سخت ويشيڪ؛ خاموش طبع پاڻ قربان ڪندڙ انڪ ويڪزوا، جنهن کي مارشللا دوران ڦاسي ڏني ويئي، محنتي–، اسپرنجر، ”لائيبريرين“، هميشہ نوان نـوان طريقا ايجاد ڪندڙ، سياجهو نوجوان ڊائيايڪ....

صرف مثال، رڳو مثال. شخصيتون وڏيون ۽ ننڍيون. پر هميشہ شخصيتون. ننڍيون شخصيتون ڪڏهن به نہ.

باب اٺون

تاريخ جو هڪ حصو

۱۹ جون ۱۹۴۳ع

منهنجي ڪوٺيءَ جي سامهون پٽو ٽنگيو پيو آهي. منهنجو پٽو- سفر جي نشاني! اڄ رات هو مون کي دفتري هلائڻ جي سلسلي ۾ جرمني وٺي ويندا.

بکايل وقت، منهنجي زندگي جي لمحن جو آخري حصو، ختم ڪري رهيو آهي. پانڪريڪ ۾ ۱۱۴ ڏينهن تيزي سان غير محسوس نموني گذري چڪا آهن. اڃا ڪيترا ڏينهن بچيل آهن؟ ۽ ڪٿي؟ ۽ ڪهڙي قسم جا ڏينهن؟ سا خبر نه آهي.

شايد مون کي هن نموني ڏينهن جي باري ۾ لکڻ جو وڌيڪ موقعو نه ملي. سو، هيءَ منهنجي آخري شاهدي آهي. تاريخ جو هڪ حصو جنهن جو ظاهر آهي ته آءٌ آخري زنده شاهد آهيان.

فيبروري ۱۹۴۱ ۾ چيڪوسلوويڪيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽي ان محفوظ رکيل ليڊرشپ سميت، جنهن کي هنوڙي ڏکئي وقت لاءِ پاسيرو رکيو ويو هو، گرفتار ٿي وئي. اڃا تائين پوري طرح اهو پتو

پنجي نہ سگهيو آهي تہ پارٽي ڪي ههڙو سوتمار ڌڪ ڪيئن لڳو؟ شايد ڌڪ ڏينهن اچي، جڏهن گيستاپو جا آفيسر ڪانئن ڏيڻ واري آڏي ۾ڇا جي موقعي تي، هن مسئلي تي ڪا روشني وجهن. معاملي جي تهہ تائين وڃڻ لاءِ منهنجون سموريون ڪوششون ان وقت ۾ بيڪار ثابت ٿيون هيون، جڏهن آءٌ پاڻ هوئسرييترا ۾ هوس. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ اهو حادثو ڪنهن غداري جي نتيجي طور ٿيو، پر ان ۾ ڌڪ حد تائين بي احتياطي بہ، سبب بڻي هئي. ٻن سالن تائين ڪاميابي سان زير زمين ڪم ڪرڻ جي نتيجي طور اڪثر ساٿي ضرورت کان وڌيڪ خود اعتمادي سببان، چوڪسي ۽ خبرداري جي معاملي ۾ ڍلا ٿي ويا هئا. زير زمين تحريڪ وسيع ٿي وئي هئي. روزبروز نوان ساٿي ان ۾ شريڪ ٿي رهيا هئا، جن ۾ ڪي اهڙا بہ هئا، جن ڪي ڪنهن ٻئي مقصد خاطر پاسيرو رکڻ گهربو هو. لٽريچر جي ڇپائيءَ جا ۽ ٻيا ڪم گهٽبو وڌي ويا هئا ۽ اهڙي حالت ۾ هئا جو انهن تي ضابطو رکڻ ڏکيو ٿي پيو هو. پارٽيءَ جي هيڊ ڪوارٽر تي حملي لاءِ گهٽي وقت کان تياري ڪئي وئي هئي ۽ حملو ان وقت ڪيو ويو، جڏهن سوويت يونين تي حملي جي تياري مڪمل ٿي چڪي هئي. اول تہ مون ڪي گرفتارين جي انداز جو پتو ئي ڪونہ هو. مون دستوري لاڳاپن قائم ٿيڻ جو بيڪار انتظار ڪيو. مهيني کان پوءِ اها ڳالهہ بالڪل ظاهر

ٿي وئي ته، تمام وڏو حادثو ٿيو آهي ۽ مون کي لاڳاپن قائم ٿيڻ جو انتظار نه ڪرڻ کپي. بهرحال پوءِ به مون لاڳاپن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پين به ائين ڪيو.

پهريون شخص جنهن کي آئون ڳولي سگهيس سو هو هنزا وسڪوسل، بوهيميا جي مرڪزي پارٽي جو اڳواڻ. هو سرگرم ماڻهو هو ۽ روزي پراوو لاءِ ڪجهه مواد تيار ڪيو هئائين ته جيئن پارٽي جي مرڪزي اخبار جاري رهي. مون ايڊيٽوريل لکيو پر پوءِ اسان اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ته اهو سڀ مواد يومئي جي خاص نمبر طور شايع ڪجي. جو ته رودي پراوو غيرمعمولي ايڊيشن طور اڳئي شايع ٿي چڪو هو، ۽ هاڻ گوريلا ڪارروائين جو دور شروع ٿي ويو هو. پارٽي کي جيتوڻيڪ زبردست ڌڪ لڳو هو، پر اها ختم ٿي نٿي سگهي. سوين نوان ساٿي، انهن ذميدارين کڻڻ لاءِ ميدان ۾ آيا، جيڪي پيا ڇڏي ويا هئا. مري ويان جي جاءِ پرڻ لاءِ نوان محڪم ارادي وارا، مرد ۽ عورتون، نڪري نروار ٿيا، جن پارٽي جي بنياد الڏڻ يا ان جي خاموش ٿي رهڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان جي باوجود اها حقيقت هئي ته پارٽيءَ جو مرڪز نه هو ۽ مرڪز کان سواءِ هاندڙ گوريلا سرگرمين ۾ اهو خطرو هو ته ان فيصلم ڪن موقعي تي، جڏهن سوويت يونين تي حملو ٿئي ته گڏيل عمل جو اتحاد

قائم ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو.

رودي پراوو ۾، جيڪو اچا تائين مخفي نموني ۾ ڇپجي رهيو هو، تنهن مان اندازو لڳايو ويو ته، هي ڪم ڪنهن سياسي تجربيڪار جي هٿ ۾ آهي. اسان جي يوم سئي وارو مخصوص پرچو، جيڪو سٺي نموني ۾ شايع ٿي سگهيو ٿي، سو اهڙو شايع نه ٿي سگهيو. ڪيترن محسوس ڪيو ٿي ته ان منجهه ڪا اهڙي شخصيت سوالن جا جواب پيش ڪري رهي آهي، جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو. اسين سڀ ڌڪ ٻئي جي پٺي لڳائڻ ۾ مشغول ٿي وياسين.

اها ڪوشش ڌڪ گهاٽي ٻيلي ۾ ڪنهن ساٿي ۽ ڪي ڳولڻ جي برابر هئي. اسان ڪي ڪنهن مهل، ڇڻ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ٿي ۽ اسان ان ڏس ۾ وڌياسين ٿي، ته وري اوچتو ائين محسوس ٿيندو هو ته: ڇڻ آواز بالڪل ان جي پٺئين پاسي کان اچي رهيو آهي. ڳرن نقصانن سڻڻ کان پوءِ ڇجي پارٽي نهايت محتاط ۽ بي حد خبردار ٿي وئي هئي. مرڪزي اداري جي ٻن ماڻهن کي جيڪڏهن ماڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي ته هنن کي بي انداز رڪاوٽن ۽ ڪوچ لڳائڻ جي ترڪيبن جي بي انداز راهن مان لنگهڻو پوندو هو، جي ڌرڪ، ڌڪ ٻئي جي خلاف قائم ڪيون هيون- جهڙيون ٻيا تعلق رکڻ وارا ٻڻ قائم ڪرڻ تي مجبور هئا. اها ڳولا ان سبب جي ڪري اڃا به وڌيڪ ڏکي

ٿي پئي هئي جنهن مون کي اهو پتو ڪونه هو ته اڄ جي حالتن ۾ ڪهڙا ساٿي اچا پاهر ڪليل نموني رهن ٿا. ساڳيءَ طرح پئي ڪي به اهو پتو ڪونه هو ته هو ڪنهن جي ڳولا ڪري رهيو آهي.

آخر اسان هڪ همدرد شخص تائين پهتاسين، هي هو ڊاڪٽر ميلوس نيدويد، هڪ اعليٰ شخصيت، جيڪو اسان جو پهريون لاڳاپو قائم ڪندڙ شخص بڻيو. هن حالت ۾ به هڪ حد تائين ڪنهن اتفاق ٿي پوڻ جو امڪان، بهرحال موجود هو. ١٩٤١ جي جون مهيني جي وچ ڌاري آءٌ بيمار ٿي پيس. مون ليدا کي ڊانهس سوڪليو ته اچي منهنجي خبر وٺي. هو هڪدم ٻڪس جي جاءِ تي آيو ۽ اسان جي لاءِ سموريون ڳالهيون صاف ٿي ويون. هن کي اڳ ۾ ئي اها ذميداري ڏني وئي هئي ته ”پئي شخص“ جو پتو لڳائڻ جي ڪوشش ڪري، پر ڪيس اهو خيال ئي ڪونه هو ته اهو ڪو آءٌ ئي هوس. ان جي برعڪس اڪثر پنهن ساٿين وانگر جيڪي زير زمين نه هئا، هن کي به يقين ٿي چڪو هو ته آءٌ گرفتار ٿي ويو هوس ۽ شايد منهنجو خاتمو به ٿي ويو آهي.

٢٢ جون ١٩٤١ تي هٽلر سوويت يونين تي حملو ڪيو. ساڳئي ڏينهن شام جو هنزا وسڪوسل ۽ مون گڏجي هڪ ڪتابچو شايع ڪيو، جنهن ۾ اسان هن حملي جي اهميت جي سمجهاڻي ڏني هئي. ٣٠ جون تي

منهنجي هن شخص سان ڀرين ملاقات ٿي، جنهن کي آءٌ هيتري وقت کان ڳولي رهيو هوس. هو منهنجي طرفان مقرر ڪيل گهر ۾ پهچي ويو، ڇاڪاڻ ته هن کي اڳي اها خبر هئي ته ڪنهن سان ڪيس ملڻو آهي. مون کي اها ڪا خبر ڪانه هئي. اها اونهاري جي هڪ رات هئي ۽ جاءِ جي کليل درين مان ٻاهر ڦولاريل وڻن جي ٻور جي مهڪار اچي رهي هئي. هي وقت گويا محبت وارن جي ملاقات لاءِ موزون پئي لڳو. اسان دريون بند ڪري شيشن کي پردن سان ڍڪي ڇڏيو ۽ بجلي جو بٽڻ دٻائي ملاقات ڪئي سون ۽ قرب مان ڀاڪر پاتوسون — هي هنزازيڪا هو.

ان جي معنيٰ ته فيبروري ١٩٣١ واري حملي ۾ سڄي مرڪزي ڪميٽي گرفتار نه ٿي هئي. زيڪا مرڪزي ڪاميٽيءَ جو هڪڙو ئي ميمبر هو جو بچي ويو هو. آءٌ گهڻي عرصي کان ان جو واقف هوس ۽ هو مون کي گهڻو پسند ڪندو هو، مگر منهنجي هن سان پوري ڄاڻ سڃاڻ فقط هاڻي ٿي، جڏهن اسان گڏ ڪم ڪرڻ لڳاسين. بدن ۾ پريل هميشه مشڪندڙ ۽ هڪ بزرگ نما شخصيت، مگر ساڳئي وقت جفاڪش، اصولي ڳالهين تي نه جهڪندڙ ۽ پارٽيءَ جي ڪم ۾ سخت محڪم مزاج هوندو هو. جيتري قدر هن پنهنجي فرض ادائگين کان وڌيڪ پنهنجي ڪا ڄاڻ رکڻ ٿي چاهي. پارٽي جي ڪم خاطر هو پنهنجي ذاتي زندگي جي هر شئي

کي فراموش ڪري چڪو هو. هن جي ڪلهي طرح عوام
.ان محبت هئي ۽ اسان جو عوام به ڪيس سان محبت ڪندو
هو، پر ڪڏهن به هن عوام جي خوشنودي حاصل
ڪرڻ خاطر، سندن غاطين کي نظرانداز ڪرڻ جي
ڪوشش نه ڪئي.

چند منٽن اندر اسين هڪ ٻئي کي سمجهڻ لڳا
وياسون ۽ ڪجهه ڏينهن بعد منهنجي پارٽي ليڊرشپ
جي هڪ نئين ميمبر هونزا سيرني سان به واقفيت ٿي،
جيڪو گذريل مئي کان زيڪا سان لاڳاپي ۾ هو.
قداور، خوش شڪل جوان، ۽ ماڻهن سان لاڳاپي ۾، ۽
نهايت فراخدل هو. هو اسپين واري خانه جنگي ۾ بهرو
وٺي چڪو هو ۽ اتان تازي جرمني جي رستي جنگ
جي زماني ۾ اڪي هتي پهتو هو. ان وقت هڪ گولي
کيس سيني ۾ به لڳي هئي. هو هميشه هڪ فوجي
سپاهي معلوم ٿيندو هو. کيس زير زمين ڪم جو وسيع
تجربو هو. نهايت هوشيار ۽ چست هو.

مهينن جي مشڪلاتن سان ڀريل، سانده جاکوڙ
اسان کي هڪ شاندار رفاقت ۾ ڳنڍي ڇڏيو هو. اسين
ٽيئي پنهنجي پنهنجي ڪردار ۽ صلاحيتن جي ڪري
ڄڻ هڪ ٻئي جي ڪارڪردگي ۾ اضافو ثابت ٿي
رهيا هئاسون. زيڪا هڪ بهترين آرگنائزر، حقيقت پسند
۽ ننڍين ننڍين تفصيلي معاملن ۾ اصولن کان ڪم وٺندڙ
۽ ڪڏهن به جلد نتيجي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش

۾ پوڻ کان پري. هر خبر جي گهراين ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جيسين هر ڳالهه جي تهہ کي نہ پهچي وڃي، تيسين سڀني پهلوئن کان جائزو وٺڻ هن جي عادت هئي. فيصلن کي عملي جامي پهرائڻ جي سلسلي ۾ نهايت شفقت ۽ سختي سان نظر رکندو هو، ۽ سڀني، دشمن خلاف هاڃيڪار سرگرمين ۽ هٿياربند مقابلي جي تيارين ۾ ذميدار هو. هو هميشه فوجي طرز، تي سوچيندو هو. نيون ڪوجنائون ڪرڻ ۽ دليرانہ منصوبا تيار ڪرڻ وغيره. هو بهادر، ڪڏهن نہ ٿڪجندڙ، سدائين خوش مزاج، هميشه نون طريقن ۽ نون ماڻهن همٿ ڪرڻ جي ڏن ۾ لڳل رهندو هو. آءٌ پروپئگنڊا، تعليم، مضمون لکڻ، پنهنجي اندروني جذبن ۽ ڪي قدر تصورات تي هلندڙ ۽ پنهنجي تنقيدي عادت سبب هميشه هموار روش اختيار ڪندو هوس.

ذميدارين جي تقسيم دراصل ڪم جي تقسيم کان وڌيڪ فرض نڀائڻ جي تقسيم هئي اسان مان هرهڪ کي هر ڳالهه ۾، جڏهن به ڪنهن ڳالهه جي ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت پوندي هئي، تہ پنهنجي روءِ سوءِ معاملن کي طيءِ ڪرڻو پوندو هو. اهو ڪو سولو ڪم نہ هو. پارٽيءَ کي فيبروري ۾ جيڪو ڌڪ لڳو، ان جو زخم اڃا پوري طرح ٺيڪ نہ ٿيو هو. سمورا لاڳاپا ختم ٿي چڪا هئا. ڪن هنڌن تي سمورا محاذ ٽٽي ويا هئا ۽ ڪن محاذن تي چڱيءَ طرح ڪم هليو پئي.

پر انهن تائين پهچڻ جو ڪوبہ رستو ڪونہ هو. ڪيترين تنظيمن، ڪن ڪارخانن ۽ ڪن هنڌن تي سڄن علائقن ۾ هلندڙ ڪم ٺپ ٿي ويو هو. مهينن تائين وري لاڳاپا قائم ٿي نہ سگهيا. اسان جو سمورو مدار مرڪز جي اخبار تي هو ۽ اها اميد هئي تہ هن اخبار جي مختلف ساٿين تائين پهچڻ بعد، ڪين پنهنجي جوابدارين بابت صحيح رهبري ملي سگهندي. اسان ڪي ڏکيائي سان گڏجڻ لاءِ ڪي بہ خاطريءَ جوڳيون جايون ڪونہ هيون. پراڻيون جايون قابل استعمال نہ رهيون هيون ۽ نيون جايون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خطرو محسوس ڪرائي رهيون هيون. پئسا اصل ڪونہ هئا. زير زمين ڪم ڪندڙ ساٿين جي خوراڪ جو بندوبست بيحد مشڪل هو. ان زماني ۾ راشن جا ڪوپن فقط انهن ماڻهن کي ملندا هئا جن وٽ پوليس جو ”شناخت نامو“ هجي ۽ جيڪي قانوني طرح ڪنهن روزگار ۾ لڳل هجن. ڪيترين ئي ڳالهيون بالڪل ابتدائي درجي کان شروع ڪرڻيون پيون. هي سڀ اهڙي وقت ۾ ڪرڻو ٿي پيو، جڏهن پارٽي رڳو پنهنجي تعمير ۽ تياري تائين پاڻ کي محدود رکي ٿي سگهي. هي اهو وقت هو جڏهن سوويت يونين تي حملو ٿي چڪو هو ۽ پارٽيءَ کي جدوجهد ۾ سڀنيءَ طرح ڀرپور ونڊو هو. قابض جرمن حڪمرانن خلاف گهرو محاذ کڙو ڪرڻو هو ۽ سندن خلاف ننڍي پيماني تي هڪ اهڙي جنگ جوٽڻي هئي،

جنهن ۾ نه رڳو پارٽيءَ جي، پر پنهنجي سڄيءَ قوم جي، قوت کي ميدان ۾ آڻڻو هو. تياري وارن سالن ١٩٣٩-١٩٤١ع واري زماني ۾، پارٽي نهايت مخفي ۽ زير زمين هئي — اها نه رڳو جرمن پوليس کان پر ڪجهه پنهنجي قوم کان به مخفي رکڻي هئي. هيئنر ڳرن نقصانن برداشت ڪرڻ کان پوءِ، قبضو ڪندڙن خلاف نه رڳو پنهنجو زير زمين ڪم محڪم ڪرڻو هو، پر ان کي ڪاميابيءَ جي حد تائين نه وٺي وڃڻو هو. ساڳئي وقت ان سان جيتري قدر پنهنجي قوم جو واسطو آهي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ظاهر ظهور ميدان ۾ اچڻو هو. ان کي غير پارٽي وارن سان به تعلق پيدا ڪرڻو هو ۽ سڄيءَ قوم تائين پهچڻو هو. هر انهيءَ ماڻهوءَ سان ڳالهيون ڪرڻ ضروري هيون، جيڪو آزاديءَ لاءِ لڙڻ واسطي تيار ٿئي. ۽ اهي ماڻهو جيڪي ڪي قدر ڊڪي رهيا هئا، تن کي به فيصلي ڪن لڙائيءَ ۾ سرگرم بنائڻو هو.

سيپٽمبر ١٩٤١ع جي شروع واري زماني ۾، ٻهريون دفعو، اسان ائين چئي سگهياسين ٿي ته ڏک نڊيون، پر مضبوط ۽ منظم مرڪز قائم ڪري ورتو ڏوسون. جيتوڻيڪ اڃان اسان پنهنجي ڇڙوڇڙ پارٽيءَ کي وري بحال ڪرڻ لاءِ ڪافي پوئتي هئاسون، پر ان جي باوجود ڏهه اهڙو مرڪز قائم ٿي چڪو هو، جيڪو ڪجهه وڏين ذميدارن کي منهن ڏئي سگهيو ٿي. قومي

تحريڪ ۾ پارٽيءَ جو اثر بلڪل ظاهر هو. ڏينهون ڏينهن ڏاڍيڪار سرگرميون وڌيل هيون ۽ ڪارخانن ۾ هڙتالون زور وٺنديون ٿي ويون. سيپٽمبر جي آخر ۾ نازين هيڊرڪ ڪي، اسان جي ساٿ تي حڪمران ٿاڦيو.

مارشل‌لا جو پهريون دور وڌندڙ سرگرم مقابلي ڪي ختم ڪري نہ سگهيو، پر ان دور ۾ ڪجهہ ڪم ڍرو ٿي ويو ۽ پارٽي کي نوان زخم پڻ رسيا. پراگ واري علائقي ۾ نوجوانن جي تنظيم تي ان جو وڏو اثر پيو. نوان آيل ساٿي، جيڪي پارٽيءَ لاءِ انتهائي ڪارآمد هئا، جهڙوڪ جان ڪريسي، استانڪل، ميلوس ڪراسني ۽ ٻيا گرفتار ٿي ويا هئا.

انهيءَ ڪري ڏڪ لڳڻ کان پوءِ جنهيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو تہ پارٽي ڪڏهن بہ ختم ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪو مجاهد ڏڪ کائي ڪريو ٿي تہ هڪ نہ، پر ٻہ ٻي نوان ساٿي، انجي جاءِ ولارڻ لاءِ، پهچي ٿي ويا. نئين سال ۾ اسان ڏٺو تہ پارٽي تنظيم، چڱو واڌارو ڪري چڪي هئي. جيتوڻيڪ اڃا فيبروري ۱۹۴۱ع واري وسعت تي نہ پهتي هئي. پر پوءِ بہ فيصلہ ڪن مقابلن ۾ پنهنجي ذميدارين کي منهن ڏيڻ جهڙي ٿي چڪي هئي. اسان سڀني پاڻ تي ڪم ورهائي ڪنيو هو، پر سڀ کان وڏيڪ ڪم جو حصو هنزا زيڪا جي حوالي هو.

پريس جي وسيلي ايترو ڪم ڪيو ويو هو جو

ان جي بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. هن باري ۾ رفيقن جي مخفي ڪاغذن سانديي رکڻ جي هنڌن ۽ زير زمين اڏن مان گهڻو ڪري ڪافي مواد ملي ويندو هو.

اسان جون اخبارو وڏي تعداد ۾ تقسيم ٿينديون هيون ۽ نه رڳو پارٽيءَ ۾، پر پارٽيءَ کان ٻاهريان ماڻهو به پڙهندا هئا. اهي مختلف زير زمين ڪارناما سائيڪلو اسٽائيل مشينن ذريعي هڪ ٻئي کان بالڪل پري ۽ جدا جدا هنڌن تي هوندا هئا، ۽ وڏي تعداد ۾ اخبارون شايع ڪيو ونديون هيون. ڪي اخبارون پريسن ۾ به ڇپايون ونديون هيون. حالتن جي ضرورت مطابق اخبارون جلد تيار ڪري، تيزيءَ سان تقسيم ڪيون ونديون هيون. مثال طور ڪامريڊ اسٽالن ٢٣ فيبروري ١٩٤٢ع تي فوج ڏانهن جيڪو پيغام جاري ڪيو هو، سو ٢٤ فيبروري تي شام جو اسان جي پڙهندڙن کي پهچي چڪو هو.

فوچڪ ١٩٢٩ع ۾ ”رودي پراوو“ اخبار جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ سال ۾ وري ١٩٣٢ع ۾، اتر بوهيميا جي کاڻين ۾ مزدورن جي هڙتال جون خبرون موڪليندو رهيو. انهن هڙتالن واري عرصي ۾ هڪ زير زمين اخبار ”دي اسٽرائيڪ“ نالي سان شروع ڪئي هئائين. هن جي لکڻين تي بندش وڌي ويئي هئي، انهيءَ ڪري هن فرضي نالي سان لکڻ شروع ڪيو هو.

هتي هيءَ ڳالهه سمجهائڻ ضروري آهي ته جنگ کان اڳ چيڪوسلاويڪيا ۾، سياسي مضمونن ۽ خبرن تي، پريس سينسرشپ تمام سخت هئي. ڪميونسٽ اخبار ”رودي پراوو“ اڪثر ڪري سينسر جو شڪار ٿيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ان اخبار جا ڪيترا ڪالم ڪاري بادر سان پڻ ڇپيا هئا. ڪيترن موقعن تي اختياريءَ وارا اخبار جون ڪاپيون پريس مان نڪرڻ شرط ضبط ڪري ڇڏيندا هئا.

١٩٣٠ع ۾ فوچڪ، پهريون دفعو سوويت يونين جي دوري تي ويو. جيئن ته چيڪوسلاويڪيا، سويت يونين کي تسليم ڪرڻ کان لاڳيتو انڪار پئي ڪيو، تنهن ڪري فوچڪ ۽ سندس چار ساٿي لڪ چوريءَ جرمنيءَ سان لنگهي، پيڙيءَ رستي لينن گراڊ پهتا. هن پنهنجي انهيءَ سفر جو پرجوش داستان ”ان ديس ۾، جتي ’سڀاڻو‘ اڳئي ’ڪالهه‘ ٿي ويو آهي“، نالي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هن ڪتاب جي شروعات سج جي اڀرڻ واري منظر سان ٿئي ٿي:

”اپريل ١٩٣٠ع جي بهار جي موسم ۾ آچر جو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن تي ماڻهو شهر کان ٻاهر گهمڻ جو انتظار ڪندا آهن. دريءَ مان سج جي روشنيءَ، لنگهي اچي، اکين جا ڇنڀڻ کوليا آهن، جن کي آرام واري رات نه ملي هئي. سڄي رات ڪچيءَ ننڊ ۾ خواب ڏسندو رهيس.

”پراگ جي اسٽيشن تي، هزارين ماڻهن جو ميڙ آهي. ٿوريءَ ٿوريءَ دير کان پوءِ گاڏيءَ جي ڏکڻي لائين پليٽفارم کي ڇهندي، سوين ماڻهن کي پيلن ۽ دريائن ڏانهن کڻي وڃي رهي هئي. اسين جلدي پهچي ويل، بي انداز خوشين ۽ هل هنگامي سان پربل بهار واري دلفريب ماحول ۾، بلڪل گم ٿي ويا آهيون. اسان کي فقط، اها ئي شيءِ گهربي هئي ـــ هزارن جي انبوهه ۾ اسين پنج به شامل ٿي ويا آهيون....

”پنهنجي ملڪ مان لڪ چوريءَ سوويت يونين ڏانهن ويندي، وڏي ڏوهه جو ڪم ڪري رهيا آهيون.

”اسان جي هن سفر جي پڄاڻيءَ تي اڳين پيلن کان به وڌيڪ گهاٽا پيلا موجود آهن، جن ۾ اسين روز گهمڻ ويندا آهيون ۽ اسان جي ملڪ جي دريائن کان هتي وڌيڪ ويڪرا درياهَ آهن. هتي پراڻن قلعن ۽ محلاتن کان وڌيڪ وڏيون ۽ مضبوط عمارتون موجود آهن. اهو ديس، جنهن ڏانهن وڃڻ اسان جي ملڪ جي قانون، هڪ وڏي جبل جي چوٽي سر ڪرڻ کان به وڌيڪ ڏکيو بنائي ڇڏيو آهي.“

”اسين سوويت يونين ڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ اسان وٽ پاسپورٽ به موجود نه آهن.“

جولس فوچڪ سوويت يونين ۾ تمام گهڻو گهميو ۽ گهمندي گهمندي وڃي چين جي سرحدن کي پهتو. هن هرهنڌ ائين محسوس ڪيو ته جڻ هو پنهنجي ئي

ديس ۾ گهمي رهيو آهي. هڪ اخبار نويس جي حيثيت ۾، ڪيس زندگي جا ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا، تنهن ڪري اها عجب جي ڳالهہ نہ آهي تہ هن ڪستينا ڪي (جنهن سان پوءِ شادي ڪيائين) هڪ خط ۾ لکيو تہ ”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ کي هن کان اڳ ڪڏهن بہ ايترو آزاد محسوس نہ ڪيو آهي.“

جڏهن مهينن کان پوءِ فوچڪ چيڪوسلاويڪيا موٽي آيو، ۽ هڪدم سياسي سرگرمين ۾ بهرو وٺڻ لڳو — هو نہ فقط بي شمار مسئلن ۽ سوالن تي سياسي نموني جا مضمون لکندو رهيو، پر ڪيترن اخبارن ۽ رسالن جي ايڊٽ بہ ڪندو هو. هن کي هيئنئر ڳالهائڻ لاءِ هڪ پيو موضوع بہ ملي چڪو هو. فوچڪ ڪابہ ڳالهہ اڌوري نہ ڪندو هو. ڪستا جي، رڪارڊ پٺاندر، سرڪاري پابنديءَ هوندي بہ فوچڪ هڪ سال ۾ سوويت يونين بابت ٣٠٠ تقريرون ڪيون. انهيءَ عرصي ۾ هو چار دفعا گرفتار ٿيو ۽ ڪيترا ڏينهن جيل ۾ بند رهيو. هڪ ڀيرو ڪيس سوويت يونين جي فائدي ۾ ڳالهائڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو، جيتوڻيڪ اهڙو ڪوبہ ثبوت ڪونہ هو، جو انهن ڪيل تقريرن مان اهو اندازو لڳائجي تہ هو لڪ چوريءَ روس مان ٿي آيو آهي.

جڏهن سوويت يونين بابت فوچڪ جو ڪتاب ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ ويو، تڏهن سينسرشپ وارن حڪم ڪيو تہ انهيءَ ڪتاب مان اهي ٿي صفحا ڪڍيا وڃن،

جن ۾ ڪتاب لکندڙ ”بي روزگاريءَ کان پاڪ سر زمين (روس)، ۽ چيڪوسلوويڪيا“، بابت پنهنجا تاثرات بيان ڪيا آهن. ١٥ سال پوءِ اهو ڪتاب جڏهن ٻيهر ڇپيو، تڏهن اهي ٿي خارج ڪيل صفحا شامل ڪيا ويا. انهن ٿنهي صفحن سان چيڪوسلوويڪيا بابت سندس لکيل ڪجهه اقتباس هيٺ ڏجن ٿا:

”روزگار ڏياريندڙ آفيس ۾ روزانو ڪيترا مزدور بيٺل نظر ايندا آهن. هو صبح جو مزدوريءَ جي ڳولا ۾ هت ايندا آهن ۽ جيسين ڪو پورهيو ملين، تيسين سندن گوڙ ۽ بکايل چهرا، هڪ حساس ماڻهوءَ جي اندر ۾ گهرا ويڄ وجهي ڇڏيندا آهن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪندي، غربت ۽ مايوسيءَ جا ستائن جڻ ٻهاڙ ڪري پوندا آهن. آخر دري بند ڪئي ويندي آهي ۽ مزدورن کي ائين چئي هٽايو ويندو آهي ته ”ڪوبه ڪم ڪونهي.“ سڄي ڏينهن جي انتظار کان پوءِ اهي لفظ، مزدورن جي دل ۾ ڀالن جيان گهڙي ويندا آهن. ۽ پوءِ بي شمار پورهيت بکئي پيٽ ڀرڻ خاطر پنهنجي قوت وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪا واهه نه ڏسي، شام جو پراگ جي محلاتن وارين روشن گهٽين مان واپس موٽيندي، پندا ويندا آهن، ته جيئن هو چار ڏوڪڙ ٻني پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڪو سڪل ۽ پاروٿو نان وٺي ڪٺي وڃن.

”مون ريلوي اسٽيشن جي ڏاڪڻين تي به بي روزگار مزدور بيٺل ڏٺا. انهن ڏاڪڻين تي مصنوعي آزاديءَ جا

دلفريب نعرا تختين تي لکيل ۽ ٽنگيل هئا. انهي مزدور ڪمين وانگر، پنهنجن ننڍڙن ڪوٽن ۾ سرديءَ کان بچڻ لاءِ ڪروندڙا تيا پيا هئا. سندن وات مان ڀاڦ نڪري رهي هئي. ڊاڪخاني جي آخري دڪن تي ستل، مزدورن جي پيرن وٽ چت تان مينهن جو پاڻي نمي رهيو هو. پوليس وارا پنهنجن وڏن بوٽن سان ڪڙڪيدار آواز ۾ اچ وڃ ڪري رهيا هئا ۽ مزدورن ڏانهن ڪو سندن ڌيان ئي نه هو. ڪيو- ساڪ جا جيل اڳئي ماڻهن سان ڀريا پيا هئا *

”مون ڏٺو ڪه هنڌ چئن ماڻهن جا جنازا ڏٺا. ڪانٽين واري علائقي جي گهٽين مان هزارين ماڻهو مارچ ڪندا ٿي ويا. برف سندن پيرن وٽ ڪري رهي هئي، جنهن ڪري سندن هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي ڪين ٿي آيو. مطلب ته اکين سان ته سڀڪجهه ڏسي سگهجي ٿي، پر پهچڻ لاءِ ڪجهه به نه! اهڙيءَ طرح، هزارين اڳتي وڌندڙ ماڻهو بالڪل خاموش ۽ بي زبان هئا. انسانيت جو هيءَ اٿاهه سمنڊ اهڙي حوصلي، همت ۽ يقين سان اڳتي وڌڻ کپي، جو پين پاڻ جنهن کي گڏ وٺي هلندي، دشمن جي دلين کي ڏڪائي ڇڏي ۽ گڏو گڏ

---

* هت فوچڪ جي ذهن شايد پراگ جي مسارڪ ۽ ولسن اسٽيشنن جو بيان ڪيو آهي، پر هن احتياط طور نالا نه لکيا آهن.

اڳتي وڌندي، پنهنجي همسفرن جي دلين ۾ بدلي وڃڻ
جي تڙپ پيدا ڪري."

فوچڪ کي ٻه دفعا فوجي سروس لاءِ سڏايو ويو، پر هر دفعي سندس موجودگيءَ، اختياريءَ وارن جي دلين کي ڇرڪائي ڇڏيو. پهرئين دفعي فوج ۾ فقط هڪ مهينو رهائي، پوءِ کيس اڻ ڄاڻايل مدي تائين موڪل ڏني ويئي. ٻئي دفعي کيس ضروري فوجي تربيت کان روڪيو ويو ۽ ٿوري وقت کانپوءِ کيس هڪ مرڪز کان ٻئي مرڪز ڏانهن موڪليو ٿي ويو، ته جيئن سندس انقلابي شعور جو ٻين سپاهين تي اثر نه پوي.

هن ڊسمبر ۱۹۳۲ع ۾ لکيو، ته "مون کي هڪ ئي وقت گهڻن فوجين سان ملڻ، ۽ غير فوجي لباس ۾ ساڻن ڳالهائڻ نٿو ڏنو وڃي ۽ نڪي مون کي انهن هنڌن ڏانهن وڃڻ جي اجازت آهي، جتي سپاهي عام طور گڏبا آهن. مون کي انهيءَ ڳالهه ٻڌائڻ جي به اجازت نه آهي ته آءٌ ڪنهن وقت 'رودي پراوو' اخبار جو ايڊيٽر هوس، ۽ نڪي وري پنهنجي ڏنڌي بابت ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪا اجازت هيم."

مليٽري سروس مان ڊسمس ٿيڻ وقت جڏهين اڃا هو فوجي بئريڪن کان ٻاهر ئي مس نڪتو، ته کيس هڪدم گرفتار ڪري، پوليس جي حوالي ڪيو ويو. هڪ عام ڏوهاريءَ وانگيان فوٽو ڪڍي، کيس پانڪريڪ جي

هڪ ڪورٽ ۾ آندو ويو. پر بحث ڪرڻ ۾ ماهر
هئڻ ڪري، هو انهيءَ سازش مان ڇٽي ويو. هن پوءِ
وري پنهنجي اخبار نويسي شروع ڪئي، پر هاڻي
هو زير زمين رهڻ لڳو ۽ هڪ گمنام نالي سان ڪيترن
مضمونن ۾ ڪليو ڪلايو پنهنجو سياسي نقطهء نظر بيان
ڪندو رهيو.

جنوري ١٩٣٢ع ۾، سندس شايع ٿيل هڪ مضمون
جا ڪي خاص ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا، جن مان اسان کي
سندس عوام دوستيءَ، اعليٰ حوصلي ۽ عظيم جذبي جي
پرواز پئي ٿي.

”اسين پنهنجي ديس سان ججهو پيار ٿا ڪريون،
ان ڪري اسان کان اهو ڪڏهن به سٺو ڪين ٿيندو،
ته ان جا لکين رهواسي ڏکيا ۽ بکيا رهن. اسان کي
پنهنجي وطن سان اڻ مئي محبت آهي، انهيءَ ڪري،
اهڙي صورتحال ڪڏهن به ڏسڻ گوارا ڪين ڪنداسين،
ته فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پيٽ ڀريا، دولت ۽ اقتدار
جا مالڪ، غريبن جي وڏيءَ اڪثريت کي لٺين ڦرين
۽ مٿن اڻ ڳڻيا ظلم ڪن.

”اسان کي پنهنجو وطن عزيز آهي، ان ڪري اسان
اهو نٿا ڏسڻ گهرون ته اسان جو وطن ٻين قومن تي
ظلم ڪري ۽ ٻيون قومون انهيءَ سببان ڪانئس نفرت
ڪن. اسين پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ سان پيار ٿا ڪريون،
انهيءَ ڪري، ان کي آزاد ڏسڻ گهرون ٿا. اسين پنهنجي

وطن سان پيار ٿا ڪريون، ان ڪري، وطن جي گھٽائيءَ وارن محڪوم ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا آهيون.

”انهيءَ محبت لاءِ اسان ڪي وڏيون قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون.“

”اسان کي پنهنجي ديس سان محبت آهي، ان ڪري اسين ڪميونسٽ آهيون.“

”جهڙيءَ ريت اسين چيڪ عوام سان محبت ڪريون ٿا، اهڙيءَ ريت، اسان کي چيڪ قوم جي ڦر لٽ ڪندڙن کان دلي نفرت آهي. اسين چيڪ قوم جي انهن سڀني مفت خور ظالمن کان نفرت ڪريون ٿا، جيڪي قوم جي وڏيءَ اڪثريت جي پورهئي تي پلجن ٿا. اسان انهن ماڻهن کان به نفرت ڪريون ٿا، جيڪي پورهيو ڪندڙن کي دٻائڻ ۾ ظالم طبقي کي (مالي، عملي ۽ قلمي) مدد ڪن ٿا.“

فوچڪ اهو مضمون ان وقت لکيو، جڏهين چيڪ اختياريءَ وارن کيس پانڪريڪ جيل ۾ ڇهن مهينن لاءِ نظر بند ڪيو هو.

انهن مٿين ذڪرن پيش ڪرڻ کان پوءِ فوچڪ جي هڪ لکت، ”جيل جي ياداشت“، مان ڪي سٽون فوري دل تي تري آيون آهن، جيڪي هن نازين جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ حياتيءَ جا ڏکيا ڏينهن ڪٽيندي، قلمبند ڪيون آهن:

”پانڪريڪ جي هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ مون

اڳ ڪيتري نه جدوجهد ڪئي هئي!

”شايد هن ئي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پهريون ڀيرو منهنجي اڳيان چيڪ قوم جي بهبوديءَ لاءِ چيڪوسلواڪيا جي مڙني سرمائيدارن کي تباهه ڪرڻ واريءَ پاليسيءَ مرتب ڪرڻ جا يقين جوڳا نتيجا ظاهر ٿيا هئا. هن وقت جڏهن هو منهنجي ديس کي ڦاسي ڏيئي رهيا آهن، آن وقت ڪال ڪوٺڙيءَ جي پاهران جرمن فوجي پهرو ڏيئي رهيا آهن ۽ پاهران ڪنهن هنڌ، وقت جون انڌيون سياسي قوتون هڪ ڀيرو وري غداريءَ جو ڄار پکيڙي رهيون آهن. انسان ذات کي مجموعي طور اڪيلي پنڌ ۾ الائي ڪيترين صديون کپن ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ انسانيت کي بي معلوم ڪيترين ڪال ڪوٺڙين ۾ پوسائجڻو آهي — ۽ نه معلوم الاءِ ڪيترن ساٿين ۽ انسان دوستن کي هٿ اچي ۽ عذاب پوڳڻو آهي.“

١٩٣٠ کان وٺي فاسطائين ڪيترن ئي ملڪن ۾ زور ورتو. چيڪوسلواڪيا جي هڪ پاڙيسري ملڪ، جرمنيءَ ۾، فلسطائين جو زور پهن سيني کان وڌيڪ هو: فوجڪ لاءِ فاسطائين خلاف جدوجهد جيئن پوءِ تيئن وقت جي اهم ضرورت ٿيندي ويئي. امن ۽ اتحاد قائم ڪرڻ فلسطائين جي موت لاءِ بيحد ضروري آهي.

هو پنهنجي پوريءَ قوت سان ان جهدوجهد ۾ شامل ٿيو. اها سندس وڏي خوبي هئي. جرمنيءَ جي سر زمين بابت صحيح معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ هو انتهائي خطرناڪ

وقت ۾، لڪ چوريءَ سرحد پار ڪري، سيونخ پهچي
ويو. هيءُ اهو وقت هو جڏهن هٽلر خود پنهنجن پيڙائي
ڪندڙن توڙي ٻين کي بنا ڪنهن ثبوت جي عام جام
ڦاسيون ڏياري ڇڏيون هيون.

۱۹۳۴ ۾، فوچڪ جي گرفتاريءَ جي وارنٽ جاري
ٿيڻ کان سگهوئي پوءِ، هو ٻيو ڀيرو سوويت يونين جي
سفر تي هليو ويو. سندس انهيءَ دوري بابت ”روسي
پراوو“ چار سال اڳ واري سفر کان پوءِ سوويت يونين
۾ تبديليون آيون هيون، تن هن کي تمام گهڻو
متاثر ڪيو.

۱۹۳۶ ۾ چڪوسلويڪيا واپس موٽڻ کانپوءِ، فوچڪ
نازي جرمنيءَ جي وڌندڙ خطري خلاف زبردست جدوجهد
جاري رکي. مسلسل ڪوشش جي باوجود، چڪوسلويڪيا
ڏينهون ڏينهن تباهيءَ طرف وڃي رهيو هو. سيونخ واري
معاهدي جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا. سڄي چيڪو
سلوويڪيا ۾ زبردست جلسا ۽ جلوس نڪتا، جن ۾
هزارين ماڻهن ڀرو ورتو.

۳۱ سپٽمبر ۱۹۳۸ع تي پراگ ۾ پارليامينٽ جي
ٻاهران وڏو مظاهرو ٿيو. ان ۾ فوچڪ زبردست تقرير
ڪئي. ان ڏينهن کانپوءِ عام لام بنديءَ جو اعلان
ڪيو ويو هو. فوچڪ پاڻ کي فوج ۾ ڀرتي ڪرايو،
پر وريو ڪجهه به ڪين؛ ڇاڪاڻ ته جنهن ڏينهن بعد
چيڪوسلوويڪيا حڪومت، سيولخ معاهدن قبول ڪرڻ

تي مجبور ٿي ۽ هٽلر چيڪوسلوويڪا کي هضم ڪرڻ لاءِ هٿ ڌوئي لڳو.

ميونخ جي معاهدي کان پوءِ سموريون ڪميونسٽ اخبارون بند ڪيون ويون ۽ پارٽيءَ کي ختم ڪيو ويو. سپٽمبر کان پوءِ وارن، ڇهن مهينن ۾، جيسين نازين اچا سڄي ملڪ تي قبضو ڪين ڪيو هو، تيسين فوچڪ هڪ فرضي نالي سان نازين خلاف لکندو هو. سندس مقصد هيءُ هو ته جيئن پنهنجيءَ قوم کي ايندڙ تباهيءَ کان خبردار ڪري هن چيڪوسلوويڪا جي ماضيءَ ۽ ان جي تاريخ جي عظمت تي هن گهڻو زور ڏنو. هو پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته "جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ قوم اڳيان ڏکيو وقت ايندو آهي، تڏهن هو گذريل تاريخ ڏانهن موٽندا آهن. ته جيئن ان مان رهبري، همٿ ۽ حوصلو حاصل ڪري سگهن. چيڪ قوميءَ جي ماضيءَ ۾ به ناقابل شڪست قوتون هميشه موجود رهيون آهن. قومن جي صحت مند بنيادن مان هميشه اهڙا اعليٰ حوصلي وارا ماڻهو اڀريا آهن، جن جو اعليٰ نصب‌العين هميشه سچ جو جهنڊو اوچو رکي بيٺي رهيو آهي. فوچڪ جو پنهنجيءَ چيڪ قوم ۾ پهاڙ جهڙو مضبوط ايمان هو. هڪ دفعي جڏهن ڪنهن اديب اهو لکيو، ته "قوم جي اخلاقي قوت گهٽجي ويئي آهي،" تڏهين فوچڪ پنهنجي قوم جي بجاءِ ۾ جواب ڏنو ته: اَءُ چيڪ قوم کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. سائس رهان ٿو ۽ ڪيترن

سالن ڪان ان جي خوشين ۾ غمن، لڙڪن مرڪن ۾ اميدن ۾ همٿن ڪان پوريءَ ريت واقف آهيان. قوم تي هن وقت نازين جي جيڪا مصيبت نازل ٿي آهي، سا ڪيئن نه منجهن باهم جا پنيت پاريندي؟.... مونکي اچا تائين اهڙا ساٿهو نه مليا آهن، جيڪي نااميد هجن، يا جن جي وطني ۽ قومي غيرت گهٽجي ويئي هجي....

”اسان ڪي ڏيءَ ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته فرد هڪ نازڪ هستي آهي، جنهن جي عمر به ايڏي ڪا وڏي ڪانه هوندي آهي. انهيءَ ڪري ان ڪي شايد، پنهنجي ديس جي تاريخ جو پتو نه پوي ۽ هو ان مان صحيح رهنمائي وٺي نه سگهي. پر ٻئي طرف قوم هڪ اهڙي هستي آهي، جيڪا هزارين سال زنده رهي ٿي. قوم هڪ دائمي ۽ جاندار وجود آهي، جنهن جي دماغ ۾ سندس ماضيءَ ۽ حال جا سمورا عظيم تجربا آهن ۽ جنهنجي جي رڳن ۾ وهندڙ رت هميشه هڪجهڙو ڳاڙهو آهي. هڪ اڌ فرد ڪي حقيقتون ۽ اٽل اصول وساري سگهي ٿو، پر ڪا قوم مجموعي طور ڪڏهن به نٿي وساري سگهي. ٿي سگهي ٿو ته فرد، پنهنجو بهتر مستقبل نه ڏسي يا ان ڪي نظر انداز ڪري ڇڏي، پر قوم هميشه پنهنجي بهتر آئيندي لاءِ جدوجهد ڪندي آهي. فرد جو حوصلو ۽ همت خراب ٿي سگهي ٿو، پر قوم ڪڏهن به مرڻي نه آهي. اهڙيءَ طرح قوم ڪي به ڪي خرابيون وچڙي سگهن ٿيون، پر اها انهن خرابين هيٺ

ڏيڃي ڪانه ٿي وڃي. قوم جا اڳواڻ ۽ ليڊر ٻي بقا
هوندا آهن؛ هڪڙا ويندا آهن ته ٻيا ايندا آهن، پر قوم
جو وجود دائمي هوندو آهي.

١٥- مارچ ١٩٣٩ع تي، پراگ ۽ سموري
چيڪوسلوويڪيا تي نازين جي ظلم ۽ تشدد جي اونداهي
رات ڇانئجي ويئي. جولس فوچڪ پنهنجي ملڪ مٿان
ايندڙ تباهين— جن جي اچڻ جي کيس خبر هئي، تن
کي هن پنهنجي ناول جي شروعاتي باب، ”ايندڙ نسل
جو پنهنجي پيئرن کي خطاب“ ۾، هن طرح بيان
ڪري ٿو:

”بابا، اسين ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي چٽيل ٻچ آهيون.
اسان سڀ آسري سلا ڪونه ٿينداسين. بهار اچڻ وقت
اسين سڀ انگورياسين، پر گمان آهي ته ڪنهن به وقت
دشمن جا بوٽ اسان کي لتاڙي، موت جي ننڊ ۾ سمهاري
ڇڏين. دشمن اسان تي پنهنجي غصي ٿڌي ڪرڻ يا فقط
اسان جي تباهيءَ کي مزي خاطر، ڏسڻ لاءِ ناس ڪري
ڇڏين. اسان کي اها خبر آهي ۽ انهيءَ خطري موجود
هوندي به اسان زنده رهون ٿا.“

”بابا، ائين نه سمجهو ته اسين ڪو ڏڄون ٿا. اسين
سمورا نه واقعي ڪين بچنداسون، پر اسين سڀ نه ختم
به ڪونه ٿينداسون. اسان کي اهو يقين آهي ته نئون
نسل اسان جي قبرن تان دشمن جي بوٽن جا نشان ڊاهي
ڇڏيندو. اهي سينجيل ويندا، سڪجهه وسري ويندو، ڏک

توڙي پريشانيون! اسين جيڪڏهن هجون يا مري ويل، فقط
لڦل فصل ئي تنهنجي يونين کي بڌائيندو ته کڻ ۽
کاءُ' هي آهي اسان جو جسم، اسان کي ان ڳالهه جي
وڏي خاطري آهي."

انهيءَ ناول جي شروع واري باب ۾، پار کي هڪ
تمثيل طور پيش ڪري، فوچڪ پنهنجي عظيم مقصد
سان جيڪا اڻٿئي محبت ظاهر ڪئي آهي، تنهن سندس
ناول کي هڪ اعليٰ شاهڪار بنايو ڇڏيو آهي.

چيڪ جمهوريه جي بهترين تڪليف وارن سالن ۾،
جولس فوچڪ پاڻ کي جاڳي واري تخليقي ڪم کان
پاسي رکيو. هن سياسي جدوجهد کي وڌيڪ اهم سمجهيو،
۽ ان ۾ لڳي ويو، انهيءَ هوندي به هن ادبي مطالعي
۽ تنقيد کي نظرانداز ڪونه ڪيو انهيءَ ڪري، اها
بلڪل قدرتي ڳالهه هئي ته ميونخ واري معاهدي ۽
۽ جنگ شروع ٿيڻ جي هڪ سال واري عرصي ۾ فوچڪ
انهن چيڪ اديبن ۽ فنڪارن تي ڪافي مضمون لکيا،
جن آن وقت پنهنجي تخليقي ڪم جي وسيلي پنهنجي
سياسي اڳواڻي ختم ڪري ڇڏي، جنهن وقت چيڪ قوم،
آسٽريليا جي ظلم ۽ تشدد هيٺ پيڙجي رهي هئي. انهيءَ
هڪ سال اندر فوچڪ روزمره جي سياسي واقعن بابت
نثي لکي سگهيو.

انهيءَ سڄي عرصي ۾ فوچڪ پنهنجي هڪ نئين
تصنيف، "خاموش ۽ وساريل"، لاءِ مواد گڏ ڪندو

ٿي رهيو. هن جي ڪيتري وقت کان اها خواهش هئي ته اهو ڪتاب ڪنهن به طرح ضرور شايع ٿئي. ڪتاب ۾ اڻويهين صديءَ جي انهن اديبن کي ڪافي ساراهيو ويو آهي، جن کي وقت جي اديبن ۽ ادبي جماعتن جاڻي واڻي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.

فوچڪ پنهنجي آخري تصنيف، ”ڦاسيءَ جي تختي تان“، جي هڪ عنوان، ’منهنجي وصيعت‘ ۾ هن جيڪي ٻه صفحا لکيا آهن، تن ۾ گهڻي ڀاڱي چيڪ ادب جو ذڪر ڪيل آهي. ان وصيعت جي شروعاتي لفظن ۾ لکي ٿو ته، ”لائبرريءَ کان سواءِ منهنجي ٻي ڪا به ملڪيت ڪانهه آهي، پر جرمن جاسوسي پوليس، ان کي به تباهه ڪري ڇڏيو.“ حقيقت هيءَ آهي ته جرمن جاسوسي پوليس، سندس ٽيون دفعو نئين سر قائم ڪيل لائبرريءَ کي تباهه ڪيو هو. ان کان اڳ ٻه دفعا، هو پنهنجي زندگيءَ جي هن عزيز موڙيءَ کي اکين اڳيان تباهه ٿيندي ڏسي چڪو هو.

جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ فوچڪ جي زندگيءَ جي رفتار تيز ٿي ويئي. هو بي مثال سورهيائي ۽ طاقت سان گهرو محاذ تي ٿيندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿي ويو. هو زير زمين ڪم ڪرڻ لڳو. سندس هر چر پر غيرقانوني سمجهي ويندي هئي. سندس مختصر قوت، ظالمن جي بي انداز قوت خلاف سراپا حيرت هئي! زير زمين دشمن خلاف ڪارروايون ڪندي، ڪيس هميشه پنهنجو[1] هيڊڪوارٽر

بدلائڻو پوندو هو. ڪ رات هڪ گهر ۾ گذاريندو هو ته ٻي رات وري ڪنهن ٻئي گهر ۾. لڪ چوريءَ گهٽين ۾ ميٽنگون ٿينديون هيون، ۽ هو ٽائيپ رائٽرن تي آڌيءَ رات تائين ويٺو ڪم ڪندو هو. اخبارون لڪ چوريءَ ورهايون وينديون هيون. دشمن جي سازشن کان گهٽ چاڻ رکندڙ ساٿين کي هر وقت هوشيار رکيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته تمام سجاڳ دشمن طرفان، ڪنهن به وقت گرفتارين جو ڊپ هوندو هو.

جماعتون روزانو تڙ تڪڙ ۾ رٿون بدلائن ۽ جلد فيصلا ڪرڻ ۾ وڏيءَ خبرداريءَ کان ڪم وٺنديون هيون. فوجڪ ۽ سندس ساٿين لاءِ ڪاڏي جو مسئلو به وڏيءَ اهميت وارو هو. وٽن ڪاڏي جا ڪوپن ڪونه هئا، ۽ اهي فقط انهن ماڻهن کي ملندا هئا، جيڪي پوليس وٽ رجسٽر ٿيل هئا ۽ ظاهري طور ڪو ڌنڌو ڪندا هئا. پر هن معاملي ۾ ٻين ڪمن وانگيان وطن دوست عوام، سندس وڏي مدد ڪندا هئا. هو ڪيترو به وڏي کان وڏو خطرو سر تي کڻي، کيس پاڻ وٽ رهائيندا ۽ حفاظت ڪندا هئا. اهي گمنام سورما هئا، جن جي فوجڪ تمام گهڻي واکاڻ ڪئي آهي.

هو هميشه ڏگهي ڏاڙهي ۽ عينڪ واري پوڙهي پروفيسر جي روپ ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪائي هلندو هو. هو بت ۾ پريل ۽ سهڻو نوجوان هو، ۽ پاڻ کي وڌيڪ لڪائڻ لاءِ اڪثر منڊڪائي هلندو هو. زير زمين رهڻ

واري زندگي ڪيس ڪڏهن به پريشان ڪانه ڪندي هئي. جنگ کان اڳ واري ڪجهه عرصي ۾، ڪيس زير زمين رهڻ جو چڱو تجربو ٿي چڪو هو. پر ان وقت حالتون اهڙيون خراب نه هيون، ۽ هينئر زندگي سوت واري ڪشمڪش هاندڙ هئي.

١٩٤٢ع ۾، پنهنجي گرفتاريءَ کان اڳ هن جيڪي مضمون لکيا، تن جو پس منظر اهوئي هو.

هتي اهو ياد ڏيارڻ مناسب ٿيندو ته هو ان وقت ڪيترين نئين غير قانوني اشاعتن جي هڪ ئي وقت ايڊٽنگ ڪندو هو. انهن مان هڪ خاص طرح ٻارن جو جو رسالو هو، جنهن ۾ گهڻو ڪري گذريل عظيم چيڪ اديبن جي باري ۾ مضمون شايع ٿيندا هئا. سا گڏئي وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ مکيه ميمبر جي حيثيت ۾، نازين خلاف هلندڙ جدوجهد جي سياسي رهبريءَ سان به هن جو گهاٽو تعلق هو. هن قصي جو بيان هن پنهنجي تصنيف، ”ڦاسيءَ جي تختي تان“ جي آخري باب ۾، مختصر، پر ڪڏهن به نه وسرڻ واري انداز ۾ ڪيو آهي. فيبروري ١٩٤١ع ۾، جڏهن سڄي مرڪزي ڪاميٽي گرفتار ٿي ويئي، تنهن کان پوءِ انتهائي ڏکين حالتن ۾ فوچڪ، سيرني ۽ زيڪا ٽنهي گڏجي نئين مرڪزي ڪاميٽي ڏاهي.

هن زماني ۾ فوچڪ جيڪي مضمون لکيا، سي سڀ نهايت زوردار ۽ للڪاريندڙ هئا. هو ور ور ڪري پنهنجن

پڙهندڙن کي ياد ڏياريندو رهيو ته منجهانئن هرهڪ کي شخصي طرح هٽلري راڄ خلاف ڪجهه نه ڪجهه جدوجهد ضرور ڪرڻ کپي. هن کين خاموشيءَ سان ويهي، مشرق ۽ مغرب ۾ ٿيندڙ وڏن واقعن جي نتيجن جو انتظار ڪرڻ واريءَ بريءَ عادت جي خلاف، چتاءُ ڏنو. هن لکيو، ته جڏهن وقت جو اهو اهم سوال هڪ ٻئي کان پڇيو ويندو ته ڪهڙيون خبرون آهن؟ تڏهن ماڻهن کي جنگي محاذن جي خبرن بيان ڪرڻ کان وڌيڪ هڪ ڳالهه جو اظهار ڪرڻ کپي ته هو پاڻ هٽلر خلاف لڙائيءَ جي مختلف مورچن تي پنهنجي پنهنجي جاين تي- ڪارخانن، ڳوٺن، اسٽيشن ۽ مارڪيٽن ۾ ڇا ڇا ڪري رهيا هئا. هو پنهنجي پڙهندڙن کي اپيل ڪندو هو ته کين محسوس ڪرڻ کپي ته اسين سڀ لڙائيءَ ۾ آهيون ۽ اسان کي پنهنجي سڀني قوتن منجهه اتحاد قائم ڪرڻ کپي:

”چيڪوسلاويڪيا جا شهر واسيو! ياد رکو، اسين سمورا هٽلر خلاف جنگ ۾ شريڪ آهيون. اوهان مان هرهڪ شريڪ آهي، ۽ اوهان کي هرروز پاڻ کان اهو سوال پڇڻ کپي ته اڄ هٽلري حڪومت جي تباهيءَ لاءِ مون ڪيتري قدر ڪوشش ڪئي، پنهنجيءَ قوم جي آزاديءَ لاءِ مون اڄ ڇا ڪيو؟ آءٌ آزاد زندگي بسر ڪندس، ان لاءِ مون اڄ پنهنجي هٿن سان ڇا ڇا ڪيو آهي؟ پنهنجي ايندڙ نسلن جي آزاديءَ جي ضمانت

واسطي اچوڪي ڏينهن مون ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو؟"

"ان نموني روزانه اوهان کي پاڻ کان حساب پڇڻ کپي ۽ اهو حساب اوهان کي سڄي پنهنجي سڄيءَ قوم اڳيان پيش ڪرڻو آهي!"

نازين جي طاقت خلاف عام ماڻهو جيڪي هٿيار استعمال ڪري رهيا هئا، انهن جي اثرائتي هئڻ ۾ فوچڪ جو پختو يقين هو. هو پنهنجي پڙهندڙن تي پنهنجن لکڻين ۾ زور ڏيندو هو ته واضح ۽ مخصوص سرگرميون ڪرڻ گهرجن ۽ هاڃيڪار سرگرمين سان دشمن کي ڪيئن اثرائتا ڌڪ هڻي ٿا سگهجن. انهيءَ بابت هو چٽيءَ طرح هيٺئين ريت سمجهائيندو هو:

"جيڪڏهن اسان جي ملڪ جي ريلوي جا ٥٠ هزار مزدور روزانو ٽرڪن ۽ ريلوي انجڻ جي بيرنگس ۾ ڌوڙي واري وجهي ڇڏين، ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته ستر هزار ٽرڪ يا ريلوي انجڻيون بيڪار ٿي وينديون. جيڪڏهن اسان جا ڏهه لک ڳوناٽا هر هفتي هڪڙو ڪڪڙ جو آنو راشن کان سواءِ ڪنهن چيڪ پارٽي وڪڻن، ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته هر هفتي اسان جي ٻارن جي صحت لاءِ ڏهه لک بيضا مليا ۽ هٽلري قاتلن جي ڪاڏي مان ڏهه لک بيضن جي کوٽ ٿي.

"جيڪڏهن چيڪوسلاويڪيا جي هٿيارن جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ڏهه لک مزدورن مان هرڪو

روزانہ ڏڪڙو پرزو گهٽ ڏاهي، تہ ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو هٽلر جي جنگي مشينن لاءِ روزانہ ڏهہ لک پرزا گهٽبا ويندا."

"جيڪڏهن ٣٠ هزار چيڪ ڊاڪٽر پنهنجي علاج هيٺ رهندڙ مزدورن جي هفتي ۾ هڪ ڏينهن بيماريءَ جي موڪل وڏائي ڇڏين تہ ان جي معنيٰ ٿيندي ڏهاري ڪارخانن ۾ ٽن لکن ڪلاڪن جي ڪم جي کوٽ."

"اهڙيون حالتون پيدا ڪريو، جيئن چيڪ سرزمين تي نازين کي هرقدم کڻڻ مهل خطرو محسوس ٿئي ۽ کين بلڪل اهو يقين ٿي وڃڻ کپي، تہ هو ايندڙ وڏيڪ منٽ تائين زنده رهندا يا نہ، يا ٻيو منٽ کين جيئرو رهڻ نصيب ٿيندو يا نہ."

فوچڪ، چيڪ قوم تي ظلم ڪندڙن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃائيندو هو. جڏهن هٽلر جي پروپيگنڊا کاتي جي بدنام وزير، گوئبلس ڌمڪيون ڏنيون، چيڪ دانشورن کي نازي نظام سان سهڪار ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي، تڏهن فوچڪ گوئبلس کي خطاب ڪندي، دانشورن طرفان کيس هڪ کليل خط لکيو، جنهن ۾ نهايت اندر وڃيندڙ طنز سان کيس جواب ڏنو هئائين. اهو خط غيرقانوني طرح لڪ چوريءَ ڇپرائي عام تقسيم ڪيو ويو.

جڏهن ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا جي ماهر، هٽلري وزير، پراگ ۾ هڪ نمائش ڪرائي، جنهن کي "سوويت

بهشت" سڏيو ٿي ويو، تڏهن فوچڪ کي هڪ دلچسپ خيال آيو ۽ هن انهيءَ ڪوڙيءَ پروپيگنڊا جي جواب ۾ پنهنجي سر پاڻ جيڪي سوويت يونين ۾ ڏٺو هو، اهو ڪتابچي جي صورت ۾ شايع ڪري تقسيم ڪيو. هن ان جو نالو "نمائش جو رهبر" رکيو، جنهن ۾ انهيءَ نمائش ۾ رکيل هرهڪ تصوير جي صحيح سمجهاڻي ڏني ويئي هئي. هن ڪتابچي جو مهاڳ فوچڪ جي پنهنجي مخصوص انداز ۾ هيئنءَ ريت آهي:

"جوزف گوئبلس پراگ ۾ هڪ نمائش ڪرائي آهي، جنهن کي "سوويت بهشت" سڏيو اٿس. هن جو خيال ڏاڍو عمدو آهي ۽ نمائش جو انتظام بهتر آهي. پر سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته انهيءَ سموريءَ ڪوشش جو نتيجو سندس دلي منشا ۽ مراد کان بالڪل ابتڙ نڪتو آهي!"

زير زمين هلندڙ تحريڪ طرفان، نازين کي هڪ گهڙي ساعت به آرام جي ڪانه ٿي ڏني وئي. جيئن جيئن جنگ ڊگهي ٿيندي پئي وئي، تيئن هو پاڻ به محسوس ڪرڻ لڳا ته ساڻن کلئي ميدان کان وڌيڪ زير زمين مقابلو ڪندڙن جي زبردست لڙائي آهي. فوچڪ هن صورتحال کي پنهنجي خاص انداز ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

"اسين اڄ هتي زير زمين آهيون، ائين نه، جيئن ڪنهن کي جيئري دفن ڪجي، پر سوشلسٽ فصل جي سالم ٻج وانگر، جيڪو ٻڌار جي سج جي تپش سان

سچيءَ روءِ زمين تي اڀري ايندو آهي.“

انهيءَ زير زمين زندگيءَ واري عرصي ۾ فوچڪ کي هميشه انساني عالمي برادريءَ جو احساس رهندو هو. پنهنجي گرفتاريءَ کان فقط ٻه مهينا اڳ، فيبروري ۱۹۴۲ ۾، هن سوويت يونين جي سرخ فوج کي هيٺيون مرحبائي پيغام موڪليو هو:

”سرخ فوج جا بهادرو! اسين زير زمين، زندگيءَ جي گهرائين مان اوهان کي سلام ٿا ڪريون. اوهين عظيم الشان حوصلي ۽ خود قربانيءَ سان پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا آهيو ۽ ائين ڪندي اوهين اسان جي يورپ جي سڀني مظلوم قومن جي آزاديءَ لاءِ سر تريءَ تي رکي بيٺا آهيو.“

هيءُ هو اهو طاقتور انسان، جنهن کي ۲۴ اپريل ۱۹۴۲ع جي بهار جي ڊڪ وٽندڙ شام جي وقت، اتفاق سان نازين پڪڙي ورتو. پنهنجي هن مختصر ڪتاب جي شروعات ۾ فوچڪ انهن ئي لفظن سان ڪئي آهي ۽ گڏو گڏ پنهنجي پڙهندڙن کي خود ان عظيم جدوجهد ۾ وٺي ٿو وڃي.

فوچڪ جي بنديخاني جا ۱۸ مهينا ۽ ۲۴ ڪلاڪ هئا، جن مان ۲۴ ڪلاڪ وڏي جسماني عذاب سان گذريا. عام طرح نازي هرقيديءَ جي همت ۽ حوصلي ٽوڙڻ جي بي‌انتها ڪوشش ڪندا هئا. انهن چوويهن ڪلاڪن جي جسماني عذاب متعلق لکي ٿو ته ”سواءِ

هڪ ۾ مختصر گهڙين جي، باقي سانده چارڏينهن مڪمل طرح بي هوش هوس. مون کي جيڪي عذاب ڏنا ويا، سي سڀ رڳو جسماني ۾ نه هئا." هنن عذابن هلندي هڪ دفعو نازي سندس زال، گستا، کي انهيءَ اميد سان اڳيان وٺي آيا ته من هن کي ڏسي، ٻه چار لفظ ڳالهائي مگر زير زمين هلچل هلائڻ جي اصولن پٽاندر ٻنهي قيدين هڪ ٻئي جي سامهون اچڻ تي، سو رڳو هڪ ٻئي کي جاڻ سڃاڻ کان ئي لا علمي ڏيکاري.

محبت ۽ مستقل مزاجيءَ جو مجسمو، گستا، هڪ نهايت دلير عورت هئي، جنهن جو خود فوچڪ پنهنجي بنديخاني واري ذڪر ڪندي هنن لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي، "هن ننڍڙيءَ شخصيت ۾، جنهن جو چگن نقشن وارو منهن ۽ نماڻيون اکيون آهن، ڪيڏي نه بلا جي قوت آهي...."

گستا: جولس فوچڪ جي قيد واري زماني ۾، پاڻ ٻه هڪڙو سال پانڪريڪ جيل ۾ رهي، جنهن ۾ فقط هڪ يا ٻه ڀيرا پنهنجي مڙس کي ڏسي سگهي هئي. ان کان پوءِ جنگ جي خاتمي تائين، يعني ٽن سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو، ريونس بروڪ جي نظربنديءَ واريءَ ڪيمپ ۾ رهي. ڪجهه سال پوءِ، هڪ دفعي پانڪريڪ جيل ۾ پنهنجي مڙس کي ڏسڻ واري واقعي جو هن طرح ذڪر ڪيو اٿس: "فوچڪ جي گرفتاريءَ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ، آءٌ ڏسان ٿي ته سندس

سامهون بيٺي آهيان. رات جو وقت هو ۽ نازي مون کي پٽيسچڪ محل جي ۴۰۰ نمبر ڪوٺيءَ ۾ وٺي آيا هئا. مون کي سڌ ئي ڪانه هئي ته هو ڪو گرفتار ٿي چڪو آهي آءٌ ڪوٺي نمبر ۴۰۰ ۾، سامهون هڪ بينچ تي گوڏن تي هٿ رکي ويٺي رهيس. سڄي ڪوٺي اسان قيدين ۽ جرمن پوليس وارن سان ڀريل هئي. اسان کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ ته ڇڏيو، پر چرپر ڪرڻ جي به اجازت ڪانه هئي. مون ٿورو ڪنڌ مٿي ڪٿي چوڌاري نهاريو، ته ڏسان ڪو سڃاڻو ته ڪونهي! ايتري ۾ منهنجي نظر ڪامريڊ جيانڪووا تي پيئي. اسان اکين، اشارن ئي اشارن ۾ ظاهر ڪيو ته اسين هڪٻئي کي ڪونه سڃاڻون. ان بعد اوچتو دروازو کليو. فوچڪ دروازي مان سامهون مون ڏانهن اچي رهيو هو. پير اگهاڙا هئس ۽ قميص جي ٻانهن کان رت پئي اڙدس. سخت مار ماڻ سبب منهن ۾ بيحد لٿل ۽ بيحد بيلو ٿي ويو هو. سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار منجهيل ۽ ڦٽيل ٿي لڳو. وات مان به رت وهي رهيو هوس، ۽ پنيان هڪ نازي سپاهي کيس لغيون هڻندو اڳتي ڌڪي رهيو هو. پوءِ کيس هڪ ڪنڊ ۾ ڌڪي، ڀت ڏانهن منهن ۽ اسان ڏانهن پٺ ڪري بيهاريائونس. فوچڪ آهستي آهستي قدم کڻندو، دروازي کان اهڙيءَ طرح اندر پئي آيو، ڄڻ کيس اٿ جي ڌڪڻ جو ڪو احساس ئي ڪونهي ۽ کيس طاقتور پوليس واري جي لغين جو ڪو

پٽو ئي نہ آهي. ۽ جڏهن هو ڪوٺيءَ ۾ پهتو، تڏهن هڪدم منهن ڦيرائي اسان ڏانهن ڪيائين ۽ اوچي ڳاٽ اسان ڏانهن نهاريائين، جنهن تي اسان خود حيرت وچان پنهنجا ڪنڌ هيٺ ڪنيا. ان وقت نازي سپاهين جي گهيري ۾ هڪ شڪست کاڌل بي وس انسان وانگر نہ، پر هڪ فاتح وانگر بي پرواهہ ٿيو بيٺو هو ۽ سندس چوڌاري بيٺل پوليس وارا شڪست کائي چڪا هئا. هو هڪ اهڙو فاتح هو، جنهن کي جسماني طور ختم ڪرڻ کان سواء، نازي ڪيس ڪابہ شڪست ڏيئي نہ ٿي سگهيا.

”جولس پنهنجي امر تصنيف، ’ڦاسيءَ جي تختي تان‘ ۾، جان‌سپاريءَ جو جنهن نموني ذڪر ڪيو آهي، سو خود سندس ئي حالتن سان پوريءَ طرح ٺهڪي ٿو اچي. هو لکي ٿو تہ: ”بهادر انسان، جيڪو جيئرن کي اڳتي وڌڻ لاء رستو ڏيکاريندو رهيو – اهڙو رستو جيڪو خود هن جي پنهنجي ئي موت جو ڪارڻ بڻيو.“

هڪ اخبار نويس جي حيثيت ۾، فوچڪ کي بنديخاني جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ جيڪو وڏي کان وڏو انعام مليو، سو هيءُ هو تہ هڪ همدرد پهريدار جي ڪوشش سان ڪيس وري پنهنجي محبوب مشغوليءَ جو موقعو مليو – اهڙو موقعو جڏهن موت جو رسو سندس ڳچيءَ ۾ پيل هو. هو پنهنجي ماحول ۽ حالتن کان بي پرواهہ نهايت حليمائي، ٿڌي سيني، ڳوڙهيءَ نظر، لافاني همت، گهري انساني شعور ۽ نغمن سان ڀرپور دل طرفان پنهنجن

سمورن، جذبن ۽ امنگن کي قلمبند ڪيو.

نازين چي سخت چوڪسيءَ جي باوجود هن جي هيءَ تصنيف هڪ هڪ صفحو ڪري، پانڪريڪ جيل مان ٻاهر ڪڍي، چيڪ گهرن ۾ هڪ قيمتي ٻج وانگر سانڍي ويئي. هن قيمتي دستاويز کي ان وقت تائين حفاظت ۾ رکيو هو، جيسين ملڪ تي آزاديءَ جو سپاڳيو سج طلوع ٿئي.

قيدخاني ۾ فوچڪ کي پنهنجي سائين جي همت ۽ حوصلي جو پورو احساس ٿيو، جن ۾ ظالم نازين سان مقابلو ڪندڙ چيڪ مرد ۽ عورتون شامل هيون. ”جيل هڪ عظيم اجتماعيت آهي. مختصر لفظن ۾ ائين چئجي ته عظيم ڪارناما ڪندڙن جي عظيم برادري....“ هن اجتماعي قوت جي وڏي ۾ وڏي آزمائش، ڪوٺي نمبر ٤٠٠ هئي، جتي نازي، قيدين کي سخت عذاب ڏيئي، خفيه رازن جون پڇائون ڪندا هئا. فوچڪ جيڪو هميشه اڳرائيءَ جي جذبي ۾ هوندو هو، تنهن هن جاءِ تي هڪ اهڙي بهادر سپاهيءَ جيان مقابلو ڪيو، جيڪو محاذ تي اڪيلو رهجي ويندو آهي ۽ دشمن چوڦير گهيرو ڪري ويندا اٿس. انهيءَ محاذ جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري:

”هڪ اهڙي خندق جا دشمن جي قبضي ۾ اچي ويئي هجي ۽ جيڪا آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندڙ سائين ۽ ساريءَ قوم جي همت ۽ ايڪتا جي ضامن هجي.“

فوجڪ جي اها خاصيت هئي ته هو هر ظلم ۽ تشدد برداشت ڪرڻ وقت پنهنجيءَ دل ۾ سڀ کان وڏيڪ خيال انهن گمنام سورمن ڏانهن ڏيندو هو، جن سڀني گڏجي دشمن جي مقابلي لاءِ تحريڪ کڙي ڪئي هئي. جيل جو هڪ ساٿي پيسيڪ، سٺ ورهين عمر جو هڪ اسڪول ماستر هو. فوچڪ اڪثر ڪري کيس چوندو هو ته "تون هڪ ننڍڙو يادگار تعمير ڪري رهيو آهين." فوجڪ کي هن ڳالهه جو احساس هو ته اسان پڻ باقي بچيل جيئرا ساٿي، شال کيس سهڻي نموني ياد ڪن. انهيءَ نقطي جي هن وٽ وڏي اهميت هئي، جيئن پاڻ هڪ هنڌ ذڪر ڪري ٿو ته: "آءٌ چاهيان ٿو ته هو سڀ ساٿي تنهنجي ويجهو هجن، ۽ اهي جن کي تون سڃاڻين— اهي جيڪي تنهنجو ئي رت ۽ گوشت آهن ۽ خود تو وانگر آهن" ۱۹۴۳ع جي اونهاري ۾، فوچڪ کي پانڪريڪ جيل کان برلن جي هڪ جيل ۾ بدلي ڪيو ويو. هتي هڪ ڊرامائي انداز سان مقدمي هلائڻ بعد کيس موت جي سزا ڏني ويئي. ۸ سيپٽمبر جي صبح سوير، جيڪ عوام جي هن بهادر ساٿيءَ کي ختم ڪري، نازين پنهنجي موت جو سامان ڪئو ڪيو.

هن بهادر ساٿيءَ جو آخري خط، جيڪو پاڻ برلن مان لکيو هئائين، اهو خوش قسمتيءَ سان محفوظ آهي. ان ۾ لکي ٿو:

"عزيز ساٿيو، شايد اوهان کي معلوم هوندو ته

سون کي اڳوڻي جاءِ ڇڏڻي پئي. سون کي بائوتزن ۾
٢٣- آگسٽ تي اوهان جي خط ملڻ جي اميد هئي.
پر ان بجاءِ سون کي برلن (پئي جيل ڏانهن) مان دعوت
آئي. ٢٤ آگسٽ تي آءٌ بورلينس ۽ ڪانيس مان لنگهيس.
٢٥ آگسٽ جي صبح جو منهنجو ڪيس شروع ٿيو ۽
منجهند تائين پورو ٿي ويو- ٿيو ائين ئي، جيئن دل ۾
سمجهيم ٿي. هاڻي آءٌ هتي پلوتيزنيسي جي هڪ ڪوٺيءَ
۾ هڪڙي ڪامريڊ سان گڏ آهيان. ڪاغذ جون ٿيلهيون
پيا ٺاهيون ۽ گيت پيا ڳايون، ۽ گڏو گڏ پنهنجي ڦاسيءَ
جي واري جي انتظار ۾ پڻ آهيون. ان ۾ ڪجهه هفتا
وڃي رهيا آهن، پر بعضي ته مهينا به گذريو وڃن.
اميدون سرءُ جي پنن وانگر بالڪل آهستي ۽ نرميءَ
سان غائب ٿينديون وڃن. بعضي هھڙين حالتن تي ويچار
ڪندي خوش مزاج انسان به مايوس ۽ اداس ٿيو پون،
پر وڻن کي ڪوبه نقصان ڪونه ٿو ٿئي. اهو سڀڪجهه
قدرتي ۽ لازمي آهي. جيئن سيارو وڻن ۽ ٻوٽن کي
نئين زندگي ٿو بخشي، تيئن انسان کي به هڪ نئين
قوت ٿو ڏئي! يقين ڪريو ته حالتن سون کان ڪجهه
به کن کسيو آهي. اها دائمي خوشي، جيڪا سدائين
سون ۾ رهي آهي، تنهن ۾ ڪابه گھٽتائي نه آئي آهي،
بلڪ هر روز منهنجي ذهن ۾ بيٿوون جو نئون نغمو
جاڳي ٿو اچي. انسان پنهنجي حياتي قربان ڪرڻ سان
ڪو گھٽجي نٿو وڃي. آءٌ اوهان کي، دلي گذارش ٿو

ڪريان، ته جڏهن سڀڪجهه ٺيڪ ٿي گذري، تڏهين اوهين مون کي ڏک سان نه، پر انهيءَ خوشيءَ سان ياد ڪجو، جيڪا منهنجي سڄيءَ حياتيءَ ۾ مون سان ساٿ ڏيندي رهي آهي. هي سڀ اڳتي وڌندڙ قافلي لاءِ لازمي حقيقتون آهن. مون کي خبر آهي ته اوهين پاڻ به جيڪي ڪجهه ممڪن آهي، تنهن جي پورائي ۾ پٺتي ڪين ويندؤ. پر جي ائين نه به ڪري سگهو، ته پوءِ به ان لاءِ مايوس يا ڏکارا ڪڏهن نه ٿجو.

هڪ ڏينهن هر ڪنهن جو انت اچڻو ئي آهي. منهنجي پيءُ جي باري ۾ جيئن بهتر سمجهو، ائين ڪجو. جيڪڏهن ڪيس ڪجهه پڌائڻ ضروري سمجهو، ته پوءِ اهو خيال ضروري رکجو ته هن وڏيءَ عمر ۾ ڪيس ذهني تڪليف نه پهچي. بهرحال جيئن اوهين مناسب سمجهو، تيئن ڪجو. چوڻ ته اوهين منهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي وڏيڪ ويجها آهيو.

”مهرباني ڪري مون کي احوال ڏيو ته گستا جو ڪهڙو حال آهي؟ ڪيس منهنجا گرمجوشيءَ وارا سلام پهچائجو! شل هو هميشه اڪيلي نه هجي، جيڪا مون هميشه محسوس پئي ڪئي آهي. هو اجا جوانيءَ جي جذبن سان پرپور آهي ۽ ڪيس وڌوا رهڻ جو حق ڪونهي، شايد هوءَ چوي ته ’ائين ممڪن ناهي‘، پر ائين آهي. هوءَ هر ساٿيءَ جي جاءِ پري سگهي ٿي، پل ڪيڏي به جاڪوڙ ۽ جوابداري ماڻهس وڏي وڃي. پر هينئر

ڪيس خط لکي، اهو احوال نہ ﭘﮩﺘﺎئجو. انهيءَ وقت جو انتظار ڪجو، جڏهن هوءَ بنديخاني مان زنده موٽي ٻاهر اچي.

"هاڻي شايد اوهان (جن سڀني کي سڃاڻان ٿو) اهو معلوم ڪرڻ چاهيندا تہ آءٌ حياتيءَ جون باقي گهڙيون ڪيئن ٿو گذاريان؟ يقين ڄاڻو تہ آءٌ بلڪل ٺيڪ آهيان. هتي بہ ڪتابن ۽ اخبارن سان وندر اٿم ۽ سڀ ڪان وڌيڪ ڳالهہ تہ ڪوٺي ۾ اڪيلو ناهيان. جيڪو وقت گذرندو پيو وڃي، اهو جيئن.... ڪامريڊن جو چوڻ آهي، بلڪل تيزيءَ سان! هتي اسان سان، جيئن ٻئي هنڌ جرمنيءَ ۾ ٿئي ٿو، بلڪل سٺو برتاءُ ڪيو پيو وڃي. مثال طور بانترل جيل ۾، اسان کي ڪاڏي جي شين جا پارسل بہ ملندا هئا. اسان انهن پارسلن جي تقاضا ڪانہ ڪئي هئي، پر اهي هر ڪنهن قيديءَ کي ملندا هئا. توهان کي سڏ آهي تہ منهنجي دل ۾ جرمن عوام لاءِ ڪابہ نفرت ڪانهي. بهرحال، جنگ اڃا جاري آهي."

اها خوش قسمتيءَ جي ڳالهہ آهي جو فوچڪ جي ڪيس جو نازين طرفان تيار ڪيل سڄو رڪارڊ موجود آهي. اهو ١٩٥٠ع ۾ هٿ آيو. هن رڪارڊ جي سمورن ڪاغذن تي جرمن سپريم ڪورٽ جي نوبل جون صحيحون پيل آهن. ان ۾ فوچڪ جون ٻہ تصويرون بہ شامل ڪيل آهن- بہ پاسن کان ورتل ۽ هڪڙي

سندس سنهن جي سامهون ورتل، هن تصوير ۾ سندس کاٻيءَ اک جي هيٺان گهرو نشان نظر پيو اچي، چڻ چاڪوءَ جي زخم جو نشان هجي.

هن رڪارڊ مان اها ڳالهه به ظاهر آهي ته نازي دردندا، جن لکين ماڻهن کي بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي قتل ڪري ڇڏيو، تن فوچڪ لاءِ قانوني ڪيس هلائڻ جو ڍونگ ڇو رچايو هو؟ هن کي انهيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي خواهش هئي ته فوچڪ ۽ سندس ساٿين جي گرفتارين سان، چيڪوسلاويڪيا ۾ مقابلي جي سموري هلچل ختم ٿي وئي آهي، يا نه، هن ڪيس هاڻ واري ڏينهن، هٽلر جي ٽن چاڙتن کي جن جو چيڪوسلاويڪيا جي قوم سان تعلق هو، تن کي تمغا ڏنا وياه اهي هئا هيمار، وليم فرڪ ۽ فرئنڪ، جنهن کي هائيڊرڪ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، بوهيميا ۽ موراويا جو حڪمران مقرر ڪيو ويو.

ڪيس جي ۱۳ ٽائيپ ٿيل صفحن مان ۹ صفحا فوچڪ جي باري ۾ آهن ۽ ۳ بيريڪ بابت، جنهن پنهنجن ساٿين سان غداري ڪئي هئي. پر ان جي باوجود ڪيس به موت جي سزا ڏني وئي. هڪڙو صفحو ليداپلاچا بابت آهي، جيڪا، هڪ حد تائين فوچڪ جي هوشياريءَ ۽ مٿس پردي وجهڻ جي ڪوشش سببان ۽ ڪجهه قدر پنهنجيءَ همت ۽ حوصلي، سببان، موت جي سزا کان بچي وئي هئي.

برلن جي ڪورٽ ۾ تيز روشني هئي. هي ٢٥ آگسٽ ١٩٤٣ع جو واقعو آهي. پوڙهين نائين وڳي ڪيس جي مرڪزي شخصيت، فوچڪ، کي ڪورٽ ۾ آندو ويو. شاهدن جي بينچن تي بيريڪ ۾ ليڊاپلاچا وينل آهن. ٩ بجي جج ڪورٽ ۾ داخل ٿـي پنهنجين جاين تي ويهن ٿا. ڪورٽ جو صدر رولينڊ فرزلر، فوچڪ کي هيٺين ءَ طرح خطاب ڪري ٿو:

”جوابدار فوچڪ! ڇا تون اهو قبول ٿـو ڪرين تہ تو جرمن حڪومت جي سلامتيءَ خلاف، هٿيار بند بغاوت ۽ انقلاب جي لاءِ سازش جو جوابدار آهين؟“

”آءٌ پنهنجي ملڪ توهان جي حڪمراني تسليم نہ ڪونہ تو ڪريان. منهنجي خيال ۾ اوهان کي پنهنجيءَ ڪورٽ ۾ مون تي ڪيس هلائڻ جو ڪو اختيار نہ ڪونهي“ فوچڪ ٺڏي نموني جواب ڏنو.

”آءٌ تو کي هتي تقرير ڪرڻ کان منع ٿو ڪريان، فقط سوال جو جواب ڏي، ڇا، تون قبولدار آهين تہ پنهنجين سرگرمين سان تو جرمنيءَ جي دشمن، بالشويڪ روس، جي مدد ڪئي آهي؟“

فوچڪ جيڪو هميشہ اڳرائي ڪرڻ جو عادتي آهي، تنهن هن مايل موقعي جـو فائدو وٺندي، هيٺين لفظن سان شروعات ڪئي:

”دائو، مون سوويت يونين جي مدد ڪئي آهي. مون سرخ فوجن جي مدد ڪئي آهي ۽ اهوئي منهنجي

۴. سالن جي زندگيءَ جــو سڀ کـان عزيز ۽ بهتر
ڪم آهي...."

فوچڪ لاءِ نہ رڳو سرڪاري وڪيل نوبل، پر
خود هن جي بچاءَ لاءِ مقرر ڪيل وڪيل، هاف مين،
به هن کي موت جي سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو.

فوچڪ تي ڪوبہ اثر نہ پيو. هن پنهنجي تقرير
پوري ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ نازي حڪومت جي هن
سڀ کان اهم ظالمانہ قلعي ۾، نـازي اسٽينوگرافر هن
جي سموري تقرير نوٽ ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

"آءٌ چيڪوسلاويڪيا جي ريپبلڪ ۾ ڪميونسٽ
پارٽيءَ ۾، داخل ٿيس، ڇو جو آءٌ سرمايداري نظام کي
برداشت ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ هوس. منهنجو پختو
اعتقاد آهي تہ هن جنگ کان پــوءِ نئون دور شروع
ٿيندو. سون پنهنجي هم وطنين جــي مدد ڪرڻ لاءِ
زير زمين ڪارروايون شروع ڪيون، تہ جيئن اسانجي
ملڪ تي قبضو ڪندڙن ظالمن ۽ ساڻن سهڪار ڪندڙ
چيڪ قوم جي غدارن کي بہ ملڪ مان تڙي ڪيون
در اصل منهنجي ذهن ۾ ان کان بہ گهٽو ڪجهہ
وڌيڪ هو. جيڪڏهن اسان جي سموريءَ جدوجهد کان
پوءِ، آزاديءَ ماڻ بعد، حڪومت وري بہ انهن ماڻهن
جي هٿ چڙهي، جيڪي منهنجي قوم جي هن مصيبت
لاءِ ذميدار آهن ۽ جن ظاهري طرح وڏين دعوائن جي
باوجود ۱۹۳۸ع ۾ ملڪ سان غداري ڪئي آهــي، تہ

پوءِ اسان جي سموريءَ جدوجهد توڙي بيشمار قربانين جي ڪابه معني ڪانه رهي. اها ڏک نهايت افسوس جهڙي ڳالهه ٿيندي، جو آزاديءَ ڪان پوءِ به اهي ئي پراڻا سياستدان ۽ چيڪ عوام جو رت چوسيندڙ پيهر طاقت ۾ اچن. ٻين لفظن ۾، اسان جي زير زمين انقلابي سرگرمين جو مقصد اسان جي عوام لاءِ حقيقي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ چيڪوسلوويڪيا کي سوشلسٽ مملڪت بنائڻ لاءِ تياري ڪرڻ آهي."

فرزلر جو منهن لال ٿي ويو ۽ هو ڪاوڙ وچان ڪنبي رهيو هو. هن زمين تي پير هنيا ۽ واڪا ڪيا. فوچڪ ڏک گهڙيءَ لاءِ به پنهنجو آواز بند نه ڪندي ۽ پنهنجو ڪنڌ اوچو رکندي، ججن جي منهن ۾ گهور سان نهاريندي، هيٺيون چئلنج ڪيو:

"اوهان پنهنجي طرفان منهنجي لاءِ سزا پڙهي ٻڌايو، يقين اٿم ته ان ۾ هڪ ماڻهوءَ جي موت جو اعلان ڪيو ويندو. پر ٻڌي ڇڏيو ته منهنجي طرفان به اوهان کي سزا ڏيڻ جو اڳي ئي اعلان ٿي چڪو آهي. انهيءَ سزا جي فتوا سڄيءَ دنيا جي انسانن جي خون سان لکي وئي آهي، يعني فاشزم لاءِ موت! سرمايدارانه سرشتي لاءِ موت ۽ انسانذات لاءِ زندگي! ۽ ڪميونزم لاءِ مستقبل!...."

۲٦ آگسٽ تي فوچڪ کي برلن جي اتر اولهه پسگردائيءَ ۾ پلوتزينسي قيدخاني ۾ آندو ويو. رواجي

طرح موت جي سزا تي عمل ٿيڻ کان اڳ، ڏک سو ڏينهن لاءِ قيدين کي هتي رکيو ويندو آهي. پر فوچڪ جي معاملي ۾ نازي وڏيءَ تڪڙ ۾ ٿي ڏٺا. هڪ دستاويز ۾، جرمن سيڪريٽري آف اسٽيٽ، ڊاڪٽر راٿن برگر، جو فيصلو ڏنل آهي، جيڪو جرمن جي اعليٰ سرڪاري وڪيل ووڪ کي مليو. اهو دستاويز ۷ سيپٽمبر تي، پلوترينسي جيل جي ڪمانڊنٽ آفيسر کي پهچايو ويو. ان ۾ لکيل هو ته ”فوچڪ جي سزا بنا دير عمل ۾ آندي وڃي.“

۷ سيپٽمبر جي شام جو فوچڪ کي جيل جي ٽئين نمبر بلاڪ ۾ هڪ ڪوٺيءَ ۾ آندو ويو، جتي موت جي سزا تي عمل ٿيڻ کان اڳ، قيدين کي رکيو ويندو آهي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سپريم ڪورٽ جي سرڪاري وڪيل نوبل، فوچڪ جي ڪوٺيءَ ۾ اچي، اعلان ڪيو ته:

”جرمن حڪومت جي فيصلي موجب آءٌ قانون جي نالي ۾ اعلان ٿو ڪريان، ته جولس فوچڪ تي پاس ٿيل سزا، ۸ سيپٽمبر صبح جو سوير، چار لڳي پنجاهه منٽن تي، عمل ۾ آندي وڃي.“ فوچڪ پنهنجي موت جي سزا جو اعـلان ٻڌندي، بنا ڪنهن پريشانيءَ جي هڪدم ورائيو:

”اوهان جي جرمن حڪومت وڏيءَ تڪڙ ۾ آهي.

هن ڪي ڊپ آهي ته شايد هڪ سو ڏينهن ڪٿي سندس خاتمو نه اچي وڃي. اوهان سڀئي انهيءَ پريشاني ۾ آهيو ته متان سڀني قيدين کي سزا ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي روسي فوجون برلن ۾ پهچي، اوهان جو موت نه آڻين.“

صبح جو فوچڪ کي ڦاسيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ لڳا، ته هن وڏي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. نازين هڪدم هن جي وات کي ڪٽي ڇڏيو. مگر ٽئين نمبر بلاڪ ۾ ٻين قيدين اهو راڳ ڇڏي ورتو، ۽ هو زور زور سان ڳائڻ لڳا.

پانڪريڪ جيل واري زماني ۾، فوچڪ هڪ هنڌ لکيو هو ته ”نغمن کان سواءِ به زندگي ڪانهي- جيئن سج کان سواءِ زندگي نه آهي.“ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته فوچڪ جي جذبو، هڪ اهڙو غيرمعمولي جذبو آهي، جيڪو ڪڏهن به مري نٿو سگهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

”مون زندگيءَ سان محبت ڪئي آهي ۽ ان جي حسن کي وڌائڻ لاءِ ئي جنگ جي ميدان ۾ آيو آهيان.“

اهو جنگ جو ميدان جتي فوچڪ ڦاسي دردناڪ سان لڙندي پنهنجي جان ڏني، ۽ ڳڏو گڏ اتي انسان ذات لاءِ هيٺين لفظن ۾ هڪ پرجوش ۽ لازوال پيغام پڻ ڇڏي ويو:

”همو طنو! مون هميشه مظلوم عوام سان محبت ڪئي آهي، اوهان ان جي دشمنن کي ڪڏهن به معاف نه ڪجو!“

———

فوچڪ جي حياتيءَ بابت مختصر نوٽ

ليکڪ: اسٽيفن جولي

۱۹۳۹ کان ۱۹۴۵ع تائين، جنگ واري عرصي، ڪيترا اهم دستاويز وجود ۾ آئي، ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتا، جيڪي شايد سولائيءَ سان هميشه لاءِ ناس ٿي وڃن ها. اجا به گمان آهي ته ڪي اهڙا دستاويز هجن، جي اسان تائين پهچي نه سگهيا. هيءَ خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي ته فوچڪ جو لا زوال مسودو، جيڪو هن پاڻ قيدخاني ۾ لکيو سو چند انهن مسودن مان آهي، جيڪي سلامت رهجي ويا آهن.

نازين تي فتح حاصل ڪرڻ کان ڪجهه وقت پوءِ، هي مسودو پڻ ايني فرانڪ ۽ پيٽر موئن جي ڊائرين وانگر هڪ اهڙو دستاويز ثابت ٿيندو، جيڪو ايندڙ ڪيترين ورهين تائين انهن مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي ياد ڏياريندو، جيڪي جنگ جي زماني ۾، هڪ غيرملڪي طاقت هٿان انفرادي طور ڪيترن مردن، عورتن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين، برداشت ڪيون.

هي دستاويز اسان جي زماني جا آهن- ڪردار مختلف آهن ۽ انهن لکيتن ۾ انساني تجربن کان وڌيڪ ظلم ۽ دٻاءُ هيٺ پسجندڙ بهادر انسانن جي همت، حوصلي ۽ خود قربانيءَ جا حيرت انگيز خاڪا پيش ٿيل آهن.

ظالم در هند ساگيو آهي ۽ جتي جتي هو پهچي ٿو، ۽ جنهن به ملڪ تي سندس حڪمراني ٿئي ٿي، اتي هڪڙي نئي قسم جي دهشت، ظلم ۽ ڌهڪاءُ ڦهلائي ٿو. پر محڪوم ۽ ظلم جو شڪار عام انسان ذات، سڀڪجهه برداشت ڪرڻ جي باوجود به ٻڌيءَ ۽ اتحاد بجاءِ رنگ، نسل ۽ مذهب جي ڪري ڇڙوڇڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ايني فرانڪ هڪ خوش مزاج غير ذميندار، حساس ۽ گهري نظر رکندڙ نوجوان ڇوڪري آهي، جا پنهنجي قلم جي وسيلي ڪهاڻيءَ کي اهڙيءَ چٽائيءَ سان پيش ڪري ٿي، جهڙي هوند ڪو سڄو افسانه نويس لکي سگهي. ٻئي طرف پيٽر موئن آهي— انتهائي مايوس ۽ دلشڪسته، بيمار ۽ اداس. دنيا ۾ بلڪل اڪيلو، جنهن جا جرمن سان مقابلي وارين سمورين سرگرمين سان لاڳاپا ٽٽي چڪا آهن ۽ ڏاڍيءَ تڪليف سان جڏهن پنهنجي خدا سان ملڻ جون راهون پيو ڳولي، مگر ملنس نٿيون ۽ ٻئي طرف جولس فوچڪ خوش مزاج. هو ايني فرانڪ وانگر غير ذميداريءَ بجاءِ گهري نظر رکندڙ ۽ حساس آهي ۽ هن ڪان وڌيڪ پختو، باشعور مجاهد جنهن جو پنهنجي مقصد ۾ پختو يقين آهي ۽ پنهنجي هم وطن مردن ۽ عورتن لاءِ نهايت گهرا جذبا سانڍي ٿو، اهي ٽئي رپورٽر، پنهنجي، پنهنجي زندگيءَ جو داستان ٻڌائين ٿا. اهڙيون زندگيون، جڪي مصيبت واري دور سان

گذري آيون آهن. انهن مان هرهڪ جو پنهنجو اثر آهي. سندن زندگيءَ جي هرهڪ ورق ۾ هڪ ڏک اکر ۽ هڪ عظيم ليکڪ جو ڪردار محسوس ٿئي ٿو. انهن مان هرهڪ پورهيت عوام کان اهو سوال پڇي ٿو: توهان به هوند ائين ئي ڪريو ها، جيئن مون ڪيو؟" انهن مان هرهڪ جي اندر جو نچوڙ پڌرو ٿئي ٿو. انهن مان هرهڪ پنهنجي انسان پائڻ ڏانهن ليکڪ جي لاڙي جو عڪس پيش ڪري ٿو. انهن مان هرهڪ پنهنجي انقلابي ساٿين کي اهڙيون تدبيرون ۽ همتون ٻڌائي ٿو، جي هرهڪ انقلابيءَ کي زنده رهڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

انافرنڪ وٽ سندس نوجوانيءَ ۽ زندگيءَ لاءِ تڙپ آهي، پر سوئن وٽ تيز ذهن ۽ پنهنجي اندر جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي وڏي قوت آهي، ۽ جولس فوچڪ وٽ وري قربانيءَ جو جذبو، زندگيءَ سان پيار، بيپناهه همت ۽ اٿاهه حوصلو آهن.

هت اسين اهي تشبيهون ڇڏي، هن تخليق جو ذڪر شروع ڪري سگهون ٿا. هڪ اهڙي تصنيف، جنهنکي سرد جنگ جي آيل ديوارن سببان ڪميونسٽ دنيا کان ٻاهر مقبول ٿيڻ جو موقعو نه مليو آهي. هت اهو ٻڌائڻ نامناسب نه ٿيندو، ته اوڀر يورپ، سويت يونين ۽ چين ۾ هن تخليق کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو ٿو. جنگ کانپوءِ جيڪيون به ادبي تخليقون شايع ٿيون آهن، تن ۾

هن تصنيف جي اشاعت سينٽي ڪان وڌيڪ آهي.
هيءَ تصنيف ٥٦ ٻولين ۾ ڇپجي چڪي آهي ۽ جيڪا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ٻولين ۾ شايع ٿي رهي آهي. چيڪوسلاويڪيا ۾ هن تصنيف، اشاعت جا سورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ڪميونسٽن جيو سوت جي منهن ۾ انساني سورهيائيءَ جي عظيم ڪردار ادا ڪرڻ جو فقط هيءَ ئي هڪ مثال نه، پر ڪميونسٽ ادب ۾ سورهياءَ سان مقابلي ڪرڻ وارين عظيم آڪاٽين ۾ شمارجڻ سان گڏوگڏ هن ڌرتيءَ کي رهڻ لائق بنائڻ لاءِ انساني جدوجهد جي تاريخ جو اهم باب آهي، انهيءَ ڪري هن تصنيف کي هڪ سورهيه ۽ اڻل ارادي واري انسان جي سرگذشت سمجهي پڙهڻ گهرجي.

....

جيل ۾ لکيل هيءَ داستان جيتوڻيڪ مختصر آهي. تنهن هوندي به گذريل جنگ وقت چيڪوسلاويڪيا ۾ زير زمين تحريڪ جي صورتحال کي نهايت چڱيءَ طرح پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري ٿو. هن شاهڪار جو پڙهندڙ پراگ سان ٿيندڙ انقلابي سرگرمين کان پوريءَ طرح واقف ٿي ويندو ۽ چيڪ قوم بابت به ڪافي معلومات ملندي. اهو به ممڪن آهي ته هن تصنيف پڙهڻ کانپوءِ جولس فوچڪ جي هن کان اڳين سالن واري زندگيءَ بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي. يعني چيڪ عوام جي هيءَ محبوب ۽ سورهيه ساٿي

ڪٿي پيدا ٿيو؟

هيءَ ڪل مڪ سورهيه شخصيت دشمن سان مقابلي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪهڙي نموني زندگي گذاري هئي؟ باقي عوام اڳيان هڪ صحيح اڳواڻ جي حيثيت ۾ سندس شخصيت ڪيئن آسري؟ جنگ کان اڳ هن پنهنجي ملڪي عوام جي زندگي لاءِ ڇا ڪيو؟ بهرحال فوچڪ جي زندگيءَ بابت مٿين سوالن مان ڪن جي جوابن ڏيڻ جي هيٺين ڪوشش ڪجي ٿي:

جولس فوچڪ سال ۱۹۰۳ ۾، پراگ شهر جي هڪ صنعتي علائقي ۾ ڄائو هو. پٽس رڪ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ ڊرامن ۾ راڳ جو پارٽ ادا ڪندو هو. ماڻس وري سبڻ ۽ پرت جو ڪم ڪندي هئي. سندس ڇاڇي کي ٻه جولس فوچڪ سڏيندا هئا. هن دوراڪ جي استاديءَ هيٺ موسيقيءَ جو فن سکيو ۽ پوءِ پاڻ ڪيترين لوڪ ڌنون ناهيائين. سندس موسيقي برطانيه ۾ چڱي مقبول آهي ۽ بي بي سي تان هلڪن پروگرامن ۾ شامل ڪئي وڃي ٿي. فٽ بال ڏسندڙ ماڻهن ۾ سندس اها ڌن، جنهن ۾ فوجن جي پيش قدميءَ جو اظهار آهي، گهڻي مقبول آهي.

نوجوان فوچڪ کي راڳ ۽ موسيقيءَ سان پيار ورثي ۾ مليو ۽ خاص ڪري ٿيئٽر جي ڪم ۾ وڏي هوشياري، جنهن اڳتي هلي سندس زندگيءَ تي وڏو اثر وڌو. هو اڃا ادائي ورهين جو معصوم ٻار هو

جو پهرين پيرو اسٽيج تي آيو.

جولس اچا ڏهن سالن جو هو، ته سنڌس خاندان پاسين ۾ اچي لڳو، ۽ ٻئي سال ماڪ ۾ لڙائي شروع ٿي ويئي. سنڌس پيءُ اسڪوڊا ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. جولس رات پالي وقت هميشه پيءُ جي ماني آڻيندو هو، ان ڪري ننڍي هوندي ئي جولس کي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي زندگيءَ جي خبر پئجي ويئي. جنگ جي ڪري مزدورن جي بک ڏک جو ه ڪيس مڏيءَ طرح پتو پيو. هڪ پيرو هن ڏٺو ته هڪ فوجي لاريءَ مان ڊبل روٽيءَ جا ٽڪل چوري ڪندڙ ٻارڙن کي، فوجين گولين سان ختم ڪري ڇڏيو هو.

ٻارهن ورهن جي عمر ۾، هن اخبار نويسي شروع ڪئي، ۽ پاڻ ايڊيٽر ٿيو. سنڌس پهرين ننڍڙي رسالي جو نالو "سلووان" هو، جو اسڪول واريءَ زندگيءَ ۾ شايع ٿيو هو. ان ۾ ويٺانا مان جاري ڪيل سرڪاري پڌرائي، ڏيسارو جون خبرون، سماجي حالتن تي تبصرا، هڪ ادبي صفحو ۽ ٿيٽر ۽ راندين جون خبرون، ۽ اشتهار ڏنل هئا.

انهيءَ پهرينءَ ڪوشش مان ئي ظاهر ٿي ويو ته فوچڪ جو لکڻ جو طريقو بلڪل صاف ۽ انسان دوستيءَ وارو آهي. جنگ جي وقت جڙن حالتون ۽ اصل 'نالي' هيٺيون مضمون، "سلووان" جي پهرين پرچي مان کنيو ويو آهي:

"انيءَ ڊبل روٽي تي راشن سببان ڀلسين ۽ ٻين
هنڌن تي چڱي بيچيني پيدا ٿي آهي. مٿين توڙي هيٺين
طبقن جون عورتون ٻاهر گهٽين ۾ وڏي آواز راشن تي
بحث ڪري رهيون آهن، ۽ ڪي روئي به رهيون آهن."

"ڇا، روئڻ جو به ڪو سبب آهي"؟

"هائو، انن مائٽن وارو ڪٽنب زنده رهي! وڏيءَ
عمر وارا ته ويلو به ڪاٽي ڪانسواءِ به گذارو ڪري
سگهن ٿا، پر ٻارڙا ته اسڪولن مان موٽڻ تي جڏهن
ڊوڙي پنهنجين مائرن کي چنبڙندا ۽ چوندا آهن: اما، اما،
بک لڳي آهي! ماني ٽڪر ڏيو!، تڏهن اهڙ ويچاري
ڇا ڪري؟ ڀانيو ٿا ته ڏوءَ ائين ڪو چوندي: 'نه، اڄ تو کي
ماني نه ڏيندس!' هرگز نه! هوءَ ڪڏهين به ائين
ڪانه ڪندي، بلڪ پنهنجي ڊبل روٽيءَ مان وڏو ٽڪر
وڍي پنهنجن ٻچڙن کي ڏيندي، پوءِ ڀل پاڻ ڪيترن
ڏي ويلن جي بکايل ڇو نه هجي!"

ان ڪان پوءِ فوچڪ پيا به ڪيترا رسالا ڪڍيا،
انهن رسالن ۾، فوچڪ جي مضمونن مان پڙهندڙن کي
زندگيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ مشڪلاتن سر
ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جي تڙپ ظاهر ٿئي ٿي. هن
ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي اڳيان هڪ وڏو مقصد رکيو، ۽
۽ سورهين ورهن جي عمر ۾ هڪ مضمون ۾ لکيائين ته:

"مون کي خوشي فقط اخلاق جي اعليٰ معيار تي
ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر ڪير انهيءَ اعليٰ معيار تي پهچي

سگهي ٿـو؟ تنهن ڪري انهـيءَ معيار تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندي، اميد اٿـم تہ آخر آءٌ خـوشي ڪـي ڳولـي هٿ ڪندس پر هينئر آءٌ سوچيندي سوچيندي ڏالسٽاءِ جي انهيءَ اعليٰ اصول تي پهتو آهيان تہ انسان لاءِ حقيقي خوشي ڪم ۾ فقط ڪم ئي آهي!"

هو اڃا اسڪول ۾ ئي پڙهندو هو تہ هڪ طنزيہ رسالي، "نيبوسا" ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيائين. انهيءَ رسالي جا ايڊيٽر، جي. ايس- مچر ۽ ڪارل ڪاپيڪ هئا، جيڪي جديد چيڪ ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هن ان وقت هڪ فرضي نالي سان رسالي ڏي هڪ مضمون موڪليو، جيڪو فوري شايع ڪيو ويو. رسالي وارن ڪيس پنهنجيءَ پوري ائڊريس موڪلڻ لاءِ لکيو. فوچڪ پنهنجي ائڊريس ۽ نالو موڪليو ۽ ان ڪانپوءِ فوچڪ باقاعدگي سان انهي رسالي ۾ لکندو رهيو. نيٺ اهو وقت آيو، جو جي، ايس- مچر، جولس فوچڪ کي پراگ ۾ گهرائي، رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني، جو مچر کي فوچڪ جي مضمونن جي طرز ۽ خيال ڏاڍا وڻيا. فوچڪ پراگ شهر جي پراڻي حصي ۾، مچر جـي گهر پهتو ۽ گهنٽي وڄايائين. مچر پاڻ در تي آيو، پر در کولڻ تي ڏٺائين تہ ڦاٽل پتلون ۽ پراڻي فوجي قميص ۾ هڪ ڇوڪرو بيٺو آهي. سمجهيائين تہ فقير آهي ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي خيرات ڏيڻ لاءِ ٻہ ٽي پئسا ڪڍڻ لڳو. فوچڪ سمجهي ويو تہ ڳالهہ ڇا

آهي. پر هو مات ڪيو ويٺو رهيو. جڏهن ايڊيٽر صاحب فوچڪ جي همت تي خيرات جا پئسا رکڻ لڳو. تڏهن فوچڪ ڪلندي وراڻيس: سمجهان ٿو تم ڪا غلطفهمي ٿي آهي. اوهان تم مون کي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي." مچر ٿورو سنجهي پيو، ۽ فوچڪ وٽان ڪيس اهڙيءَ ثابتي ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي. جڏهين جولس فوچڪ پنهنجي سچائپ لاءِ لکيل ادبي شاهدي پيش ڪئي، تڏهين وچي ڪيس هڪدم ايڊيٽوريل بورڊ ۾ وڏيءَ خوشي سان شامل ڪيو ويو.

فوچڪ پڙهندو تمام گهڻو هو ۽ ڪتاب سندس زندگيءَ جي ضرورت جو هڪ اهم جز هئا. ١٩١٩ع ۽ ١٩٩٢ع جي وچ ۾، هن جيڪي ڪجهم پڙهيو، تنهن جو تفصيلي رڪارڊ اڄ بہ سلامت آهي. اهو رڪارڊ ڇهم سو صفحن جو آهي. ان ۾ فوچڪ هر انهيءَ ڪتاب جو تجربو ڪيو آهي، جيڪو سندن نظرن مان گذريو آهي. ان مان سندس ادبي شوق، سندس شعور جي قوت ۽ گهرائي ظاهر ٿئي ٿي. هن چيڪ ادب جو تمام گهڻو مطالعو ڪيو، ۽ گڏوگڏ انگريزي، فرينچ، روسي، آمريڪي ۽ جرمن ادب جي بہ ڪيس چڱي ڄاڻ هئي. فوچڪ انگريزي زبان جي اديبن مان شيڪسپيئر، شيلي، بائرن، آسڪروائيلڊ، ڪپلنگ، برنارڊشا، ۽ ايچ- جي ولس جي لکڻين جو گهرو مطالعو ڪيو. هن ١٩٣٨ع ۾، پنهنجي نئين ذهن جي شروعات واري دور تي نظر وجهندي

لکيو آهي، ته جڏهن آسپاس نظر ورائي ڏٺم، آءٌ جنگ جي زماني ۾ وڏو ٿيس تڏهن محسوس ڪيم ته هن دنيا ۾ ڪا وڏي خامي موجود آهي، جنهن سببان زندگيءَ جا ڳولائو انسان، پنهنجي مرضيءَ نه هوندي به مجبور ٿي هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا. ٻين لفظن ۾ ڪٽي چئجي، ته مون معاشري تي نڪتچيني شروع ڪئي، ڪتاب ۽ ٿيئٽر منهنجي زندگيءَ جو وڏو ۽ اهم حصو رهيا. مون انهن ڪي ڦلهورڻ شروع ڪيو. ڪتابن کي ڦلهوريندي انهيءَ نتيجي تي پهتس ته ڪي ٿورا ڪتاب سچ ڳالهين ٿا، باقي اڪثر ته بنهه ڪوڙ تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن، ته ڪي وري بنهه انڌا ٻوڙا آهن. مون فيصلو ڪيو ته مون کي هيءَ ضرور اپيل ڪرڻي پوندي ته ڪنهن به ڪتاب کي ڪوڙ ڳالهائڻ يا انڌو ٻوڙو ٿيڻ نه گهرجي. دنيا کي بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۾ مون حقيقت جي انهيءَ اظهار کي پنهنجو فرض سمجهيو. اهڙيءَ طرح مون ڪتابن ۽ ٿيئٽر بابت فقط تنقيدي نگاهه سان لکڻ شروع ڪيو.

پر، فقط ڪو اهڙو ماڻهو نه هو، جيڪو پاڻ کي رڳو لکڻ جي عمل تائين مطمئن رکي سگهي. سماجي انصاف لاءِ سندس سيني ۾ اٿاهه تڙپ، هم وطن غريب عوام ساڻ ويجهائپ پيدا ڪندي، کيس، زندگيءَ جي بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد ۾ سرگرم حصي وٺڻ ڏانهن جهڪي ويئي. ڪافي دلچسپين ۽ بي پناهه دماغي قوت

جي باوجود، هن پنهنجي سموري قوت جدوجهد دوران عوام مان ئي حاصل ڪئي. اهو عوام جنهن مان پاڻ پيدا ٿيو ۽ جن جي ڏکن سورن ۾ ننڍپڻ کان ئي پاڳي پائيوار ٿيڻ لڳو، يعني ڇيڪ مزدور ۽ خاص ڪري شهري مفلس عوام، هو شروع کان ئي جيڪي ڪجهه لکندو هو، تنهن مان عوام سان ويجهڙائي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. عوام سان خيالن جي ڏي وٺ جو سنڌس اهوئي، طريقو هوندو هو ۽ هن انهيءَ مقصد لاءِ اخبار کي استعمال ڪيو هو "ڦاسي جي تختي تان" جي مهاڳ ۾ اٺويهين صديءَ جي چيڪ اديب، جان بروڊا، فوچڪ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: اخبار جيڪا زندگيءَ جي اوٿاين کي ظاهر ڪرڻ جو بهتر وسيلو آهي، هو اخبار رستي ئي عوام جا جذبا پيش ڪندو هو، کين دلداري ڏيندو هو ۽ سنجهن همت ۽ حوصلي پيدا ڪرڻ لاءِ نئون روح ڦوڪيندو هو. پيو اهڙو ايڊيٽر شايد مشڪل ملي، جنهن اخبار کي پنهنجي اعليٰ انساني جذبن ظاهر ڪرڻ لاءِ، بيباڪيءَ سان استعمال ڪيو هجي، جنهن نموني جولس فوچڪ استعمال ڪيو. هو هڪ عظيم اديب ۽ اعليٰ صحافي هو ۽ سندس قلم سچي چمار عوام جي دشمنن جي خلاف مضبوط تلوار جيان وهندو رهيو. سندس اڪثر ڇپيل ڪتاب اخبارن ۾، شايع ٿيل مضمونن جا مرتب ڪيل مجموعا آهن. انهن کي فقط اخباري مضمون چوڻ، ڪنهن به طرح مناسب نه آهي.

فوچڪ جي هميشه اهائي خواهش هوندي هئي، ته عوام ۾ سجاڳي آڻڻ کان سواءِ ڪو به پل لکڻ کان واندو نه رهجي. پر پوءِ جڏهن اڳتي هلي عوام دشمن خلاف موثر عملي ڪارروايون ڪرڻيون پيون، تڏهن فوچڪ هڪ بهادر سپاهيءَ جيان، دشمن سان هر محاذ تي وڙهندو رهيو.

جيتوڻيڪ جڏهن فوچڪ جا مضمون فقط وقتي اهميت جا حامل هجن ها ته، ويهه سالن کان پوءِ ڇپجڻ بعد سندن ۾ ڪابه ڪشش نه رهي ها. حقيقت ۾ ته اهي مضمون هڪ نرالي خصوصيت جو ادب آهي. هن دور جي چلنيءَ جي هڪ وڏي شاعر پبلونرودا، لکيو آهي ته "اسين هڪ اهڙي دور ۾ رهون پيا، جنهن کي ادب ۾ هڪ ڏينهن 'فوچڪ جو دور' سڏيو ويندو. تاريخ ۾ شايد ڪنهن به اديب جي تصنيف ۾ ايتري سادگي ۽ ايڏي وڏي سچائي پيش نه ٿي آهي، جيڏي جولس فوچڪ جي لکڻيءَ ۾ آهي."

فوچڪ بعد ۾ سياسي سرگرمين ۾ گهڙي پيو. ياد رهي ته سندس وطن ترقيءَ جي انتهائي مشڪل مرحلن تي هو. بوهيميا، قديم زماني ۾ هڪ وڏي بادشاهت هئي، پر بوهيميا تي ٣٠ ساله جنگ جي شروعات سان بدقسمتي ڇانئجي ويئي. جڏهن ١٦٢٠ع ۾، سفيد جبل جي لڙائي اينڌڙ ٽن سئو سالن لاءِ ملڪ جي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو، تڏهن بوهيميا آسٽريليا جو غلام ٿي ويو.

پهرين عالمي لڙائيءَ وقت، اوڀر روسي ۾ انقلاب آيو، جنهن سڀني قومن لاءِ "خودارادیت" واري حق جو مطالبو ڪيو ۽ اولهه ۾ اتحادي ملڪن اعلان ڪيو، ته چيڪ ۽ سلواڪ قومن جي ڀيهر آزادي قائم ڪرڻ، سندن جنگي مقصدن ۾ شامل آهي. انهيءَ کان پوءِ چيڪ ۽ سلواڪ قومن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو، ته سندن سڀ کان عزيز خواهشون پوريون ٿي سگهن ٿيون. چيڪوسلاويڪيا اندر، جيئن پوءِ ٿيئن گهڻا مظاهرا ٿيڻ لڳا، جن جي ڪري لڙائي جي ٽن محاذن تي وڙهندڙ هزارين چيڪ باشندن ۾ نوان جذبا پيدا ٿيا. هنن اتحادين کان اها ڳالهه مڃرائي ته، چيڪوسلاويڪيا هڪ اتحادي ملڪ آهي. ان بعد چيڪوسلاويڪيا جي مدبرن جي ڪوشش کي وڌي هٿي ملي. اهڙي هڪڙي مظاهري ۾ ١٠ سالن جو جولس، پهريون ڀيرو سياسي جدوجهد جي ميدان ۾ آيو. جيڪو يوم مئيءَ جي موقعي تي غير قانوني نمونې ڪيو ويو.

ڪجهه سالن کان پوءِ فوچڪ لکيو، ته ٢٨ آڪٽوبر ١٩١٨ع تي هڪ ماڻهو شاگردن ۽ مزدورن جي ميٽنگ ۾ ڊوڙندو آيو ۽ چيائين ته پراگ ۾ جمهوريه چيڪوسلاويڪيا قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان علان اسان ۾ زبردست جوش و خروش پيدا ڪيو. ميٽنگ اٽڪل اڌيءَ رات تائين هلي مون گهر موٽندي محسوس ڪيو ته هڪ ٻن دوستن کي ننڊ مان اٿاري خبر ٻڌايان، انهن

مان هڪ سوشل ڊيموڪريٽ هو، جيڪو هن واقعي جي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. هن سوال ڪيو ته ”اسانجي آزاديءَ جو ڪنهن اعلان ڪيو آهي؟ ۽ نئين آزاديءَ جو اڳواڻ ڪير آهي“؟ فوچڪ جو چوڻ آهي ته مونکي سخت گهٻراهٽ ٿي. ته ڇا، اِها سڄيءَ قوم لاءِ آزادي نه هئي؟،

اها ڳالهه ٻولهه اهميت واري هئي، ڇاڪاڻ ته انجو سندس سوچ ۽ ويچار تي گهڻو اثر پيو ۽ ايندڙ سالن ۾ جيڪي ڪجهه لکيائين؛ تنهن مان اڪثر شين کي، سمجهڻ لاءِ هڪ پرک ڪسوٽي آهي. سال ٻن کانپوءِ ۱۹۲۰ع ۾، هو سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جي ڪاٻيءَ ڌر ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ جڏهن ۱۹۲۱ ۾ چيڪوسلاويڪيا ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي وئي، تڏهن هو، پارٽيءَ جي بنياد وجهندڙ ميمبرن مان هڪ هو.

تعليم واري زماني ۾ به هو ڪاٻيءَ ڌر جي اخبارن ۾ مضمون لکندو هو. فوچڪ جا اهي شروعاتي سال به سرگرمين سان ڀرپور هئا. اخبارن ۾ مضمون لکڻ جي ڪم مان گڏو گڏ کيس ڪجهه شلنگ ڪمائڻ لاءِ به رستا ڳولڻا پيا، ته جيئن يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جاري رکي سگهي. کيس مضمونن جو اجورو بالڪل ٿورو ملندو هو.

هن پيٽ گذر لاءِ، پينسلن جي اشتهارن جو ڪم شروع ڪيو، پر ان ڌنڌي ۾ گهڻو وقت ڪين رهيو.

هن جڏهن پينسان جي اشتهارن لاءِ گهٽن ۾ نڪرندو هو، تڏهن ماڻهو گهيري ويندا هئس ۽ جيڪڏهن ڪو واقف ماڻهو ملندو هوس، ته ڏنڊي ڪي وساري ان سان سوشلزم ۽ چيڪ ادب تي بحث شروع ڪري ڏيندو هو.

هڪ ٻئي موقعي تي هڪ دڪاندار، هن کي پاڻ وٽ نوڪري ڏيڻ تي راضي ٿيو. فوچڪ تي اها ٻڌوڻي هئي، ته هو گراهڪن کي گهربل سامان گهر پهچائي ڏئي، پر نوڪري تي چڙهڻ کان اڳ جڏهن دڪاندار پڇيو ته ”هن کان اڳ ڇا ڪندو هئين؟“ تڏهن فوچڪ کيس ٻڌايو ته ”يونيورسٽي“ ۾ فلسفو پڙهي رهيو آهيان“ فوچڪ جو ائين چوڻ دڪاندار جي اکين اڳيان چڻ ته ڪارا ڪڪر اچي ويا، ۽ هن نوڪري ڏيڻ جي آڇ هڪدم واپس ورتي.

يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ، فوچڪ حڪومت جي تعميراتي کاتي جي هڪ آفيس ۾ ڪم شروع ڪيو. پر سندس اها نوڪري به جٽادار ثابت نه ٿي، چاڪاڻ ته اتي ڪم ڪندڙ مزورن جي ٻڌيرائيءَ ۽ هڙتال ڪرڻ لاءِ همٿائڻ تي، کيس نوڪريءَ سان ڪڍيو ويو. هو پوءِ رستي تي ڪم ڪندڙ مزدورن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو ۽ هر ڇنڇر تي پراگ ۾ وڃي. ”سوشلستا“ ۽ ”پرامين“ رسالن لاءِ ٿيئٽر تي تبصرا لکندو هو.

١٩٢٥ ۾ هو ٻين ٻن ڄڻن سان گڏ ”انوات گارڊ“ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ اهڙي نموني پوريءَ طرح ان

ڏنڊي ۾ گهڙيو. آتي هن پنهنجو چڱو نالو پيدا ڪيو،
ساڳئي سال ”روديپرادو“ نالي هڪ روزانه اخبار ۾
ٿيئٽر بابت مضمون ۽ تبصرا لکڻ شروع ڪيائين، ١٩٢٧ع
کان ١٩٢٩ تائين. هو رسالي ”ڪمين“ جو ايڊيٽر هو
۽ ١٩٢٧ع کان وٺي هو هڪ سکيم نقاد جي حيثيت ۾
لکندو رهيو. ان بعد ”توريا“ نالي هڪ رسالي جو
ايڊيٽر ٿيو ۽ جنگ وارن سالن جي برک نقاد،
ايف ايڪس سالڊ، سان گڏجي ڪم ڪيائين. هن اتي ڪم
ڪندي، ٿوري ئي عرصي ۾ ظاهر ڪيو ته منجهس
هڪ ئي وقت گهڻن رسالن جي ايڊٽ ڪرڻ جي وڏي
قوت ۽ صلاحيت آهي. جڏهن نازين سندس ملڪ تي
قبضو ڪيو، تڏهن هو ساڳئي وقت ۾ ٩ زير زمين
ڏنڊيون اخبارون ۽ ڪيترا رسالا ايڊٽ ڪندو رهيو.